ايوب فقير جو رسالو

(ايوب فقير آريسر جو ڪلام)

سهڙيندڙ

زوهيب آريسر

ثقافت کاتو، حڪومتِ سنڌ

ايوب فقير جو رسالو

ثقافت کاتو، حڪومتِ سنڌ

تعارف

نالو: محمد ايوب

والد جو نالو: محمد يوسف

ادبي سڃاڻپ: ايوب فقير

ذات: آريسر

جنم: 1919ع

جنم هنڌ: ڳوٺ هوندو آريسر، تعلقو پٺورو

تعليم:

سنڌي فائنل

قرآن پاڪ مڪمل

عربي ۽ فارسي مڪمل

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتاب

"ڪافيون" ۾ تعارف ۽ ڪافيون ڇپيل

خانصاحب عبدالڪريم 'ڪريم' پليءَ جي ڪتاب

"وايون وڻجارن جون" ۾ تعارف ۽ ڪافيون ڇپيل

انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي جلد پهرئين ۾ تعارف ڇپيل

وفات: 1974ع، 9 ذوالحج 1394هه

آخري آرام گاهه: قبرستان آراڙو پرڳڙي

ثقافت کاتو، حڪومتِ سنڌ

Gul Hayat Institute

ايوب فقير جو رسالو

[ايوب فقير آريسر جو ڪلام]

سهيڙيندڙ

زوهيب آريسر

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ:

ڪتاب جو نالو:	ايوب فقير جو رسالو
موضوع:	شاعري
ڇاپو:	پهريون، 2018ع
ڳاڻيٽو:	1000
لي آئوٽ:	امتياز علي انصاري
ڪمپوزنگ ۽ سيٽنگ:	نظير چانڊيو
ٽائيٽل:	عرفان ميمڻ
ڇپائيندڙ:	ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ
ڇاپيندڙ:	نيو انڊس پرنٽنگ پريس
قيمت:	300/_

ملڻ جو هنڌ

ڪلچر ڪتاب گهر

سامهون ايم. پي. اي هاسٽل، غلام حسين هدايت الله روڊ

ڪراچي، سنڌ. 77400

فون: 021_99206073

Gul Hayat Institute

!

ارپنا

كافيءَ جي سيبتي شاعر

عبدالكريم 'كريم' پليءَ جي نالي

- زوهيب آريسر

!

Gul Hayat Institute

فهرست

- پبلشر پاران 7
- ايوب فقير آريسر جو تعارف 9
- مُرتب پاران: زوهيب آريسر 13
- مقدمو: علي نواز آريسر 17

ايوب فقير آريسر جو ڪلام

1	نعت	29
2	پيروي	31
3	ڌناسري	73
4	جوڳ	81
5	بلاول لوڙائو	103
6	سسئي	127
7	راڻو	131
8	سارنگ	135
9	سورٺ	139
10	ڪلنگڙو	143
11	پيلو	147
12	وهاڳڙو	151
13	مارو	155
14	ڪارايل	159

15	توڙي حسيني	163
16	آسا	167
17	ڪانرو/ ڪانروپير	187
18	پرڀاتي	193
19	تلنگ	203
20	پهاڙي	211
21	مانجهه	219
22	ڪوهياري	231
23	شام ڪلياڻ/ڪلياڻ	243
24	ڪافيون	249
25	متضاد ڪافيون	265
26	سرائيڪي ڪافيون	283
27	وايون	303
28	بيت	315
29	هندي ٻچن	329
30	ڏکين لفظن جي معنيٰ	345

Gul Hayat Institute

پبلشر پاران

ثقافت کاتي سنڌ طرفان، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي ترقي ۽ ترويج جي سلسلي ۾، مختلف قسم جا اپاءُ ورتا ويندا رهيا آهن. سنڌي ادب جي مختلف شاخن تي، سنڌيءَ ۾ ڪتاب شايع ڪرڻ ان سلسلي جي اهم ڪڙي آهي. سنڌي ادب ۾ تحقيق، ڪهاڻي، تنقيد ۽ شعر مختلف صنفون حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، جا ڪيترا ڀيرا رسالا شايع ڪيا ويا آهن.

هتي انهيءَ حقيقت کان قطعي طور تي انڪار ممڪن ڪونهي تہ شاعر پنهنجي تخيل جي ڪارفرماني، سان انسان جي علم ۽ فهم کي فروغ ڏيئي ٿو. اصل ۾ شاعري، انساني جذبي جو پيو نالو آهي ۽ قديم زماني کان انسان، جڏهن کان پنهنجي شعور جي اک کولي آهي تہ ان وقت کان هو دعائن، مناجاتن ۽ مذهبي گيتن ذريعي، پنهنجي اندر جي آواز کي اجاگر ڪندو پيو اچي. سنڌ ۾ بہ وائي، ڪافي، بيت، گيت، ۽ شاعري جي ڪيترين صنفن تي طبع آزمائي جو سلسلو جاري آهي.

ڪافي سنڌي ٻوليءَ جي اوائلي ڪلاسيڪل صنف آهي ۽ هن وقت ڪافي تمام گهٽ لکي پئي وڃي. ايوب فقير آريسر، ڪافيءَ جو شاعر ٿي گذريو آهي، جيڪو مخدوم طالب المولىٰ، شاهنواز شاهہ، عارف المولىٰ ۽ خانصاحب عبدالڪريم "ڪريم" پليءَ ۽ سندس شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جو نچپڻو موجود آهي ۽ سندس شاعريءَ جي اڏام اڳيري پڻ آهي. سندس شاعريءَ کي پڙهندي اهو پڻ محسوس ٿئي ٿو تہ هن کي سنڌيءَ سان گڏ عربي، فارسي، سنسڪرت ۽ هنديءَ جي سُڌ ٻڌ هئي ۽ هن سرائيڪي ڪافيون لکيون آهن ۽ هندي ڇچڻ پڻ ڇيا

آهن. سندس شاعريءَ ۾ ڪيترا اهڙا لفظ استعمال ٿيل آهن، جيڪي هاڻي متروڪ ٿيندا پيا وڃن.

نوجوان شاعر زوهيب آريسر وڏي محنت ڪري ايوب فقير جي شاعري گڏ ڪئي آهي، جنهن ۾ ڪافيون، وايون، بيت ۽ پڇن آهن، پر سندس ڪافين جو تعداد گهڻو آهي. ان ڪانسواءِ هن گهڻي محنت ڪري، مختلف لغتن مان مدد وٺي ڏکين لفظن جي معنىٰ پڻ ڏني آهي، تہ جيئن نئون نسل انهن ڏکين لفظن جي اصليت کان واقف ٿي سگهي. ايوب فقير جو تعارف ۽ ڪافيون، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪافين واري ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي ۽ خانصاحب عبدالڪريم "ڪريم" پلي پڻ پنهنجي ڪتاب "وايون وڻجارن جون" ۾ سندس تعارف ڏنو آهي، ان مان سندس علمي بصيرت جي پرک پئي ٿي.

شاعريءَ جو هي ڪتاب "ايوب فقر جو رسالو" جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي، ٿرپارڪر ضلعي جي هڪ اهڙي شاعر جو ڪلام آهي، جيڪو اڻ ڇپيل ۽ ٽڙيل پکڙيل هو. دراصل ڪنهن وقت ۾ سنڌ جو مشهور شاعر خانصاحب عبدالڪريم پليءَ جو عمرڪوٽ لڳ ڳوٺ ۽ سندس اوطاق ٿرپارڪر جي اديبن ۽ شاعرن جو آرام گاهہ هوندي هئي. عبدالڪريم پليءَ سدائين اديبن جي ڇپر ڇانوَ رهيو. سندس اوطاق تي ڪنهن وقت اديبن ۽ شاعرن جا ميلا متل هوندا هئا. سندس پاءُ ۽ خوبصورت شاعر راج محمد علي مرحوم ۽ وفا پلي پڻ ڪنهن کان گهٽ نہ رهيا. هن وقت وفا پليءَ جي شاعري بہ ڳائي وڃي ٿي.

جيئن مٿي ذڪر ڪيم تہ هن ڪتاب جو خالص ايوب فقير پڻ خانصاحب عبدالڪريم پليءَ جي صحبت ۾ شاعر ٿيو. پر چون ٿا تہ ڪيس ننڍڙي هوندي کان شاعري جو شوق هو ۽ الله پاڪ کيس آواز

Gul Hayat Institute

پڻ تمام سُريلو ڏنو هو. ان ڪري راڳ جو بہ ڄاڻو ٻڌجي ويو ۽ اڪثر شاعري ڳائي ٻڌائيندو هو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪافيون، وايون، بيت ۽ پيچن بہ لکيا آهن. جن کي پڙهندي محسوس ٿئي ٿو تہ شاعر جي اندر ۾ اهو ئي پيغام لڪل هو جيڪو سنڌ جي اڪثر صوفي شاعرن پنهنجي شاعري ۾ پيئي ڏنو آهي. سنڌ جو مشهور عالم پير حسام الدين راشدي چوي ٿو تہ سنڌ جو فڪر ۽ سنڌ جو ذهن ڳولڻو هجي تہ اهو غزل تہ شاعرن جي ديوانن مان نٿو ڳولي سگهجي، بلڪ اهو ڪافين، ڏوهيڙن ۽ ٻين بيت سنڌي صنفن جي کاڻ مان، مڻين ۽ هيرن کي ڪڍي پروڙي ۽ پرکي سگهجي ٿو. انهيءَ وٽ کي سنڌ جا رهاڪو دلي جي وڄت چيڙن جي جهانءَ ۾ يڪتاري جي سُرتال تي ڪن تي هٿ رکڻ بعد، الوميان سان شروع ڪندا آهن.!

سچ پچ تہ سنڌي شاعرن جي اها نمايان خصوصيت آهي، تہ اها پڙهڻ سان گڏوگڏ سُر ۽ تال سان ڳائي پڻ سگهجي ٿي ۽ وڏي ڳالهہ اها خاصيت دنيا جي گهٽ ٻولين ۾ موجود آهي.

ايوب فقير پنهنجي شاعري يعني ڪافيون ڪندي ئي سُرن ۾ لکيون آهن، جن ۾ پيروري، ڏناسري، جوڳي، بلاول، سسئي، راڻو سورٺ، مارو، ڪارايل، توڙي آسام پرڀاتي، ڪوهياري، ۾ شامل آهي. تنهن کانسواءِ سندس هندي پيچن، بيت، وايون ۽ سرائيڪي ڪافيون پڻ موهيندڙ آهن.

وڏيڪ ساٿ سلامت

غلام اڪبر لغاري
سيڪريٽري ثقافت، سياحت
ڪراچي

Gul Hayat Institute

مُرتب پاران

آءٌ پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ انتهائي سُست رهيو آهيان، جو ڪو ڪم پنهنجي مقرر وقت تي نہ ڪري سگهيو آهيان ۽ نہ ئي ٿيندو آهي. جڏهن تہ هڪ شاعر/ليکڪ کي ايترو لاپرواهہ ۽ خود غرض ٿيڻ نہ گُهرجي، ڇاڪاڻ جو ليکڪ قومن جا سُونهان هوندا آهن ۽ قومن کي سنئين دڳ طرف وٺي وڃڻ جي ذميواري شاعرن/ليکڪن جي هوندي آهي. انهي لاپرواهي، خودغرضي ۽ سُستيءَ جي ڪري مون پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ علمي، ادبي توڙي سياسي ۽ سماجي نقصان پڻ ڪاڏا آهن. منهنجا دوست انهي لاپرواهيءَ جي ڪري مون کي ٽوڪيندا بہ آهن تہ: ”تون هيترين خاصيتن جي باوجود زندگيءَ ۾ ڪري ڪجهہ بہ ناهين سگهيو.“ ۽ واقعي اها ڳالهہ ڪنهن حد تائين دُرست بہ آهي.

فقير محمد ايوب آريسر جي هن رسالي کي ترتيب ڏيڻ ۾ دوستن جي رهنمائي، حوصلي افزائي ۽ ننڌا سان گڏ هڪڙو سبب اهو بہ آهي جو آءٌ پرائمري استاد آهيان ۽ مون جنهن اسڪول ۾ پڙهايو پئي، اُن اسڪول ۾ ٻار بہ گهٽ‍ا هئا تہ والدين جو بہ توجهہ هو، پر تعليم کاتي طرفان تعليم جي سڌاري لاءِ شروع ڪيل بائيو ميٽرڪ سسٽم جي رائج ٿيڻ ڪانپوءِ مون کي اُنهي اسڪول مان بدلي ڪري، اهڙي اسڪول ۾ رکيو ويو، جتي هڪ بہ ٻار موجود نہ هوءِ انهي وانڪائيءَ جي ٽائيم ۾ ويهي مون هي رسالو ترتيب ڏنو، جنهن لاءِ آءٌ تعليم کاتي ۽ بائيو ميٽرڪ سسٽم جي عملدارن بہ ٿورائتو آهيان نہ تہ شايد هي مواد اڃا بہ ڪيترو عرصو فائيلن ۾ پيو سڙي ها.

فقير ايوب سنڌ جو ڪافي گو شاعر ٿي گذريو آهي، هن سنڌي ڪان علاوه سرائيڪي ۽ هنديءَ ۾ بہ ڪلام چيو آهي ۽ سندس شاعريءَ ۾ سنسڪرت، فارسي، عربي، هندي ٻولين جا ڪيترائي لفظ شامل آهن، جنهن مان پتو پئي ٿو تہ سندس مطالعو ۽ مشاهدو وسيع هو ۽ هن سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترا ٺيٺ لفظ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪتب آڻي انهن کي ضايع ٿيڻ کان بچائي ورتو آهي.

فقير ايوب جي ظاهري/دنياوي تعليم سنڌي فائينل ۽ قرآن پاڪ جي تعليم پنهنجي ڳوٺ هوندو آريسر ۾ استاد مبارڪ آريسر ۽ حافظ حمزي وٽان حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم عربي ۽ فارسي لاءِ مدرسي مظهرالعلوم ولهيٽ ۾ استاد عبدالڪريم ساند جي نگرانيءَ هيٺ داخل ٿيو ۽ پوءِ بدين جي مدرسي مظهرالعلوم ۾ استاد غلام علي گوپانگ جي نگرانيءَ ۾ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم مڪمل ڪيائين.

هن شاعريءَ جي شروعات ڦُوهہ جوانيءَ ۾ ولهيٽ جي مدرسي ۾ پڙهائي دوران ڪئي، اُن وقت جا مدرسا موجوده وقت جي مدرسن کان ڏاڍا مختلف هوندا هُئا. اُن وقت جا استاد پنهنجي شاگردن کي هفتي جو هڪ ڏينهن ذهن کي تازگيءَ ڏيڻ لاءِ موڪل ڏيندا هُئا، ان هڪ ڏينهن ۾ وندر ورونهن جي ٻين مصروفيتن سان گڏ استادن طرفان شاگردن کي پابند ڪيو ويندو هو تہ هُو شاعريءَ تي طبع آزمائي ڪن ۽ راڳ ٻڌائن. استادن طرفان ٿيندڙ اهڙي پيشڪش فقير ايوب لاءِ لاڀائتي ثابت ٿي ۽ هن پهريون شعر پنهنجي استاد عبدالڪريم ساند کي لکي ڏيکاريو تہ هُو تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ کيس تاڪيد ڪيائين تہ هُو شاعري ڪندو رهي ۽ راڳ جي حوالي سان تہ ايوب فقير جي آواز ۾ درد جو سوز هوندو هو جنهن ڪري سندس گلي مان جيڪي سُر نڪرندا هُئا، انهن جو سوز ٻُڌندڙن تي عجيب سحر

طاري ڪري ڇڏيندو هو. ايوب فقير راڳ جو وڏو ڄاڻو هو. هُو جڏهن پنهنجي موج ۾ مستيءَ ۾ اچي تنبورو کڻي 'الو ميان' ڪندو هو تہ اڻ اظهاريل لفظ اظهار جو رُوپ ڌاري شاعريءَ جي صورت ۾ سندس مٿان مينهن گهٽين جيان وسڻ شروع ڪندا هُئا ۽ هُو انهن لفظن کي شاعريءَ جي مختلف راڳڻين ۽ رُوپن ۾ سمائي امر ڪري ڇڏيندو هو. اهڙيءَ طرح هن فقير مٿان شاعريءَ جا دروازا هِرڪ ۽ بافتي جي ڪپڙي جي ٿانُ جيان کُلندا ويا. هن شاعريءَ ۾ ڪافيون، وايون، بيت ۽ هنديءَ ۾ ڀَڄن لکيا آهن، جن کي پڙهندي محسوس ڪجي ٿو تہ سندس شاعريءَ ۾ عالمِ انسانيت جو پيغام آهي. جيڪو سنڌ جي سيني صوفي شاعرن ڏنو آهي. ايوب فقير جو ڪلام ان سلسلي جي ڪڙي آهي. ايوب جو ڪلام کهڙي معيار جو آهي، ان بابت فيصلو پڙهندڙ پاڻ ڪن تہ وڌيڪ بهتر ٿيندو. باقي آءٌ ايترو ضرور چوندس تہ ايوب جي شاعري موسيقيءَ جي سيني لوازماتن تي پوري لهي ٿي ۽ ان کي مختلف راڳڻين ۾ هن پاڻ ڳائي ان جون راڳڻيون ترتيب ڏئي ڇڏيون آهن. جنهن ڪري آءٌ يقين سان چوان ٿو تہ ايوب فقير جو هيءُ رسالو شاعريءَ سان دلچسپي رکندڙن لاءِ لاڀائتو ثابت ٿيندو.

آخر ۾ آءٌ پنهنجي دوستن انجنيئر محمد صديق ساند، سائين تاج جويي، قاري عبدالغفور ڪنير، غلام علي آريسر، غلام رسول مگرئي، حافظ فاروق آريسر، مهراج روهيت ڪمار، حڪيم نور آريسر، آنند رام ڀيل ۽ پنهنجي پياري پُٽ عبدالغفور آريسر جو بيحد ٿورائتو آهيان، جن ايوب فقير جي هن رسالي جي ترتيب ۾ وِڪ وِڪ تي منهنجو ساٿ ڏنو ۽ هر طرح جي رهنمائي ڪئي، انهن دوستن جون محبتون ۽ ساٿ نہ هجي ها تہ شايد سالن کان پيل هي ادبي خزانو اُڏهي جو کاڄ ٿي وڃي ها. ان ڪانسواءِ آءٌ بيحد ٿورائتو آهيان سيد سردار علي

Gul Hayat Institute

شاھہ جو جنهن ثقافتي کاتي حڪومت سنڌ پاران، هي رسالو ڇپرائي هن ادبي خزاني کي محفوظ ڪيو.

هن رسالي جي ترتيب ۾ آءٌ ڪيترو ڪامياب ٿيو آهيان، ان جو فيصلو نقادن تي ڇڏجي ٿو پر آءٌ فقط ايترو چوندس تہ مون هي پورهيو دل سان ڪيو آهي، جيڪو اُميد تہ پڙهندڙن کي قبول پوندو.

تاريخ — اوهان جي محبتن جو منتظر

3 آڪٽوبر 2017ع — زوهيب آريسر

0346_2372113

مقدمو

سنڌي شاعريءَ جون نج صنفون ڪافي، وائي، بيت ۽ لوڪ گيت آهن، ٻيون صنفون مائيگريشن ڪري اچي سنڌي شاعريءَ جو حصو بڻيون آهن، اها سنڌي ٻوليءَ جي وُسعت آهي، جو ڌارين ٻولين جي صنفن کي ايئن سمائي پنهنجو ڪيو آهي، جو اُهي هاڻي ڌاريون لڳن ئي ڪونہ ٿيون. البتہ اسان جي موجوده شاعرن ڌارين صنفن کي پنهنجائڻ سان گڏ پنهنجي ٻوليءَ جي نج صنفن ڪافي، وائي، بيت ۽ گيت کي بہ وساريو ڪونهي ۽ نہ اُن کي ڇڏيو آهي. البتہ بيت ۽ وائيءَ جي ڀيٽ ۾ ڪافي گهٽ لکي وئي آهي، پر ڪافي جهڙي مانائتي صنف کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي. هتي آءٌ هڪڙي ڳالهہ واضح ڪرڻ ٿو چاهيان تہ ٻوليءَ جو جيڪو حُسن سنڌيءَ جي اوائلي صنفن ۾ آهي، اُهو ڌارين صنفن ۾ بلڪل ڪونهي، ڇاڪاڻ جو شاعر جو تخيل پنهنجي ٻوليءَ جي فطرت کي ويجهو هوندو آهي ۽ جيڪو شاعر پنهنجي فطرت کان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، اُهو ڄڻ تہ پنهنجي تخيل کان پري ڀڄندو آهي ۽ فڪر جي آبياري جيڪا پنهنجي ٻوليءَ جو ادب ڪندو آهي، اُها ٻي ٻوليءَ جو ادب هرگز نہ ٿو ڪري سگهي، تنهنڪري پنهنجي ٻوليءَ جي اصلوڪين صنفن کي ڪنهن بہ صورت ۾ ڇڏڻ نہ گهرجي، بلڪ انهن ۾ نوان تجربا ڪري دنيا جي ادب سان ڳنڍڻ جي بہ ضرورت آهي. سنڌ جي ناليواري عالم پير حُسام الدين راشديءَ جي هي راءِ ان سلسلي ۾ اهميت رکي ٿي تہ:

”سنڌ جو فڪر، سنڌ جي تعليم ۽ سنڌي ذهين جي

Gul Hayat Institute

جيڪڏهن تلاش ۽ تحقيق ڪرڻي هُجي تہ اُها غزل گو شاعرن جي ديوانن مان نٿي ڪري سگهجي، بلڪ ڪافين، ڏوهيڙن ۽ ٻين ٺيٺ سنڌي صنفن جي ڪاڻ مان مٽين ۽ هيرن کي ڪڍي، پروڙڻ ۽ پرکي سگهجي ٿي. انهيءَ پنهنجي وِٽ کي سنڌ جا رهاڪو دِلي جي وَڄت، چپڙن جي جهانءِ ۽ يڪتاري جي سُر تار تي، ڳن تي هٿ رکڻ بعد 'الوميان' سان شروع ڪندا آهن." (تہ ماهي مهراڻ 1/1986ع)

پير صاحب جي راءِ سان سهمت ٿيندي، آءٌ پڻ اهو ئي چوندس تہ سنڌي شاعريءَ ۾ ڪافي ۽ ٻين اوائلي صنفن ۾ جيڪا تخليق ٿي آهي، تنهن سنڌ جي ذهن کي پنهنجي ڌرتيءَ سان گهڻو ويجهو ڪيو آهي، چاڪاڻ جو ڪافيءَ جي رنگت، وائيءَ جا ورلاپ ۽ بيت جي بارش جڏهن شروع ٿيندي آهي تہ سچي ڪائنات جي حُسن ۾ نِکار اچي ويندو آهي ۽ جڏهن ڪائنات حسين لڳڻ لڳندي آهي تہ شاعريءَ ۾ نيون نيون تشبيهون، نوان نوان استعارا ۽ نيون نيون ترڪيبون اچڻ شروع ٿينديون آهي، جن کي پڙهندي اکيون آشڪبار پيون ٿينديون آهن ۽ ٻُڌندي ڳن سَرلا پيا ٿيندا آهن ۽ جڏهن اکيون ۽ ڪن سُجاڳ ٿيندا آهن، تڏهن قومون پنهنجو آجپو ماڻينديون آهن.

ايوب فقير آريسر سنڌي ٻوليءَ جو ڪافي گو شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن سنڌيءَ سان گڏ سرائڪيءَ ۾ بہ ڪافيون لکيون آهن تہ وائي، بيت ۽ هنديءَ ۾ ٻچن پڻ لکيا آهن. هن وٽ ٻوليءَ جو نجپٽو ۽ شاعراڻو احساس موجود آهي ۽ هُو راڳ جو بہ وڏو ڄاڻو هو جنهن ڪري سندس ڪافيون مختلف راڳڻين ۾ چيل آهن. جنهنڪري اُنهن ۾ موسيقيءَ جو رُوح موجود آهي. علامہ آءِ آءِ قاضي چيو آهي تہ: "شاعري اُها جيڪا ڳائي سگهجي."

ايوب فقير جو رسالو

۽ هيرو ٺڪر لکي ٿو تہ: "سنگيت ڪافيءَ جو سُهاڳ آهي."

مٿين ٻن عالمن جي راءِ ڪانپوءِ جڏهن ايوب فقير جي شاعريءَ ۾ جهاتي پائجي ٿي تہ ان ۾ سُر ۽ سنگيت جو اهڙو تہ ميلاپ آهي، جو چپن مان ازخود واه واه جو وِرد شروع ٿي ٿو وڃي. ايوب فقير جي شاعري مجاز کان حقيقت ۽ حقيقت کان رُوحانيت جو سفر ڪري ٿي، جنهن ۾ نہ رُڳو هن جي دل جون ڪيفيتون شامل آهن، پر ان ۾ زميني حقيقتون بہ موجود آهن. جهڙي ريت سچل سرمست جون ڪافيون راڳ ۽ راڳڻين جي 28 رُوپن ۾ چيل آهن، اهڙي ريت ايوب فقير جون ڪافيون پڻ راڳ ۽ راڳڻين جي 22 مختلف رُوپن ۾ چيل آهن. هن جون اڪثر ڪافيون ٻيٽيون آهن، پر ڪجھ ڪافيون ٽيٽيون ۽ چئوٽيون پڻ آهن ۽ تقريباً ڪافين جو ٿلهہ ٻن سِٽن جو آهي ۽ گهڻيون ڪافيون اهڙيون بہ آهن، جن ۾ ٿلهہ بہ ٻن سِٽن جو تہ مصرعون بہ ٻن سِٽن جون آهن. روحل فقير جون بہ ڪجھ ڪافيون اهڙيون ملن ٿيون، جن ۾ ٿلهہ ٻن سٽن جو تہ مصرعون بہ ٻن سِٽن جون آهن. هونئن بہ شاعر هڪٻئي جو اثر قبوليندا آهن، ممڪن آهي تہ ايوب فقير، روحل فقير جو اثر قبول ڪيو هُجي. ايوب فقير ڪيترين اهڙيون ڪافيون چيون آهن، جن ۾ رَسُ ۽ چَسُ جو وٽندڙ ذائقو موجود آهي. اهڙي هڪڙي ڪافي هتي ڏجي ٿي، جيڪا پڙهڻ ڪانپوءِ زبان ازخود چپڙن تي ڦِرڻ ٿي لڳي:

جيڏيون ڏُکن ڏنو هي ڏَس وو ڏَس،
هن گام گُوندر جو گس وو گس.

ڏِس تہ ڏَسيائون ڏونگر واري، سيج سُکن جي ڇڏيم ساري،
بيحد منزل بر تر باري، ڪنديس ووڙڻ سان وس وو وَس.

Gul Hayat Institute

جبل ۾ جالڻ ڪاڻ ڪوهيارِي، هلندس حُب ۾ هاڻ هوڪاري،
موت مُئيءَ کي جي اڳ ماري، ڪونهي مُئيءَ کي ڳس وو ڳس.

پيرين پيادي پنڌ پراهون، ڦُربئون ڪنديس ڪاف ۾ ڪاهُون،
روئي رڳينديس هي رند راهُون، لُڙڪن سان لڳ لَس وو لَس.

اوڪو پنڌ 'ايوب' اڙانگو، لاحد لنگهڻو آهي لانگهو،
ساري ڪٽجان سُورن جو سانگو، رِڙهه تان رهجي رَس وو رَس.

اهڙيءَ طرح ايوب فقير ڪيترين اهڙين ڪافين ۾ چيون آهن، جيڪي عورت جي سورهن سينگارن تي مشتمل آهن، پر ايوب فقير جي هي ڪافي محبوب پاران سينگارن کي نامنظور ڪرڻ ڪانپوءِ جي ڪيفيت کي بيان ڪري ٿي، جنهن ۾ هُو سمورن سينگارن کي اجايو سمجهي باهه ۾ جلائڻ ٿو چاهي:

سي تہ وري ڪيئن سينگار ڪريان،
محبوب ڪيا جي نامنظور.

بُولا، بينسر باهه ۾ ٻاري، مُرڪيون، والا، واليون واري،
مُون سڀ چڏيا ٿي مجبُور.

ڪنمال، ڪڙولا، ڪنگڻ ڪڙيون ٻاريم ٻانهيون پيڙا ٻڙيون،
پوپٽ پنڙا پهرئين پُور.

هن ڪافيءَ جو ٿلهه بہ ڏيڍ سٽ جو آهي تہ مصرع بہ ڏيڍ سِٽ جي آهي. ايوب فقير فني لحاظ کان ڪوڙ سارا تجربا پڻ ڪيا آهن، ۽

اُنهن تجربن ڪندي بہ هُو ڪافيءَ جي گهاڙيٽي کان بلڪل بہ هٽيو ڪونهي. ان ڪانسواءِ هن پنهنجي ڪافين ۾ ٻوليءَ جو خاص خيال رکيو آهي ۽ چُونڊي نج لفظ استعمال ڪيا آهن ۽ ڪيترن وساريل لفظن کي بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪتب آڻي اُنهن کي جيئندان بخشيو آهي. مثال طور:

ويسلا مَ ويچا وَرهين جا وِڄهه ٿُون،
وائي وصل جي وري ڪو ورايو.

ڪافيءَ جي هن بند ۾ 'ويسلا' لفظ استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'ويسر' جنهن کي ويسر جي عادت هُجي. هي لفظ موجوده وقت ۾ تمام گهٽ استعمال ٿئي ٿو اهڙا ٻيا بہ ڪيترا ئي لفظ هن ڪتب آندا آهن، جيڪي ٻوليءَ ۾ لُغوي واڌارو ڪن ٿا. اُن ڪانسواءِ ايوب فقير ٻہ۔ ٽي ٽي قافيا استعمال ڪري ڪافيءَ ۾ وڌيڪ حُسن ۽ سنگيت پيدا ڪيو آهي، جنهن ڪري اُهي ڳائڻ مهل وڌيڪ سوز پيدا ڪنديون. مثال طور:

ڳل سر ڳوڙها لال لَڪن ۾ وو وو وو،
او لُڙڪ وَهايم لَس وو لَس لا لَس وو لَس.

جانب ڏاران جَل جَل جيءَ ۾ وو وو وو،
او گوندر لايم گَس وو گَس لا گَس وو گَس.

سندس ڪافيون خوبصورت تشبيهن جو سنگم آهن، هن جي شاعريءَ ۾ محبوب جا ماڻا، ناز نخرا، رُسڻ پرچڻ، ڳل ڳراٽڙيون تہ آهن ئي آهن، پر هن پنهنجي ڌرتيءَ جي موسمن، پکين، ريتن، رسمن، ولين، گاهن ۽ ٻوٽن کي ڏاڍي شاندار نموني محفوظ ڪيو آهي. سندس

Gul Hayat Institute

شاعريءَ پڙهندي ڪٿي بہ ايئن نہ ٿو محسوس ٿئي تہ هُو پنهنجي ويڙهن ۽ ويڙهيچن، سنگهارن ۽ سانگين، سُورمن ۽ سُورمين، ڏُکن ۽ ڏولاون کان غافل رهيو آهي. هُو سنڌ جي واهڻين ۽ وستين ۾ رُلندو، پٽڪندو ۽ مُشاهدا ڪندو انهن کي شاعريءَ جي سون سريکين سِٽن ۾ سمائيندو رهيو. هن شاهہ سائينءَ جي نقش قدم تي هلندين سُورمين کي بہ ڳايو آهي، جنهن ۾ مارئي جي وطن پرستي، نُوريءَ جي نياز ۽ نِوڙت، سسئي جا ڪشالا ڪڍڻ، ليلا جي لالچ، سورٺ جي سُورهيائي ۽ مومل جي مُرڪ کي موتين جي مالها جيان پروئي امرتا بخشي آهي. مارئي جي حُب الوطني ۽ پنهوارن جي پريت، ٿر جي سِڪ کي مارئي واتان ڪيڏي موهيندڙ انداز ۾ بيان ڪرايو اٿس.

مارئي:

ڳَتيان ڪيئن ڪوٺن ۾ تاريلِي جا ٿَر جي،
هِڪڙي سِڪ ساٿيهہ جِي، وَنجهل ڀِيءَ آءٌ وَر جِي.

لائق مان ناهيان، لوئِي ڪيئن لَڄايان،
اُميدوار آهيان، پنوهارن جي پَر جِي.

نُوري:

ڪم نسل جي ڪوجهڙي، مان مُهاڻي آهيان،
عشق ڄام جي اُجاري، عَيبن هاڻي آهيان.

ڄَم ڄمار ڄار جي، ڄاپندي ڄري لڳم،
ڄاڻ ڄاڻڻ مان نہ ڄاڻان، ڄَٽ ڄَٽِياڻي آهيان.

سسئي:

واري ڪنهنجي ڪين ڪي ورنديس، ماڳ پُڇان يا مارڳ مَرنديس،
ڏُونگر ڏِسيو مُور نہ ڏَرنديس، چوٽيءَ چڙهڻ چاهينديس.

ليلا:

ڇَاڳَ چنيسر توسان هُيَم هزارين هَر هَر،
هَار ڳَيُس هِت هَلڪِي جوش ڄَلايم ڄِيئڙا.

مومل:

ڳرهو ڪاهي اَڇ ڳاڪ وَسائِج،
پِرتَئُون پيير پري اڇي پاڻ پَسائِج،
ساهہ مُنهنجو توکي ساري راڻل.

سورٺ:

ٽُونهِي تَند طَلب جي توڙ، وَڄائِج تَن نَن مَن ۾،
ٽُون هِي ٽُون جي تَند تَنوارِج، ٻِيائي کي هِت ٻوڙ،
ڏيئي ٻَن نَن ٻَن ۾.

ڪافيءَ جي شاعر کي سڏيو ئي عوامي شاعر ويو آهي، جنهن ڪري وٽس ٻولي بہ عوامي هوندي آهي تہ خيال جي اُڏار بہ عوام جي هُجوم تي هوندي آهي. ايوب فقير توڙي جو ڪي ڪافيون اهڙيون بہ چيون آهن، جيڪي تصوف جي رنگ ۾ رڱيل آهن، پر سندس گهڻو لاڙو مِجاز طرف ڏسجي ٿو. محبوب جا ماڻا ئي هن جي شاعريءَ جو محور آهن.

ايوب فقير، اعجاز شاهہ، مخدوم طالب المولي، صادق فقير پنيري، شاهنواز شاهہ ’عارف المولي‘ ۽ خانصاحب عبدالڪريم ’ڪريم‘ پليءَ جو همعصر هو. مون هتي هنن مخصوص شاعرن جو

Gul Hayat Institute

ذڪر ان ڪري بہ ڪيو آهي، جو هيءُ سپيئي نالا تمام گهڻا پڙهيل هُئا. سندن مطالعو عالمي پايي جو هو. ڪين سنڌيءَ کان علاوه ٻين ٻولين جي بہ ڄاڻ هُئي. ايوب فقير جي سنڌي، سرائيڪي ۽ هندي ڪافين ۾ عربي، فارسي ۽ ٻين ٻولين جا ڪيترائي لفظ موجود آهن. جنهن مان واضح ٿئي ٿو تہ هُو گهڻو پڙهيل عالم هو. خانصاحب عبدالڪريم سان تہ سندس گهڻي ويجهڙائي بہ رهي ۽ پلي صاحب، فقير کي تمام گهڻو ڀائيندو پڻ هو. جنهن ڪري هنن ٻنهي شاعرن هڪٻئي جو اثر پڻ قبوليو آهي.

ايوب فقير جون ڪُل ڪافيون 234 آهن. جن مان 187 ڪافيون مختلف راڳڻين ۾ چيل آهن. 16 ڪافيون بنا راڳڻين جي، 16 ڪافيون سرائيڪيءَ ۾ آهن. اُن کانسواءِ 15 ڪافيون متضاد آهن. ڇاڪاڻ جو هنن ڪافين ۾ 'جذبہ علي' تخلص استعمال ڪيو ويو آهي، تنهنڪري انهن ڪافين متعلق ڪا حتمي راءِ جوڙي نہ ٿي سگهجي. ان سلسلي ۾ مون ان دَور جي ڪيترن ئي ماڻهن کان معلومات ورتي، پر تقريباً ڪنهن بہ 'جذبہ علي' بابت حتمي راءِ نہ ڏني. البتہ ڊاڪٽر اسد جمال پلي ٻڌايو تہ: "مُون، راج محمد پلي جي ڊائريءَ ۾ 'جذب علي' جو ذڪر پڙهيو آهي، ان نالي هڪ ماڻهو ايوب فقير سان گڏ رهندو هو پر هُو شاعر نہ هو. ايوب فقير سان گڏ خانصاحب عبدالڪريم پلي جي اوطاق تي رهندو هو. موالي هوندو هو. فقير کيس گهڻو ڀائيندو هو. ممڪن آهي تہ ايوب فقير ان 'جذب علي' کي ساريندي تخلص طور اهو نالو استعمال ڪيو هُجي، ان کان علاوه ٻيو ڪوبہ اهڙو ماڻهو ڪونہ ٿو سُجهي، جنهن لاءِ چئجي تہ ان جو ڪلام ايوب فقير جي ڪلام سان ملي ويو هُجي. ايوب فقير ڪجهہ ڪافيون وراڻيءَ واريون بہ لکيون آهن. جيڪي وراڻيءَ وارن بيتن جي سِٽاءُ جهڙيون آهن. مثال طور:

سَاهڙ ٺُون سَردار يار، سِگهورَسج سير ۾،
سِگهورَسج سير ۾، هِن واهڙ سَندي وير ۾.

وائي:

وائي لاڙ جي صنف آهي، هن جو مؤجد ميون عنات رضوي آهي، پر هيءُ صنف هن وقت سڄي سنڌ ۾ لکي وڃي ٿي. وائيءَ جا بہ مختلف گهاڙيٽا آهن. هيڪوٽي، ڏيڍوٽي، ٻيٽي ۽ اڍائوٽي وائي لکي وئي آهي. ايوب فقير بہ وائيءَ جي صنف تي طبع آزمائي ڪري نهايت ئي خوبصورت وايون لکيون آهن. پر ايوب فقير وائيءَ جي فني سٽاءُ ۾ ڪو نئون تجربو نہ ڪيو آهي ۽ نہ ئي ان ۾ ڪا تبديلي آندي آهي. هن فقط هڪڙي سٽاءُ ۾ ڏيڍوٽي وائي لکي آهي. ٿلهہ ڏيڍ سٽ جو ۽ مصرع اڍائي سٽن جي. سندس وائيءَ جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

سنگهارن کي ساريان ڪيئن گهاريان،
مَن وِنجهلڻ آهي مُنجهَايو.

پنهنجي پَٽ پنوهارن سان،
پهچي شال پاريان.
مَن وِنجهلڻ آهي مُنجهَايو.

پيڙي تن پٽن ۾،
چانگون چيلڙا چاريان.
مَن وِنجهلڻ آهي مُنجهَايو.

ايوب فقير جي هن وائيءَ ۾ مارئي جي ظاهري ڪيفيت بيان ڪئي ويئي آهي. پر هن وائيءَ جي وراڻي "من وِنجهلڻ آهي مُنجهايو." نهايت ئي پُراثر آهي.

بيت:

بيت، سنڌي ٻوليءَ جي آڳاٽي صنف آهي، سنڌي شاعريءَ جي ابتدائي دَور ۾ جيڪا پهرين ڪلاسيڪل صنف سامهون آئي آهي، سا بيت آهي. جيتوڻيڪ اساسي شاعريءَ جو پهريون شاعر قاضي قادن کي ڪوٺيو ويو آهي ۽ قاضي قادن جو هن وقت تائين جيڪو ڪلام مليو آهي، سو بيت ئي آهي. قاضي قادن سمن جي آخري دَور ۾ ارغونن جي شروعاتي دَور ۾ ٿي گذريو آهي. پر سنڌي شاعريءَ ۾ بيت ان کان گهڻو آڳاٽو مليو آهي، ماموئي فقيرن جا بيت ۽ اسحاق آهنگر جا بيت ان جو ثبوت آهن. تنهنڪري قاضي قادن کي پهريون اساسي شاعر ڪوٺڻ ڪنهن به ريت دُرست نہ آهي. اُن ڪانسواءِ شاهہ ڪريم جا بيت بہ اسان کي ملن ٿا، جن جو سِٽاءُ بہ ساڳيو هڪجهڙو ئي آهي. ڏنو وڃي تہ بيت مختلف مرحلا طئي ڪري، لطيف وٽان جڏهن اياز وٽ پهچي ٿو تہ اياز اُن ۾ جِڙ تہ رُوح وجهي ٿو ڇڏي. لطيف ڪانپوءِ اياز جهڙو بيت ٻئي ڪنهن بہ ناهي لکيو. نہ قاضي قادن ۽ نہ موجوده دَور جي ڪنهن ٻئي شاعر. ان جي باوجود سنڌي شاعريءَ ۾ بيت اڄ بہ پنهنجي اَوج تي پهتل ڏِسجي ٿو. جديد شاعرن ۾ ادل سومري، آسي زميني، نواز خان زئور، وسيم سومري ۽ حاجي ساند تائين شاهڪار بيت لکيا ويا آهن.

ايوب فقير بہ ڪُجهہ بيت لکيا آهن، جيڪي فني لحاظ کان ٻن، چئن ۽ ڇئن کان وڌيڪ سٽن تي مشتمل آهن. ان ڪانسواءِ بہ ايوب فقير وٽ بيت ۾ انفراديت ڏسجي ٿي، مثال طور:

نَام سَانگ جي لاَڄ، رَهجِي اَڇي رَمز ۾،
رَاضِي رَهج رَاز ڏَٽِي، تہ رُنَل پَرچَن رَاڄ،
هَادِي تُنهِنجي هَٿ ۾، هَرڪا آهي هَاڄ،

سَپ سُڌَارِج ڪَاڄ، عَاجِز هِن ‘ايوب’ جَا.
عَاجز هِن ‘ايوب’ جَا، وَارث پِير وسيل،
اُجاريج اَصِيل، آهيان تُنهنجي آسري.

هن بيت ۾ ڏسجي تہ ٽلهہ وارو بيت ڇئن سٽن جو آهي، ۽ وراڻيءَ وارو بيت ٻن سٽن جو آهي، اهو سٽاءُ ٻئي ڪنهن شاعر وٽ نہ ٿو ڏسجي. ايوب فقير ڪافي ۽ وائي جيان بيت ۾ بہ ٻولي ٺيٺ استعمال ڪئي آهي ۽ وٽس لفظن جو بہ وڏو ذخيرو ڏسجي ٿو ۽ لهجو، اسلوب ۽ گرامر ۾ وٽس پُختگي آهي.

هندي پچن:

سنڌ ۾ هن وقت پچن لکجي ئي نہ پيو، نہ تہ ڪنهن دَور ۾ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ پچن گهڻو لکيو ويندو هو. نہ فقط لکيو ويندو هو، پر پچن سنڌ جي ڪيترن راڳين ڳايا بہ آهن. جن ۾ موجوده دور جو انتهائي بهترين راڳي صادق فقير بہ پچن ڳائي ڄاڻندو هو. ايوب فقير بہ ڪوڙ سارا پچن لکيا آهن، جن تي هنديءَ جو رنگ نُمايان آهي، ۽ سندس ٻوليءَ ۾ هنديءَ جا لفظ گهڻا آهن، ۽ پچن جو سٽاءُ بہ ڪافي ۽ نظم وارو آهي، مثال طور:

سَانجهہ پَڙي، اَب تُم گهر آئو،
سَجن هماري پاس، سَجن هماري پاس.

پتگَت پتگَت هين هم پولي،
دِن تو بَرا بَرماس.

ايوب فقير جو نالو سنڌي شاعريءَ جي انهن ٿورڙن شاعرن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو جن سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجي الڳ ڇاپ ڇڏي آهي.

هن جو ڪلام مجموعي طور نج عوامي آهي ۽ هن صنفن جي چونڊ بہ عوامي ئي ڪئي آهي. خاص ڪري جڏهن سندس هندي پڇن ڪي پڙهجي ٿو تہ ذهن ماضيءَ جي پولارن ۾ گُم ٿي ٿو وڃي، جنهن وقت سنڌين جي ايڪتا جا چرچا پوري دنيا تائين پهتل هوندا هُئا.

ايوب فقير جو هي ترتيل پڪڙيل مواد نوجوان شاعر زوهيب آريسر سهيڙي "ايوب فقير جو رسالو" جي نالي سان منظر تي آڻي، سنڌي ادب تي وڏو احسان ڪيو آهي، چاڪاڻ جو سنڌي شاعريءَ ۾ ڪافيءَ جي صنف گهٽي گهٽجي وئي آهي، اهڙي وقت ۾ هن صنف کي جي جيئندان ملي ٿو تہ اُهو ڪم جس لهڻي.

علي نواز
آريسر
حيدرآباد
0334_1851018

نعت

ڏينهن رات طلب تات وائي وات محمد،
اثبات ڪيو ذات لنوين لات محمد.

قسم آهي رسم ناهي سندم ساهہ محمد،
شهنشاهہ وڏي وهہ واهہ سيد ذات محمد.

لولاڪ آهي املاڪ حقي هاڪ محمد،
حق پاڪ چيو چاڪ ڏيئي ڏات محمد.

آباد رهي شاد صلي عليٰ محمد،
فرياد لاءِ داد ڪيم ياد محمد.

حبدار سندو هار ۽ سينگار محمد،
هروار طلبگار ٿي فڪرات محمد.

ايوب' آ مجذوب تون محبوب محمد،'
مطلوب چوان خوب ٿو صلوات محمد.

Gul Hayat Institute

پیروي

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

پُنهل پياري پيچ اديون ڙي،
وِڏم ورائي وَر ور ڏيئي.

پاڻ پَلائي پارس آيو، وِلهين وسيلو وارث آيو،
ويم وڇوڙو ويچ اديون، ساڀَ سُڪائون پيم سپيئي.

سودي سانگي ساٿ ڏٺي، آيو ڪٿوريءَ مُشڪ ڪٺي،
سوچي ڏسي سرويچ اديون، نينهن اڙايون تان نيئي.

شهر ڀنڀور ۾ شان وڏي سو، تنبو تيلا دولان اڏي سو،
ڪامل والي ڪيچ اديون، وڏم ويڇي وڃڻ ڪي ويئي.

ايوب’ اُٿاري ساڻ اشاري، موهيس منڙي يار موچاري،‘
پلين تہ لڳو هي پيچ اديون، پِرت پُڪي آ پُنهل جي پيئي.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

سپ ڪنهن وري سَرندي الو
مُون نَہ سجڻ رِيءَ سَري.

عشق جون آگاهيون، وَهہ واهہ مِليون واڏايون،
ٻِرهہ لايون ٻاهيون، ٻاريو پئي ٻرندي الو
ٻارڻ اندر منجهہ ٻَري.

اڳ نَہ ڄاتو مُون هيءَ ڄاڻ، پروس ٿيو اٿم پنهنجو پاڻ،
سرتيون سيئي آهيو سُڄاڻ، ويهي ڏيو ورندي الو
وس ڪنئون ويئي سا ڪيئن وري.

ڳَل نہ پِيم ڪنهن واءَ جي، هن درد جي درياءَ جي،
سختي لڳي اٿم ساهہ جي، سا تارَ ڪيئن ترندي الو
اڻ ڄاڻ آيس منجهہ اَري.

ايوب’ اوکي دل اَڙي، جانب اٿم توسان جَڙِي،‘
سڪ ۾ سڪايل هيءَ سڙي، رِيءَ ملڻ مرندي الو
آءُ مِل مٺا نہ تہ ٿي مري.

□

ڪافي

ٿلهہ:

جيڏيون ڏُکن ڏِنو هي ڏَس وو ڏَس،
هن گام گُوندر جو گس وو گَس.

ڏِس تہ ڏَسيائون ڏُونگر وارِي، سيج سُکن جي ڇَڏيم سَارِي،
بيحد منزل بر ٿر باري، ڪنديس ووڙڻ سان وس وو وَس.

جبل ۾ جالڻ ڪاڻ ڪوهيارِي، هلندس حُب ۾ هاڻ هوڪاري،
موت مُئيءَ کي جي اڳ ماري، ڪونهي مُئيءَ کي ڳَس وو ڳَس.

پيرين پيادي پنڌ پراهون، قُربئون ڪنديس ڪاف ۾ ڪاهُون،
روئي رڱينديس هي رند راهُون، لُڙڪن سان لَڪ لَس وو لَس.

اوکو پنڌ ‘ايوب’ اڙانگو لاحد لنگهڻو آهي لانگهو
ساري ڪٺجان سُورن جو سانگو رِڙهہ تان رهجي رَس وو رَس.

□

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

ڏِنو ڏيھہ مُون سڀ ڏوري، اَجھو آهي نہ ٻيو توري،
سچا سردار سِگهڙي سار، لهجان يار اڄ اوري.

اِسم تنهنجو اول آيو، چُميو عاشق وَتن چايو،
وينا ڳائن وڄائن وهہ واهہ، سدا رنگ ساز سُر ناهيو،
تَن تسبيح مَن مٽيو، رِل مِل راڳ رنگ لايو،
اٺم اُڻ ٽُڻ سُٽي سُڻ پُڻ، ڇَهڪ چُڻ پُڻ وِڏا چوري.

جيڪي دمڙا جيئان هِت پيو، سڄڻ صدقي ٿِيان هِت پيو،
اَمر اَزل سندو آيو، نباهيو سو نِيان هِت پيو،
اُميدون آسرا تو ۾، اهي ڏيڙا ڏِيان هِت پيو،
تاري تار ڪرين پار، ڪارونيار مان پوري.

حقيقت حال جي ساري، اٿئي معلوم مون واري،
سوا تُنهنجي نہ ٻي سھڻا، لڳي قابل سندي ڪاري،
هر مشڪل ڪشا محبوب، منهنجي ڪر مددگاري،
شهنشاهہ ٿي همراهہ، بندو بيواهہ ٻي زوري.

سُڻج فرياد تون سرور، دفع دشمن ڪجان دلبر،
بحر رحمت سندو بادل، وسائج پيو وسي هر گهر،
عرض ‘ايوب’ جو آهي، پناهہ ۾ رک پرين پرور،
هٿين خالي وتان والي، صرف سوالي ٿو سِر گهوري.

❐

ڪافي

ٿلهہ:

وِساريان نہ وِسري پنهوارن جو پاڙو،
سانگين سوا هي ٻيو لوڪ سڄو ٻاڙو.

نِڌر آءُ نماڻي، سُورن لاءِ ساماڻي،
ڏُکيءَ کي ڏهاڻي، روئڻ روڄ ۾ راڙو.

درد دل ۾ رکيو، آهي ڏيل ڏُکيو،
اصل ايئن لِکيو، ڏُکيءَ جو هر ڏهاڙو.

پڪل طعام پورا، وٽن مُون نہ مورا،
سُمهڻ سُک سمورا، سنگهارن رِيءَ ساڙو.

هِتي هاڻ هُن ري، تِڳان ڪيئن تِن رِيءَ،
ايوب’ اُن رِيءَ، مُئيءَ جو نہ چاڙهو.‘

❐

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

دلڙي نہ تون دلگير ٿي،
دلبر سنديون ديريون پَسي.

رنج رُڪاوٽ رول سڀ، ڀولا لاهي هل ڀول سڀ،
ڳجهڙيون ڳليون اُٿ ڳول سڀ، محڪم مچي مهمير ٿي،
ڇِرڪين متان ڇيريون پَسي.

جيئن جيئن جُدائي ٿي جَجهي، تيئن تيئن سُور سڀ ٿيئڙا سجهي،
رمز انهي منجهہ رَجهي، ڪامي مٿل ڪنڌ ڪير ٿي،
گهبراءِ نہ گهيريون پَسي.

هرڪا گهڙي هوشيار رهہ، ڀاري بِرهہ جا بار سَهہ،
دم ۾ ڳولي دلدار لَهہ، ويچا وجهي هڪ وير ٿي،
وِرچين متان ويريون پَسي.

طلب جنهنجي تار ٿئي، ياد سو جي يار ٿئي،
ايوب’ هلي پار ٿئي، ايندا پرين اڪثير ٿي‘
مافيون ڏين ميريون پَسي.

ڪافي

ٿلهہ:

اديون اڄ ارواح، ساهڙ ساريو آهي ساهہ،
اوهين ڏَسيو ٿيون اٿڪل اهڙي، جنهن منجهہ جيءَ وِڻاهہ.

واري نہ ڪنهنجي ورنديس آءٌ، ٻِر ٻانهن جي ڍرنديس آءٌ،
طلب اٿم وجي ترنديس آءٌ، دِلي بنا هيءَ درياهہ.

ٻاڙي واريون پُڇو اوهين ٿيون، ڪيڏو نہ رکيو ڪچو اوهين ٿيون،
سُخن پُڇو جي سچو اوهين ٿيون، هُن ير حامي هيٺن جو همراهہ.

گهوٽ ڪري جڏهن گهوئي ايندم، سِير ۾ ساٿي سوئي ٿيندم،
جام جياپو جوئي ڏيندم،ڇُڪيءَ پيئڻ جو آهيم چاهَہ.

ايوب’ ايندو يار اُجارو، اڇي اُڪاريندو پار پيارو‘
تار منجهان سو تارڻ وارو، شاهن مٿانهون شهنشاهہ.

ڪافي

ٽلهه:

هلندي ڪا هوشيار، جاڻي منهنجو محب ميهار،
سِر جا سانگا سيئي وِساري، سائي پَسندي پريون پار.

واهڙ ويهون وهن جتي ٿا، مواس مانگر رهن اُتي ٿا،
سُوسٽ سرٽا ڪن ستي ٿا، واڳون وچ تي سوين سُڄن سيسارَ.

دهشت وارو دَور درياهه، اُلٽا اُلٽا آر اوڙاهه،
ڪڙڪن ڪُن ڪريو ڪاهه، ڪوڙين اندر ڪارونپار.

سير سموند جي ثابت ساري، تنهن مان ترڻو ڪري تياري،
ڪا ڪا ايندي قُرب جي مارِي، لڱڙي جنهن کي عشق جي لغار.

ايوب' اول عشق اُجاري، ٽُرهو تَوَڪل وارو ڏاري،'
هلنديس هيڪل ساڻ هوڪاري، متان ميهر ڏي نه ميار.

ڪافي

ٽلهه:

آر اَڏِيءَ تي اچڻو اٿئي، عاشق ٿي آءُ اوري،
صدقي سِرڙو سَو سَو ڀيرا، گهور ڪري اچ گهوري.

اَول سُڄاڻ پنهنجو پاڻ، جنهن ۾ ڪوئي غير نه آڻ،
ڪامل قُرب قريب جي ڪاڻ، ڏيهه ڏِسيون ڏِس ڏوري.

سمجهه سُڄاڻ ڄاڻڻ ڄاڻ، ٻَرَوَس پرکڻ آهي پِرياڻ،
اُونهو بحر عميق اڄاڻ، متان ٻُل ٻوڙين ڳنهن ٻوري.

سُورهيه سوري سمجهه سموري، نازڪ نظارو آهي نُوري،
تنهن تي پنهنجي پرت رک پوري، چنگ ڪري اچ چوري.

ايوب' آرو محبت وارو، اٽجهل آهي اُلٽ اوپارو،'
جنهن جو جهان آهي سارو، آءُ نه پُڄاڻ هڪ ٿوري.

ڪافي

تلھ:

مُنھنجي دِل ڏُتاري سو دلدار ويئڙو،
قيدي قُرب ۾ قُربدار ڪيئڙو.

ڪنھن ڪي ڏک نہ ڏَسڻو، رِڙهي راھ رَسڻو،
پَس پيش پسڻو او هو پار پيئڙو.

ڏئي پيار پالي، سندم ساھ سنڀالي،
وٺي نال نالي، مٺي يار نيئڙو.

ڪيون هاڻ هيڏيون، ساڻم رُوح ريڏيون،
جيئري نہ جيڏيون، جَٽي ڏار جيئڙو.

لڳو نينهن نِروار، جانب سان جنهن وارَ،
'ايوب' جو آر، اظهار ٿيئڙو.

ڪافي

تلھ:

مُنھنجي ليکي ملڪ سڄي جو،
حاڪم آھي حشمتدار.

ساريو سهاڳ جي ساڳڻ ڏيٺي،
پنڻ ڪريان مان پينر ويٺي،
عام سڄي ۾ ٿي اظهار.

سُک جون ستائون ساريون چڙيم،
اپرو نجهرو اولو اڏيم،
شايد آيم شرم شمار.

جاڳر جوڙيم ويهي جنهن لاءِ،
تڙقان تڙقان پئي تنهن لاءِ
سوئي لهندم سار سنڀار.

ارمان 'ايوب' ڪي اصل نہ آهي،
جيڪر ويجهو وصل نہ آهي،
سارڻ سِکيس ساري چمار.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

سي تہ وري ڪيئن سينگار ڪريان،
محبوب ڪيا جي نامنظور.

ٻُولا، بينسر باهہ ۾ ٻاري، مُرڪيون، والا، واليون واري،
مُون سڀ ڇڏيا ٿي مجبُور.

ڪنمال، ڪڙولا، ڪنگڻ، ڪڙيون، ٻاريم ٻانهيون، ٻيڙا ٻڙيون،
پوپٽ پنڙا پهرئين پُور.

سرتيون سيئي سُک ۾ سُهاڳي، آءٌ جا ڏُکياٽي ڏُک ۾ ڏُهاڳي،
دوست وسي ٿو دلبر دُور.

سيج سُکن جي ڇڏيو ساري، ويٺي وَسايان سِر تي واري،
کهڙو نہ ڄاڻان لڳم ڱلُور.

هار حِرص جا هاٽي پائڻ، لوڪ سڄي ۾ پاڻ لڄائڻ،
مَرڪ نہ مُنهنجو آهي مُور.

ايوب’ اِشارت جيڪا جوڙين، قابو رَهجان قدم نہ موڙين،‘
مردن وانگي ٿي مَشهُور.

ڪافي

ٿلهہ:

وَري آ وَري ٿُون وَڃ نہ پَري،
ڱامِل ڪيچي يار ڪوهيارا.

روهہ رُڃن ۾ رُليس آءٌ، ڇپر ۾ ڇوري ڇُليس آءٌ،
ڏونگر ڏاڍا ڏسيو ڏَري، دِلڙي ويچاري دهشت وارا.

سخت سُجهن ٿيون صاف سُڃون هي، آهي جن ۾ حال اُڃون هي،
شال ٻِريت جا پير پري، پيش پوان مان تنهنجي پيارا.

جهنگ جبل مان جهاڳي مرنديس، واري نہ ڪنهنجي ڪڏهن ورنديس،
ڏاران ملڻ جي ماندي مري، جانب جاني جيءَ جا جيارا.

ايوب’ اڙانگو آهي ڏاڍو، ڪاف ڪشالو قرب جو ڪاڍو،‘
ڱُنل ويچاري ڪيئن ڪري، پيرين پيادي پُنهل پاڳارا.

ڪافي

ٿلهہ:

پُنهل پاڻ پنهنجو سُجاڻي ٿي ساڻِي،
اُجاريج اگلي آهيان عيب هاڻِي.

ڏوہڻ ذات ڏارين، نہ دَر تان ڌِڪارين،
پنهنجو ٻول پارين، اصل جو آرياڻِي.

دُکي دِل ٿي ساري، ويهان ڪيئن وِساري،
مُنيءَ کي ٿي ماري، قُرب جي ڪهاڻي.

اچي ٿي آخري وچين وقت نيري،
پوبون پهر پيري، وڃي هڏ وهاڻي.

ايوب’ عاصي، هيءَ پينار پياسي،‘
اَپرو اُداسي، ڏَري ٿو ڏهاڻي.

ڪافي

ٿلهہ:

ويئڙا نہ وريا وارُو وطن تي،
لکين لاک لِکيا مُون خطڙا خطن تي.

سنجهي ساٿ پنهنجو سُجهندي سنپاليو،
سانبيري سفر جو سَڏو ٿيو سُتن کي.

هينئڙي ۾ هل چل هُري پئي هوتن جي،
حرف ناهي هڪڙو جيڏيون جتن تي.

پُني تن جي پيري پُرندياس پيئي،
پُڄان شال پيادي، پُڇائي پتن تي.

ايوب’ اُڻ ٺُڻ اندر آهي جن جي،‘
پُڄان مان پَر ڪنهن ويچاري وچن تي.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهه:

پرين پاڻ اڄ يا مون کي گُهرايو،
رهي رات ڏينهن ٿو اهو رُوح رايو.

جڳ پال جاني جيءَ جيارا،
جلدي جشن کو جيئري ڪرايو.

ويسلا مَ ويچا وَرهين جا وِجهه ٽُون،
وائي وصل جي وري کو ورايو.

ٻُڌج ٻاجهه پريا ٻوليون ٻَريل جون،
ٻاراهو ٻَري آهي ٻارڻ ٻرايو.

ايوب' عاجز اُڪنڊ ۾ اوهان جي،'
اجهو آهين عربي عرض هيءَ آلايو.

ڪافي

ٿلهه:

دل جو ڪري دلدار سان واپار،
سُک تَہ مَٿي مُون سُور پِرايا.

مليم مقابل ويهي سرتيون، وصل وِصال جون وِرچُون ورتيون،
صُورت جي سردار سان هِڪوار.

محبت مُرادي مِليم موڙي، مام جنهنجي مُون نہ پَروڙي،
جڏهن ٿِيس جنهن وار ڪان ڏار.

سُود سَٽائو سودو ٿِيئڙم، هجر فراق هيءَ پلئہ پيئڙم،
وهم وصالي ويم ويچار سان هر ڪنهن وار.

رهبر عشق اچي رنگ لايو، عقل اتي ڪجهہ ڪم نہ آيو،
اصل 'ايوب' اُجار سان اقرار.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

ڏاڙو هٽي ٿي نہ ڏار،
دلڙي ڪسي دلبر مٺا.

اڪيون اَڙيُون اک ۾ جڏهن، ٻئي ٻَڌيُون ٻِک ۾ تڏهن،
ڪنهن نہ لَڪيُون لِڪ ۾ ڪڏهن، بُوند ٻَرسي جيئن ٻهار،
تيئن ڪڪر تِن ۾ وٺا.

ڏِيون درشن پَسي ديوانيون، ڪيون مُرڪڻ تنهنجي مستانيون،
هر هر وَتن حيرانيون، لال لُڙڪن لک هزار،
ڪارڻ تنهنجي ڪئين ڪنا.

نيٽن نظارو نينهن جو نيئي ڏيکاريو ڏينهن جو
تنهن شوق واري شينهن جو درشن پَسي ديدار يار،
فخر ڳيَڙم سپ ڦِٽا.

ايوبؔ تي احسان ڪر، ڏٽيم وري ڪو ڏِيان ڏَر،
ڦهري نہ چشمن ڪاَن پر، منهنجيون نہ ڪر مديون شمار،
ڏوهہ جيڪي تو ڏٺا.

ڪافي

ٿلهہ:

نالي نام خُدا تون جانب ٿي نہ جُدا،
مان تہ ماندو مسافر پيو يار مران.

تنهنجو حُسن پَسي مان حيران ٿِيس، تنهنجي مُرڪڻ موهي مستان ڪيس،
نانگو صاف نسنگ مان نشان ٿيس، تنهنجو وصل مٺا ٿو وينجهار گُهران.

جڏهن بِرهہ بدن ڪي بهار ڪيو، تنهنجو عشق چُمي مون اختيار ڪيو،
ناتي نينهن مون ڪي آهي نِروار ڪيو، ٿيندو داد منهنجو تو دلدار دَران.

وِندر تولاءِ مان ووڙيان ٿو، مُنهڙو مُور نہ مان توڪان موڙيان ٿو،
لکيو لوح قلم جو هِت مان لوڙيان ٿو پيو ڳِٽتين ۾ هِت آءٌ يار مران.

ايوبؔ چوي عاجز آهيان مان، نوڪر نام تنهنجي جو چَوايان مان،
دلدار توريءَ ڪنهن در دانهيان مان، هاٽي ٿو سيد تنهنجي تار تَران.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٽلهہ:

ڏکي دل ٿي ساري هنجون روز هاري،
مَٿي ديس دلبر ويٺين تون وِساري.

وجي هڏ وهاڻي ڏُکن ۾ ڏهاڻي،
عُمر هي اَجائي اڄ يا سُڀاڻي،
اچي ٿي اَخيري ماريو آ مونجهاري.

جيئري ملين تون جيڪر جاني،
وڃن دُور دُک ٿي هٿي سڀ حيراني،
اچي مِل عجيبا وري واڳ واري.

ڏينهان رات تنهنجي طلب تات آهي،
وائي نہ ٻي ڪا منهنجي وات آهي،
ڪري قلب ڪُوڪون پل پل پُڪاري.

اُڻ ٽُڻ اندر ۾ رهي روز شب ٿي،
لڳو عشق 'ايوب' آهي عجب ٿي،
چِٽي چوٽ چاڙهيو آ نيهي نظاري.

ڪافي

ٽلهہ:

دوست بنا دل ماندي، بالم بنا دل ماندي،
او ويئي ڪان منهنجي وَس وو وَس لا وَس وو وَس.

عجب نہ ڏي ڪا اَرٿ ۽ آتڻ وو وو وو،
او چرخو مون ڪي چَس وو چَس لا چَس وو چَس.

ڳل سر ڳوڙها لال لَڪن ۾ وو وو وو،
او لُڙڪ وهايم لَس وو لَس لا لَس وو لَس.

جانب ڏاران جَل جَل جيءَ ۾ وو وو وو،
او گوندر لايم گَس وو گَس لا گَس وو گَس.

ايوب' اندر مان اصل نہ وِسري وو وو وو'
او رُوح رِهاڻيون رَس وو رَس لا رَس وو رَس

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٽلھ:

پيچ پني برسات پلو، ڪيو ظھورو ذات پلو،
بادل بنجي بَرسَر آئي، توحيدي تجلات پلو.

جيڪا گذري سھڻي ساعت، توفيق عطا ٿي ڪارڻ اطاعت،
رحمت رب جي رُوح کي راحت، ڏني سُريلي ڏات پلو.

وھ واھ ديس وڏائي وارا، سپ ڪنھن صُورت پَسيا رُوپ سارا،
نوان هزارين ناز نظارا، حاصل ڪيا حُسنات پلو

بُوند بِره جي بَر ٿَر برسي، تاز بہ تازي تڙ تڙ ترسي،
ساپڙ خاطر ساوڻ سرسي، وَسيو ڪري وصلات پلو.

عجب 'ايوب' عشق اُجارو، بَر سَر آيو باري بارو،
منڊل ملار محبت وارو، اچي ٿيو اثبات پلو.

ڪافي

ٽلھ:

دوا درد منھنجي لاءِ ديدار ڪپي،
ٻيو پِرين پيارل تنھنجو پيار ڪپي.

لائي نِينھن نِسنگ نِماڻن سان، ماريو مُرڪڙ وارن ماڻن سان،
اچي امداد ڪجان اڻجاڻن سان، اصل جِنھين کي اِھو آر ڪپي.

روز الستي ڪان انگ اڙيو، جانب توسان منھنجو جيءُ جڙيو،
قلب قُرب انھي منجھ ڪڙيو، تڏھن طلب تنھنجي جي ٿي تار ڪپي.

ڪولي نوري نقاب نِروار ڪڍھن، ڪري جانب ايندين جِنسار ڪڍھن،
ٿيندو ساھ سڌير سردار تڏھن، مون کي وھ واه وصل واري وار ڪپي.

سُڻي فرياد 'ايوب' فدائي جو، چڏ ٿُون جانب خيال جُدائي جو،
مرھم صاف مريض مَداحي جو، ھر ھر ھوت حبيب هينئڙي ٺار ڪپي.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهه:

مَوج محبت اعليٰ اَوج، عشق پلا پل آيون آيون،
صُورت بشري بيک بنائي، گهٽيون ڊِليون گهايُون
گهايُون.

داغ دروني بنيا باغ، وِرونهن وڏي وٽڪار اچي،
سُور سوين پلٽيا پُور، ڇَهڪن ڪئي چٽڪار اچي،
اٿجهل آرون تَن منجهه تارون، پوئرن ڪئي پٽڪار اچي،
وڍ وجودي ڏاڍا ڏيِ، جيئڙو تن جون جايون جايون.

باهه بِره جي آتش آهي، دردي دُودَ دُکايو آهي،
ٻارڻ پيٽي ڳجهڙي ڳارڻ، تَن مَن طلب تپايو آهي،
لايو لاشڪ ٽيم سجايو، پيچ پلين مون پايو آهي،
خيال ۾ گُم ٿي پنهنجي خيال، ڳُجهيون ڳالهيون ڳايون ڳايون.

تاب تَجلي ڪيو بيتاب، آهي اندر ۾ آگ لڳي،
هوش هٽي ويو جَٽيو جوش، طمع تَرڪ ٿي تِل نه تڳي،
حد کان بره ڪيڙو بيحد، پَٽڪ سموري پول پڳي،
جسمي رَسمون ٽُٽيون اِسمي، طلب تپائي تايون تايون.

ايوب‘ اکيون کُليون خوب، جشن ڏٺائون جاڳي جاڳي،’
جهاتي جن آ جوڙي پاتي، صُورت پرکي ساڳي ساڳي،
رُوح رهي ٿو سانجهي صُبح، رمز انهي ۾ راڳي راڳي،
ساهه سنپاليون وهه واهه، وصل وِصال جون وايون وايون.

ڪافي

ٿلهه:

آر اَڏِيءَ تي عاشق ايندا، ڪي ڪي قُربئون ڪاهي،
ڪي وڃن ٿا وِچ کان وريو، ٿاهه ٿڳيءَ جو ٿاهي.

سَنڌ سَتابا تانگهن تايا، اَري انهي ۾ جيڪي آيا،
واپس گهوڙا تنهن ورايا، ساهي سينو ساهي.

پِيتئون پُر ٿي سائي سُرڪي، مرد ميدان ۾ آيا مُرڪي،
ڪڏهن ڪُڇيا ڪين ڪي ڪُرڪي، ڇا آهي دلبر ڇا آهي.

ڪَرم ڪُڏائڻ ڪنڌ ڪپائڻ، سُوري پنهنجو سِر سنپائڻ،
تَوَڪل پنهنجو توڙ نڀائڻ راهي مولا راهي.

عشق اُجارو ’ايوب‘ سارو، بار ملامت باري بارو،
مُرڪي ڪٽجان محبت وارو، لاڳاپا سڀ لاهي لاهي.

ڪافي

ٿلهہ:

دلبر توکي دل ٿي ساري، ويل نہ هڪڙي يار وِساري،
ڏِيل ڏُکويل ڏاڍي ڏُک ۾، گهايل گُوندر گهڙيون گهاري.

اَول اصل جي وصل ويچاري، محبت مِنڙي آهي ماري،
ٻَال ڄَتيءَ جي ٻول پياري، پورهيت پيئي پِرتئون پاري

ڏونگر ڏوري روز ڏهاٽي، سُور سُخن جا ٽِيڙس ساٽي،
ننڍيپڻ واري نينهن نماٽي، نازڪ ناتي چڙهڻ نظاري.

سيج سُکن ڇڏي سَاري، تنها تو لاءِ ڪري تياري،
بغل وڄائي بَر ۾ باري، تند طلب جي تيز تنواري.

ايوب' عَجمي آهون ڪريو، درد درياءَ ۾ ڏِڙ سِر ڏَريو،
ڪڏهن ٻُڏيو ڪڏهن تَريو، لهر غمن ۾ لَنگهڻ گُذاري.

ڪافي

ٿلهہ:

لڳو نينهن ناتو نَہ ڄاڻان نبيري،
اديون ڙي اَياڻِي، وِڌيس قُرب ڪيري.

پَروَس ٿي پِيس، پنهنجي وس ڪان وِيس،
ڇَلڻ ڪين ڏي ڇَسُ، ڇڏيس ڇِرڪ ڇيري

اندر ڏيل ڏيهي، ويا پُور پيهي،
ڪريان قيل ڪيهي، سُورن ڪي سنبيري.

جيئان هاڻ جيئن ٿي، طلب روز وڌي تيئن ٿي،
ڪڙيس قيد ڪيئن ٿي، ڦاسِي منجهہ ڦيري.

رهيم ڪانہ ڪا ڳل، اچي جاڳيا سُور اٿجهل،
عقل جي نہ اٽڪل، پُڄي نہ پِرت پيري.

اچي ساڻ 'ايوب'، مِلن ماڻُ مطلوب،
مِنا مُحب محبوب، هينئون وَيام هيري.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهه:

ياد اٿم سو هر دم يار،
جانب جو هر جلويدار.

صورت جنهن جي سڀ جڳ موهيو،
سَرس ڪري سينگار.

حُسن حبيب هر ڪنهن ويلي،
هر هڪ تي آهي سوار،

جادو لائي جيءُ کي،
جوڙي جلدي جذبيدار.

شاهه گدا گر شوق انهيءَ ۾،
شائڪ ٿيا شُڪر گُذار.

عقل 'ايوب' جو آهي گُم ٿيو
عجب ڏِسي سڀ اِسرارَ.

ڪافي

ٿلهه:

اَٿم اِهو اَرمان سائين، آهين تُون هِت ڙي مهمان،
ماڳ مُسافر ڄاڻي پنهنجو وينين تون مُلڪ مَڪان.

هي ڏِسين تو ماڙي مجازي،
رهندڙ جنهن ۾ سڀئي راضي،
هن ۾ آٿئي هُوند جي بازي،
ڪِن وٽ آهي، ڪِن وٽ ڪانه.

تُون پِيو ڪرين تُنهنجي مُنهنجِي،
مُنهنجي نه ٿيندي هرگز تُنهنجِي،
سمجهڻ سولي، ناهي سَهنجِي،
بات انهيءَ جو بُلند بيان.

سوداگر تي سودي سانگي،
آئين جو هِتي وطن آڙانگي،
مال مِلي تو مُلهه مَهانگي،
سَوين هَتي ويا سُلطان.

ايوب' اهڙي جُوءَ ۾ آيون،'
جنهن منجهه ڪنهنجون ناهن جايون،
وات ۾ هر ڪنهن وَڃڻ جون وايون،
ڪر سَنبت جو سامان.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

سي مرد پلين مُرڪن، هيءَ جيئڻ اُجاريو جِن،
سانگ سَٽائو سَرين سالم، اؤڪي عيدون ڳن.

عام ڪان اولي، ڳليون ڳولهي، عاشق ايندا ايئن اُتي،
ع' اشارو 'ن' نظارو جلدي پهچن جيئن اُتي'،
و' ڪان واڏو سالم ساڏو لٿي اُيرئي سين اُتي'،
روز رِهاڻيون ڪشف ڪهاڻيون، قُربي اچيو ڳن.

منزل ماري، سفر سُڌاري، پهتا پهرين پُور وَجي،
در درويش، پيئڙا پيش، حاضر منجهہ حُضور وڃي،
هٿئون حبيب، عربي عجيب، مافي ٿين منظور وڃي،
لائق لاڳ، مِلين ماڳ، پُنيون مُرادون مَن.

جوان جنگي، رنگا رنگي، رونق ماڻي راس ٿِيا،
خُلوت خاصي، پَسي پِياسي، خادم سي ئي خاص ٿيا،
سُرس سياسي، وحدت واسي، پورهيت سي ئي پاس ٿيا،
اُلڪو اوٿ آهي تہ ڪونہ، ٻيا ڪيائون ٻَن.

عجب 'ايوب'، ٿي مجذوب، سانگا سِر جا صاف سَٽي،
ناتا ننگ، سمجهي سَنگ، ڪامل هليا ڪُل ڳٽي،
دنيا ڏُوڙ، رُڳو ڪُوڙ، جيئڙو تنهن ۾ ڪيئن جَٽي،
مهڻا موڪ، ڏيندو لوڪ، تازو تِن سان تَن.

ڪافي

ٿلهہ:

آس اندر منجهہ آهي مِلڻ جي، سُهڻل توسان سُور سلڻ جي،
پَروَس آهيان يار پيارل، پُڄت ناهي پُور پَلڻ جي.

ڏينهن ڏُکيا، ويٺي گهايل گهاريان، دل تان دلبر ڪيئن وِساريان،
نِت نِت رويو راهہ نِهاريان، جانب جاڳي جهوري جَلڻ جي.

نازڪ نَرميءَ ساڻ نِهارين، جيڪر جڏڙو جيءُ جيارين،
واڳ وِلهي تي وَصل جي وارين، خوش دِل ٿي ڪر کِلڻ جي.

سڏي سِڪايل سهڻا سائين، پارس پنهنجي پَلي لڳائين،
پيير اڱڻ مُون پريم پائين، مور ملي ڪر ٿور ٿِلڻ جي.

پِڙڪ لڳي، اڄ پاڻ پُلائي، عجز 'ايوب' جو يار اونائي،
تن من چڙيو طلب تپائي، چال چُڪيءَ ٿِيم چُور چَلڻ جي.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهه:

ياد آهين تُون يار ياقي،
شال مَ وِسرين هڪڙي وار.

راتو ڏينهان رُوح ريهاڻي،
رِلمل ٿي آهي رفتار.

محبت موج مچائي مَن ۾،
مُحب مِٺا منٺار.

جانب جَڙيو جيئڙو توسان،
جوڙ ڪري جِنسار.

قُرب ڳڙي منجهه قابو ڳڙجي،
ٿيئڙم قَلَب قَرار.

عجب 'ايوب' کي آهي،
تنهنجي عشق ڪيو اظهار.

ڪافي

ٿلهه:

تُنهنجي ماڻن دلڙي ماري،
الله سائين تو دَر توبهه زاري.

ڪڏهين گڏجيو ڪرين گُذارا، ڪڏهين دُور وسين دلدارا،
ڪڏهين ڪوٺيو ڪرين ڪنارا، ڪڏهين پرچيو ڏسين پيارا،
تُنهنجي نازڪ رِيت نياري، الله سائين تو دَر توبهه زاري.

ڪڏهين جيءُ چوين ٿو جيارا، ڪڏهين ٻولين ٻوڏ پيارا،
ڪڏهين سَڏيو ڏين سهارا، ڪڏهين ڏُکندل چڏين ڏيارا،
تُنهنجي حاڪم رَمز هزاري، الله سائين تو دَر توبهه زاري.

ڪڏهين اڱڻ 'ايوب' اُجارا، اچ پرچي يار پيارا،
مِل دوست مِٺا دِل وارا، ڪر مهر پِلا منٺارا،
تُنهنجي دردن دِلڙي ڳاري، الله سائين تو دَر توبهه زاري.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهه:

دُنيا دَور فاني نہ ڪنهن سان نباهي،
هرگز هُئڻ جو نہ هي ماڳ آهي.

سڪندر ۽ دارا، سَوين ٻيا سِپاهي،
قَضا نِيا ڪروڙين، ڪَئين ڪُونڌر ڪُهائي.

جِنين لاءِ جُڙيو جڳت جوڙ سارو،
سي رَفَت رَوان، ٿي ويا راهَہ راهي.

مَٿي مرد منزل، مُدامِي ملڪ تي،
لاڳاپا لَٿي جا، هليا لال لاهي.

سَمجهہ رک سِياڻا، سُجاڳي ڪر سدائين،
سُرت ڪر سنگت وڃو سفر ڪي سَنباهي.

ايوب’ اڳ ۽ پوءِ، آخر اوڏانهن،‘
هِڪ ڏينهن هلبو هِتي يار ڇاهي.

ڪافي

ٿلهہ:

ڳَٿيان ڪيئن ڪوٽن ۾ ٿاريلِي جا ٿَر جي،
هِڪڙِي سِڪ ساٽيهہ جِي، وَنجهل ٻِيءَ آءٌ وَر جِي.

پَٽ ڪِين پائي، رَهڻ مُون ڪِين رِهائي،
اَڄان آس آهي، گهوٽيتن جي گهر جِي.

لائق مان ناهيان، لوڙِي ڪيئن لَڄايان،
اُميدوار آهيان، پنوهارن جي پَر جِي.

مُنجِهيءَ لاءِ مارُن، ويئي سُونهن وارن،
ڏُٻَرِ رِيءَ ڏَنارن، ميرا ٿِيام مَر جِي.

آهي آس ‘ايوب’، مَران پاس مطلوب،
مارُو مير محبوب، لهي ڳل قبر جِي.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

سڀ ڪان سهڻو سَنگ مور،
آهي آديسين جو آهي آديسين جو.

صاف صفائي، ساڻ سَچائي،
اَلفي ڍڪيم، اَنگ مور.

دُنيا عُقبيٰ، طِلسم بازي،
ڍونگين وارو ڍَنگ مور.

جو جَڳت ۾ جِسم جَڙيائُون،
وِجهي، وَڪوڙي، وَنگ مور.

اندر، ٻاهر، 'ايوب' ظاهر،
رُوحاني جو رنگ مور.

ڪافي

ٿلهہ:

گُذري ويون، گُذرن پيون،
سي ٿِيون ڏُکيون، سارڻ گهڙيون.

جيڪي باب منهنجي منجهہ ٻڌيون، گڏجي گذاريم سي گهڙيون،
ڪهڙيون ڳڻي ڪهڙيون ڳڻيون، سهڻيون سَوين سالم سَنئيون،
لوحي قلم ڪان اولڙيون.

هڪ ٿيون وڃن، ٻيون ٿيون اچن، موجون ميثاقي پيون مَچن،
صدقي مٿان تِن پڙ سَچن، چٽيون جنين آهن چَيون،
جِند جان ۾ سيئي جُڙيون.

سڀ موج ماضي جي مَٿي، ڪار ڪُل قبلل ڳٿي،
تنهن سرگري سور سَٽي، هڪ حال ٿي ڪامل ڪيون،
بالا اچي ٻَچيُون ٻَچيُون.

سانگا صِفاتي سڀ ڇڏي، هن لوڪ ڪان لِڪ ۾ لَڏي،
اچ وچ اندر اولو اَڏي، رمز انهيءَ منجهہ رَهيون،
'ايوب' جي اؤڪيون اَڙيون.'

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

لِکيون جيڪي لُوحِ قلم،
سي سڀ گهڙيون گهارڻيون پِيم.

جيئن جيئن جتي اڳ جيتريون، تيئن تيئن گذارڻ تيتريون،
هي جي هزارين هيتريون، جُڙيون ڳنان آهن جنم،
وِسري نہ سي ويلو وِيم.

پارس پريمي پيار جون، ڏَور عجب ديدار جون،
جانب سندي جِنسار جون، دَم دَم دِل ۾ هي دَم بَدم،
جيئڙي اندر جانب جَڙيم.

ڪي ڪي فِڪر ۽ فَهم جون، ڪي ڪي رضا ۽ رحم جون،
ڪي ڪي وَصل ۽ وَهم جون، اهڙيون ڳنان آيون عَدم،
خوش حال ٿي دل سان ڪنيم.

هڪڙيون حقيقت حال جون، ماضي زمان متوال جون،
ڪوڙين قبل جي قال جون، رفتار سڀ رندي رسم،
ايوب' لک آيون اٿم.'

ڪافي

ٿلهہ:

سُورن منجهان سِپڪا سِري،
ساٿي نہ ٿيا سُک سُور جيئن.

سُک جو سنگت، سِيئي غلط فرحت مِلي ٿي ڪُجهہ فقط
ويلو وِجي گذريو وقت، ورندو نہ جو واپس وري،
وريو اَچن وهلُور جيئن.

سُک جو ثمر ساٽي ڪٽن، ڄم ڄار ۾ ڄاٽي هٽن،
قُربئون ڪُڏي ڪاٽي ٻٽن، گُهرجي نہ توکي دِل چَري،
ٿِليو ڪرين ٽِنڊ ٽور جيئن.

سُک جو نہ گُهرجي سو ثمر، ڏُک تي رکي جيڪو ڏمر،
شاهد سندم شمس و قمر، دردن سندر دِل ۾ دَري،
ڏُکيو ڏُکي دستور جيئن.

سُک ڏُکن تان سڀ سَهي، صدقي ڪري راضي رَهي،
ڳُجهيون ڳليون ڳولي ڳهي، ڏُکندل ڏَکي ڏُبِري ڏَري،
پهتا پهرين پُور جيئن.

پولا لَتا سَپ پال سان، ٿِي مست مالا مال سان،
ايوب' اپري حال سان، مَرڻا اَڳي جيئري مري'
محبت ڪري منظور جيئن.

Gul Hayat Institute

تناسري

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

ڄاڻي رب ٿو ڄاڻ وي مِيان،
پِرت لڳي سا پوءِ نہ پَلڻ جي.

جنهن دم جاني، ياد ياراني، دوست ڪري ٿي دلڙي ديواني،
اهي سڀ اُهڃاڻ وي مِيان، چال چُڪائين چَلڻ جي.

محبوب موچاري، محبت واري، دوست دُلاري، دلبر ياري،
حاڪم اڳيان هاڻ وي ميان، حُجت نہ آهي هرگز هلڻ جي.

بخشي بَديُون، ايندم آديُون، آئي آڪڙيون، ٽيندم ٽڏيون،
واري ڪندم وراڻ وي ميان، سرچي سُهڻا سُور سَلڻ جي.

ايوب' اُجاري، ساڻ اِشاري، ڏَمر نہ ڪڏهين يار ڏيڪاري'
مُحب سندا ماڻ وي ميان، جلد ڀُڪي ڏي جيءَ جي جَلڻ جي.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلھ:

جوڳي کھڙي جُوءِ وي ميان،
واڳي ويراڳي وَچن ۾ ويئڙا.

سَدا سَناسين سُهڻيون چالُون، لاڳ لِڱن کي لائي لاليُون،
خاطر ڳنهن خوشبوءِ وي ميان، سخت سَنائُون سِر تي سِيئَڙا.

اَلک آديسي، جاڳي جاڳائي، لُونءَ لُونءَ ۾ لَنئُون لال لڳائي،
هُوءَ مَنجھ هردم هوءِ وي ميان، ٿاڪ ٿانيڪا سي وجي ٿيئَڙا.

سپني اندر صُورت ساڳي، اُپٽي اکيون جان ڏِسان جاڳي،
باس نڪا هِت بُوءِ وي ميان، عام کان اولي قِسمت ڪيئڙا.

اڱڻ 'ايوب' جي ايندا ڪڏھين، ننگ سُجاڻي نيندا ڪڏھين،
روئان ساري روءِ وي ميان، پُور تِنين جا پل پل پيئڙا.

ڪافي

ٿلھ:

آءُ ڪيئن پليان پاڻ وي ميان،
جيءَ منجھ جادُو جوڳين لايو.

سرتيون آيا سامي سيئي، پرک جنين جي پَسڻ مان پيئي،
ويراڳين جي وارڻ وي ميان، ويڙھو وِلھي جو آھي وسايو.

اچي آديسين آتڻ اُجاريو، ڳَتڻ تِنين جو ڪنهن نہ ڳُئاريو،
سهڻي سِيرت ساڻ وي ميان، مُلڪ موھہ سِين سارو مَچايو.

باسين بالم ٻُک نہ ٻيراڳي، وَنجُھل ۾ واسيا وَتن ويراڳي،
قُرب ڪمائڻ ڪاڻ وي ميان، پوش فقيري پرين پايو.

ايوب' آديسين اهڙيون چالُون، ڳارين سندن ڳُجھڙيون ڳالھيُون،'
هينئَڙي اندر رِهاڻ وي ميان، سوز سناسين سرس سمايو.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

لائي ٻاروچل نينهن وي ميان،
ڳُوڙهيءَ سان وَڙ ڳَيَڙا ڪيئي.

پِرت پُڪي ۾ پُنهل جي پيس، ويجهي وصالي وَصل ڪي وِيس،
محبت ونڙا مينهن وي ميان، سانگ سَجايا ٿيم سپيئي.

پاڻ پِلائي پريم آيو، ٿورو ٽڪِيءَ تي لک جو لايو،
ويئڙا ڏُکن جا ڏينهن وي ميان، ويچي وِچ جي ثابت ويئي.

آئي عجيبن ٿيئڙيون آباديون، ملڪ سڄي ۾ مبارڪ باديون،
شهنشاهي شينهن وي ميان، ناز نِهوڙيس نازڪ نيئي.

ايوب' اُميدون پُنيون من جُون، طرحين ڪُليون تاڪيون تن جُون،'
لَٿي اُيري سين وي ميان، رُوح رِهاٽين دلڙي ريهِي.

ڪافي

ٿلهہ:

دَم دَم دلبر يار وي ميان،
دل ۾ وَسي پيو دائم قائم.

ويچو وار ۾ وصل جو ناهي، پردا پوشي اصل ۾ آهي،
گهونگهٽ ۾ گلزار وي ميان، دل ۾ وَسي پيو دائم قائم.

وَنحنُ اَقرب ويڙهہ وجود ۾، ڳولا ڳولِج سِر نيئي سُجود ۾،
حاضر هر ڪنهن وار وي ميان، دِل ۾ وَسي پيو دائم قائم.

پاڻ ۾ پيهي پاڻ وِڃايم، پار پِرت جو پنڌ پُڇايم،
ويجهو مَنجهہ وَٽڪار وي ميان، دِل ۾ وَسي پيو دائم قائم.

اندر 'ايوب' جو اسم اُجاريو، جوهر جلوي جسم جياريو،
ناز ڪري نِروار وي ميان، دِل ۾ وَسي پيو دائم قائم.

Gul Hayat Institute

جوڳ

ڪافي

ٿلهه:

ملڪ مسافر يار وي ميان،
وينين چا لاءِ وطن وساري.

ملڪ فَنا ۾ آيو آهين،
لاهِ بَقا جو بار وي ميان،
سهڻو ڪٽجان ثَمر سُڌاري.

ويلَ ويهڻ جي واجب ناهي،
سيڪا ساعت سار وي ميان،
سيڪنڊ سيڪنڊ، منٽ منٽ سنڀاري.

جاڳ سُجاڳ ٿي جانب،
جاڳي غفلت ۾ نہ گُذار وي ميان،
لوچي لَهہ تُون لَيل وَ نهاري.

دانهن هِن درياهہ ۾ دَم دَم،
هردم ٿي هوشيار وي ميان،
تار منجهان وَڃ ٻيڙو تاري.

اَجَل 'ايوبا' آخر ايندو،
وري نہ مِلندئي وار وي ميان،
مَن کي مَجائِج جيئري ماري.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

جيڏيون! جيئري پاڻ جَلائيينديس،
آءُ سُمهڻ سُک جو وِجَائيينديس.

آءُ جا نِهوڙيس نند نياڳي، سيج سُهاڳي ٿيم ڏُهاڳي،
جلنديس، پچنديس جاڳي جاڳي، ويهي راتيون وِهَائيينديس.

سُک ٿي سُتين ساٿ لڏي ويا، نِڌَر نِپاڳي نند ۾ ڇڏي ويا،
گولي گوندر منجهہ گڏي ويا، گُڻ تنين جا ڳائيينديس.

هَٿَئون سيڪا منهنجي پئي آ، نياز نوڙت مون نہ ڪئي ڪا،
پَڌَر سموري ڳالهہ پئي سا، لوڪان ڪيئن لِڪائيينديس.

ايوب' اول ڪان آخر تائين، مَان سُڃاڻن صاحب سائين،'
لوڪان لِڪَ ۾ پاڻ لڄائين، پَرَ ۾ وجي پَرَچائيينديس.

❐

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

دل ٺُٺَل ڪي دلربا ريءَ نہ ٻيو ڪو ريهہَ ڏي،
ڳانہَ ڪاري ڪا لڳي، ڏَسِيُون ڏکيءَ ڪي ڏيهہ جي.

هُنرمند حڪيم هُئا هزارين، ويا حيلا ڪري،
حاذقن نہ هي ڪيا، ڦَٽَ ڇُٽائي ڇيهہ ڪي.

ڪيئن ڪروڙين ڪيترا، ڳن ڪرامتون پيا،
ڪونہ ڪڏهن ڪنهن ڇيو وري آ ڀياسي ڀيهہ ڙي.

پارس پريم جون، پئي ڪيون پَٽِيُون پري،
پوش پرده ٿيا پري، پروس وڃي پرڏيهہ سي.

وَڍ وڍيو جي وَڏ وڍين، ويڄ سي ئي وَڙَ ڪندا،
وڄ 'ايوب' جن وڍيون، وڃي وَٽَ ٽِنين ويهہ ڙي.

ڪافي

ٿلهہ:

مَرڻ جِيئڻ جِي مَام سُڃاڻي،
وَرڻ وِساري مَرڻ مَٽي آءُ.

شوق شريعت شاهي ڏاري،
اَمر نيهي جون ٻوليون پاري،
سانگ صفاتي سيئي سَٽي آءُ.

تار طريقت اندر طالب،
غفلت تي ٿي غازي غالب،
پوريل دَرِيُون پُرجهي پَٽي آءُ.

ورق وِساري وهشت وارو،
درياءُ حقيقي دهشت وارو،
جهاڳي جهاڳي جهاڳ جَهٽي آءُ.

اُلٽي 'ايوب' عارف بازي،
راز رضا تي رهجان راضي،
ڪيڏي ڪيڏي ڪيڏ ڪٽي آءُ.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٽلهہ:

سَاهڙ ٿُون سَردار يار، سِڱهو رَسج سير ۾،
سِڱهو رَسج سير ۾، هِن واهڙ سَندي وير ۾.

ڀلا ڀَرم، ڪري ڳرم، آڏر ٽِئين آڙاهہ ۾،
تاري تَارَ ڪرئين ڀَار، اَٿم آس امير ۾.

ناتي نينهن، چاڙهي چِينئَن، بي وس ڪئي بيراهہ ۾،
آئي اٽڃاڻ، مَنجهہ مهراڻ، اچي مِل اُڪير ۾.

ڀَارج ٻول ڪيل قول، رهبر رَسج راهہ ۾،
هَڪل سَاڻ ڳج وَارڻ، ٻَچائج سَمنڊ سير ۾.

مِل ‘ايوب’ سان محبوب، درد جي درياهہ ۾،
پارس پاڻ، ٿُون سُڃَاڻ، تنهنجي سِڪ سَرير ۾.

ڪافي

ٽلهہ:

هَر هَر حَاضر آهيان، هوڪو حَق جو هَلايان،
عاشق ٿِي اَٺموٽ سڏائي، پيِر نہ پوئتي پايان.

جوڳ جڳت جو جَامُون پائي، ڦُربَتُون پنهنجو قدم ڪُڏَائي،
سيلاني ٿي سانگ بنائي، گليءَ، گليءَ ۾ ڳايان.

هَٽ هَٽ هوڪو حق جو ڏيئي، سِڪ جا پڙهيم سبق سپيئي،
محبت وارو سُٽو مِڙوئي، ناچو عشق جو آهيان.

قرب جي ڪُن ۾ ڪاهي ڪاهي، وِڇان وَرڻ پوءِ واجب ناهي،
تانگهو تَار ترٽو آهي، سو ڪِيئن سَانگ لَڄايان.

محبت اَندر مَست قلندر، سِڪ جو ٻڻجي سوز سَمندر،
عَبدِيَت جي اولي اندر، اسم ‘ايوب’ سڏايان.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٺلهه:

ڪوهه ڄاڻان ڪهڙو ڏوهه، ڪيچي رات ڪري ويا،
هيءَ نماڻي وو نال نَه نِيائون.

اَچن اولانيا آيل آريچن جا، ڇاڪئون رُلائي ويا منجهه روهه،
ماري مُئيءَ کي مات ڪري ويا، ڏکڙا مون کي وو ڏاج ڏِنائون.

ڪيچئون آيا ڪيچي ڪوهيارا، سرتيون ڪري هي ستوهه،
سنجهي پنهنجو ساٿ ڪٽي ويا، ڇِني سنگڙو وو مون سان ڇوڙيائون.

پينر پُليس پوري پانيم پاتي، پَسِيو مهمانن موهه،
بلوچ پنهنجي بات ڪري ويا، ڏارين ڏڪاري وو ڏار ڪيائون.

ايوب' اوسيئڙو آهي اندر ۾، ڏيرن ڏنا ڪي ڏوهه،'
ڪوجهي ڪميڻي ذات ڪري ويا، عيب نَه اوٹيئڙن وو اڳ ڏٺائون.

ڪافي

ٺلهه:

ڪم نسل جي ڪوجهڙي، مان مُهاڻي آهيان،
عشق ڄام جي اُجاري، عَيبن هاڻي آهيان.

ڪاڄ ڪِڪيون ڪاريون، خود پسند خوراڪ هُئي،
خُوب ڪائي ڪَل پري، خوش ڪٽياڻي آهيان.

ڄَم ڄمار ڄار جي، ڄاپندي ڄري لڄم،
ڄاڻ ڄاڻڙ مان نہ ڄاڻان، ڄَٽ ڄَٽِياڻي آهيان.

بي وقوف بدافعال، ٻيو ڙي بيڪار مان،
بار بَدِيون بيشمار، بَس بُرياڻي آهيان.

ڏَڏ ڏَڦير ڏهہ ڦيري، ڏيهہ ۾ ڏوهاري ٿيس،
ڏوهہ ڏنگايون ڏسيو، ڏَرندڙ ڏهاڻي آهيان.

اَول آخر اَجهو آڏر، اصل آهي 'ايوب' جو،
اميدوار عيبداري، آءٌ اَياڻي آهيان.

ڪافي

ٿلهہ:

دَرد ٽُنهنجي دلربا، هي دل فراقن آهي ڦَٽِي،
درشن پَسائي ڪر دوا، پيارل پيار جي پَٽِي.

مرض منڊل ڪريو مَچي، ويتر وَاڌُو وَريو اچي،
بي وس ڪَيَو سا ڪيئن بَچي، جهجهڻ جهوري جا جَهٽي.

برهہ لايَو باري مِٺا، ڳُٽن تنهنجن ڳاري مِٺا،
ونجهل وصل واري مِٺا، جِگر جيري اَندر جَٽي.

جانب جاني جيئري جلڻ، طعنا مِهڻا جِهٽڪُون جَهلڻ،
هِيڻو ٿيو هَلڻ چَلڻ، صحت ساري ويم هَٽي.

قول پَسي مُنهنجو ڪچو، سُخَن ڪريو پنهنجو سَچو،
اڱڻ 'ايوب' جي اَچو، محبت سَندي اُپَٽي مَٽي.

ڪافي

ٿلهہ:

واهہ ويراڳي وحدت وارا، مِنٽڙا ٻول ٻُڌائن ٿا،
تَند طَلب جي تازي تازي، ويرو تار وَڄائن ٿا.

جوڳ جڳت جو جَامُون پايو، سيلاني سو صاف سَڏايو،
بدن بسم جو بيک بنايو، لڪين لاڳ لڳائن ٿا.

پِي پيالو پُورت وارو، ماڳ مَٿيائون مُورت وارو،
سانگ سُڃاڻي صُورت وارو، نَچيو ناٿ سِر نِمائن ٿا.

وحدت ڪثرت وائي واري، ٻوٽا ٻيائي وارا ٻاري،
ڏيان حقيقي هڪڙو ڏاري، دردي دُود دُکائن ٿا.

غير ڪَٽي، سپ گوهر غازي، ملڪ مَٽي هي قبل الماضي،
رَهي رضا تي 'ايوب' راضي، هولي حال مچائن ٿا.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

اِبتدا اج عشق جِي، اعليٰ عَجائب ٿِي عَطا،
اَول ڪان پڙ آهي اڳتي، سَرس جنهن جي سَت سَتا.

اِيءَ اَڙانگو سانگ آيو، بِرهہ بالم ڏيئي بَتا،
اچڙ اُن جي آگ لاتي، تاڪ تَن جا سپ تَتا.

اَرڙ اَرڏي واريو، نيش نيهي ڪُپ ڪُتَا،
اُٿل اُلٽي واهہ وَروڙيو، مَندل مَاندن جا مَتَا.

ايندي شرط عقل اَڏيءَ، هوش هِڪدم ويو هَٽا،
اُتي رهيا رِٽيل مِڙيئي، لوپ لالچ جا لَتَا.

الف' 'ي' ۽ 'و' 'ب'، پُڇ پِرت وارن ڪان پَتَا،'
اندر اوڳار رکج اونو، متان خام ٿي ڪرين خَطا.

ڪافي

ٿلهہ:

سائين سپ ڪنهن، سپ ڪنهن پنهنجا سُور، ڏِس دنيا جا دستور،
هِجر فِراق ۾ هر هر، هُن جو ماري ٿو مذڪور.

ٿِيس ديوانو ڪنهن جي خاطر، پِرت پُنهل جي چو ٿي ناتر،
ڏُک ڏيڪاري لاڪين ڏاتر، مِڙيئي ڪيا مشهور.

سهڻي ساهڙ رِيءَ نہ ڳتي، ليلا داسڙ دَر نہ مَتي،
رانجهن ريءَ نہ هير هَتي، پَلتي پيئڙا جن تي پور.

مومل راڻي مام ماري، هُئي گهڻو جا هُنرن واري،
ڏند ڏنهين ٿي ڏيهہ ۾ ڏاري، اهڙا ڪيئي ٻيا بہ قصور.

دنيا واري دولت ڪي دڳ ۾، 'ايوب' آخر فاني جڳ ۾،
عشق رهي ٿو رهبر اڳ ۾، ٻيا تہ مِڙيئي ڦند فتور.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

حال ڏسي ڳن ٻَال،
سَڄڻ مُنهنجا سَباجها.

راتو ڏينهان رُوح اندر ۾،
آهي محبتن جي مَقال.

ووڙيان ووڙيان وير وندر ۾،
ويٺي لاءِ وصال.

آءُ تہ انهن جي آهيان،
سرتيون نالي منجهہ نِهال.

ايوب' اُجاريو عيبن پريون،'
ڳن ٿا قُرب ڪمال.

ڪافي

ٿلهہ:

مون سان وري منهنجا جيئين،
محبوب تون مِلندين ڪڏهين.

ڀهرين ڏيئي پيار تو، چا ڪَئُون ڏِڪي ڪيو ڏار تو،
هينئڙو ڪيو هٿ يار تو، ڏاڍا نٿو واپس ڏيئين،
خوش ٿي سڄڻ کِلندين ڪڏهين.

ڪولي پيالا پرپور ڪي، شيشا شرابن طهور ڪي،
مِنٿڙا ڪري منظور سي، پيالا ڀري پرچي پيئين،
ريجهي سڄڻ رِلندين ڪڏهين.

صدقي وڃان هي سوال آهي، تنهنجي خوشيءَ جو خيال آهي،
ايوب' هڪ ابدال آهي، تنهن جو اچي تون شل ٿيئين،'
ٿِليو اڱڻ ٿِلندين ڪڏهين.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

بؔ برابر بي بَهَا، بيحد برهہ جو آهي بَاب،
بُلَند بَالا بِاالْيَقِينَ، ٻڌيو بلاشڪ بي حساب.

بيخوديِ جي بانگ چئي، ٿيس شوق مان شاعر شتاب،
بدن بيوس بَحَر اِن مِ ِ، بيوسي ٿِيو بي حِجاب.

بي مِثَل ۽ بي خَطَر آ، بانگ جنهن جي با ثواب،
بي خبر ڪي ٿي خبر، بيشڪ پوي بَاعِزُو آب.

بادشاهي باسلامت هوءِ، نَہ تُنهنجي حَد حِساب،
بخت بختاور جنهن جو بُرج بيٺل بي نقاب.

برک 'ب' پوءِ 'ي'، چوٿون 'الف' عالي جناب،
بؔ پَڇاڙِي 'الف' اول سان، مِلي منهنجو خطاب.

ڪافي

ٿلهہ:

ڪوهہَ نہ ڄاڻان ڪيئن ٿيا، مون ڪان دل ۽ دلبر دُور ٿئي،
مون جڏيءَ ڪي جيئن پيا، سانديڻ ڏکيا هي سُور ٿئي.

هرگز هِيئن هِيٺي مٿان، ناز وارا نُڪتَا لٿا،
سِڪ ۽ سوز جا سَٿَا، ويڙهي ويا وَهلور ٿئي.

پِرت سَندا پيوند پِيم، وقت قَضَا وِسري وِيم،
مَرڻ جِيئڻ مِٺَا ٿِيم، مُون ڪيا منظور ٿئي.

سُهڻي صفا سنگت سچي، مِيثاق ڪان مِليم اڇي،
محبوب ۽ محبت مَچِي، مارين ٿا مغرور ٿئي.

لاشڪ لڏي، گوندر گڏي، ساٿي سڏي ويلي وڏي،
ايوبؔ ڪي اَصلئُون چڏي، ڏُک ۽ سُک ويا ڏُور ٿئي.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

هِن مُنهنجي حال تي ڪر ڀَال،
دلبر ڏيج ڪا دِلداري.

جَهڙِي تَهڙِي جاني، ٻاجهارا، تنهنجي ٻَانهِي،
ڪريان جِند قُرباني، صَدَق وڃان سَو وارِي.

اَوگڻ عيب اَڳلايون، پَلي پنهنجي مُون پَايُون،
پيش اُهي اٿم آيون، مجرم ٿِنين جي مَارِي.

هَٿ جوڙي هِينئَن ٿاهيو ٻَاند ڳِچيءَ ڳَل پايو،
ڪريان ٿي ڳَنڍَ نِمايو وينِتيُون ويچاري.

ضعيف زور ٻيو ناهي، عِجز 'ايوب' جو آهي،
بيوس هِن بيواهي، ظاهر ڪئي آهي زاري.

ڪافي

ٿلهہ:

لا علاج ٿي لڳي، آهي هِي بيماري ٻَار ٻَار،
سِڪ ۾ سوز ۾ سدا آهي، هڪ ياد يَار يَار.

وِرونهن وڇوڙي وڏا، وَڍِ وِصال جي وِڏا،
ويا وَڍِي وجود ۾، وبِڇي نہ آهي وَار وَار.

زَيب زينت زَهَد تَقوا، ظاهري ضرورتون،
زُود سي ضَعِيف ٿِيون، ضعيف زاري زَار زَار.

ڏِڙَان ڏَري ڏِيَان جا، ڏَاڄَا ڏَڄِي ڏُو ڀَارِيا،
ڏَام ڏُوم ڏُم متي، آهي ڏِڙَ سِسِيءَ ڪان ڏَار ڏَار.

'ايوب' ساري بيقراري، دل ويچاري دربدري،
اڪيون آليون رنگ زرد، آهہ سرد آر پار.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

مَئي پِي مَدَّ مَدهوشي جي،
چَاهہ منجهان ڏِس چاهي چاهي.

پِي پريمي پَاڪ پيالا،
مَئي خاني ۾ مُرڪ مَتوالا،
لاڳاپا سَپ لاهي لاهي.

سانگو سِر جو صاف سَٽي ٿُون،
ملڪ مرڻ جو ماڳ مَٽي ٿُون،
ڇَرڪ ڇڏي پَس ڇاهي ڇاهي.

ڊِڙ سِرَ ٻئي اچ ڏَار ڪرائي،
لاحد ڪان وڌ لانگ ورائي،
قَدم ڪُڏائي ڪاهي ڪاهي.

ايوب' اندر ۾ آگ لڳائڻ،'
مرڻ جيئڻ جي جوگ جَڳَائِڻ،
عشق ۾ واجب آهي آهي.

ڪافي

ٿلهہ:

پَل پَل پِرِنَم پُور، پِيو ساهہ سِڪايل ساري،
ٿِيُون اج ياد آيم اَباڻا.

ناحق ڄائي نِيئر پيا مُون، وَر ۾ ويڙهيچا ٽر ٽيا مُون،
سَاڙِيس انهيءَ سُور، ڳارڻ ڳُجهڙي ڳاري،
سَنڌ سَنڌ ٽِيم سپ سَاڻا.

بَند بَندن ۾ بيوس بَاندِي، ڪير ٽيندو هِت مُئيءَ جو ڳانڍي،
ڇَهڪَن چوري ڪَيَڙس چُور، گهايل دل ٿي گهاري،
پَاڻ پِٽيو پيئي پِٽيان پَاڻَا.

دم نہ ٽِڪي دل دردن ماري، ٻارڻ ٻيٺي ٻاري ٻاري،
ويڙهي ويا وَهلُور، مونجهہ مارُن ماري،
نِت نِت روئن نيڻ نِماڻا.

ايوب'اوساري هَنجَڻُون هاري، ڪوٽن ۾ مَن ڪيئن گذاري،'
ماڙين اندر مُور، وِهنديس ڪِين وساري،
ڏوٽياڻِي مان ڏيهہ ڏَاڏاڻا.

Gul Hayat Institute

بلاول لوڙائو

ڪافي

ٿلهہ:

اڱڻ سڄڻ پلي آيم،
پاڻ پلائي پيارا.

قرب قَرِيبن ڪَيَڙَا، ويچا سيئي ويئَڙا،
مُون ٿَڪِيءَ جا ٿِيئَڙا، سانگ سَجَايا سَارا.

مِليم مُقابِل ويهي، سُور سُٽَايم سيئي،
جِيءَ ۾ هُئا جيئي، ڳُجهڙِيون ڳالهيون ڳارَا.

مَنَ مرادون پُنيون، ڏيهہ مبارڪون ڏِنيون،
پيچون برهہ جون پنيون، وصل ڪيا وسڪارا.

اچي عجيبن اَديون، معاف ڪيون سپ مدايُون،
بخشي آيا بَدِيون، عيب 'ايوب' وارا.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

بخش بَديون بخشڻهار،
در تان دلبر ڪيئن مَ ڌِڪار.

گهورو ٿي آهي گُهمڻو مون کي، ساري ناهي سُمهڻو مون کي،
رَمز رَنديءَ سان آهي رَمڻو مون کي، منجهہ داور جي دربار.

جڳ پلي ڪري جُنيون مون کي، ماکيان لڳن ٿيون مِٺيون مون کي،
ساءِ سڄڻ جي سُڻيون مون کي، واهہ واهہ وڻن ٿيون دل کي يار.

ماڻهو ڏين ٿا مِهڻا مون کي، سي سپئي آهن سَهڻا مون کي،
ڪاڻ قرب جي گهڻا مون کي، نون، في سين نڪار.

آس 'ايوب' چئي آهي مون کي، چو ٿيون پليو چاهي مون کي،
جي ڪٽي گهوٽ گُهرائي مون کي، هيءَ سر صدقي سَئو وار.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

جَانِب جَڏڙو جِيءَ جِيار،
وَاڳ وَصل جِي واري وار.

پَرچين پَاڻ رُسين ٿُون پاڻھي،
پِريم ڏيو پيار، واڳ وَصل جي واري وار.

پيچ پِرت جا پائي پورا،
پھريون ٻوليون پار، واڳ وصل جي واري وار.

پيوند پُختا پيارل پيئڙا،
پَروس ڪيم پُڪار، واڳ وَصل جي واري وار.

پياسي ’ايوب‘ آهي اداسي،
پَل، پَل هي پينار، واڳ وصل جي واري وار.

ڪافي

ٿلهہ:

ياد آهين ٿُون هردم يار،
شال مَ وِسرين هڪڙي وار.

راتو ڏينهان رُوح ريهاڻي،
رِلِ مِلَ ٿي رفتار.

محبت موج مچائي مَن ۾،
محب مِٺا منٺار.

جانب جَڙَيو جِيئڙو تو سان،
جوڙ ڪري جِنسار.

قرب ڪڙي منجھہ قابو،
ڪڙجي ٿيئڙم قلب قرار.

عجب ’ايوب‘ ڪي آهي،
تنهنجي عشق ڪيو اظهار.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهه:

هڪڙي عشق ڪيو اظهار،
ٻيا ڪُل وسري ويا ڪم ڪار.

واهه جو دکي آهي وصل جو
وٽيو هي واپار
ٻيا ڪُل وسري ويا ڪم ڪار.

وحدت وائي ڏي وڏائي،
وَفِي اَنفُسَڪُم وارو وار
ٻيا ڪُل وسري ويا ڪم ڪار.

ويجهو واحد والي سڀ ڪان،
وَڻ ٽِڻ ۾ وٽجهار،
ٻيا ڪُل وسري ويا ڪم ڪار.

وَنَحنُ اَقرَبُ ويڙهي آيم،
وِتي ناهي هڪ وار
ٻيا ڪُل وسري ويا ڪم ڪار.

وقت 'ايوب' ويراڳي وريو،
ويئڙا سڀ ويچار
ٻيا ڪُل وسري ويا ڪم ڪار.

ڪافي

ٿلهه:

ڏانءُ مِلڻ جو ڏاها ڏَس ڪو
سوئي سانگ بنايان، حاضر آهيان.

جي چوين تان مومن ٿي مان،
ڪلمو ڪوڙ ڪمايان، حاضر آهيان.

جي چوين تان ٿي نيڪ نمازي،
ساجد ٿي سر نايان، حاضر آهيان.

جي چوين تان جانب تولاءِ،
ويهي وِرد ورايان، حاضر آهيان.

جي چوين تان سخي سڏائي،
مايا مُلڪ لُٽايان، حاضر آهيان.

جي چوين تان سَاڌَ سڏائي،
تازا تِلڪ لڳايان، حاضر آهيان.

جي چوين تان جوڳي بنجي،
پوش فقيري پايان، حاضر آهيان.

جي چوين صدقي سِرڙو سَوَ سَوَ پيرا،
گهوري گهور گهمايان، حاضر آهيان.

جي چوين عاجز بندو 'ايوب' تنهنجو
آس اميد نہ لاهيان، حاضر آهيان.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

خيال ڦِٽا ڪر خاص خوديءَ جا،
هَٽَ ڪي ماري هَلجان ٿُون.

دانهن ٿي هِن دَور دنيا ڪان،
پنهنجي پاڻ ڪي پَلجان ٿُون.

ڏُک سُکن جي سُونهن اٿئي،
جهوليءَ پائي جَهلجان ٿُون.

سمجهڻ وارا بي سمجهہ سان،
سُور نہ ڪڏهين سَلجان ٿُون.

بار ملامت بَرسَر باري،
خوب خوشيءَ سان ڪٽجان ٿُون.

پاڻ ۾ پيهي پاڻ سُڃاڻي،
پاڻ ڪي پَاڻان پَلجان ٿُون.

سبق پڪو ڪر سچ صبر جو
سور نہ ڪنهن سان اَلجان ٿُون.

رَمز رَندن جي اندر رِلَ مِلَ،
راضي ٿي وڃي رَلجان ٿُون.

درد جو دل ۾ دُودَ دُکائي،
جيئري 'ايوب' جَلجان ٿُون.

ڪافي

ٿلهہ:

بس يار بيار بيا بر خيز،
پيالو پيار پيا پُر فيض.

گوش بہ گوشي پِنهَا پوشي، نوش بہ نوشي مئي مدهوشي،
انگ، انگ منجهہ انگيز.

مِليو مدام جيءَ کي جام، تنهنجو نام صبح شام،
لائق لا اِلا الله لَبريز.

بيائي ڪي بَن ڏيئي جِن، سِر سچن آندو تِن،
هڪڙو رنگ رچا رنگريز.

الف' 'ي' 'و' ۾ 'ب'، مست منگي ڏي ۾ ڏي'
طلب تياري تن ۾ تيز.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

پرچ پيارا جيءَ جا جِيارا،
پئجي توسان ويئڙو پيچ.

سوگهو ساهہ تو وٽ آهي، شهنشاهہ بي پرواهہ،
منهنجي هٿ نہ هينئڙو هيچ.

عجيب اُلفت، ڪاتي ڪُلفت، منڙي محبت، سهڻي صحبت،
پلي، پلي هيءَ ڪيئڙو پيچ.

نينهن نوان تيز تنوان، سُور سنوان روز رَوان،
اچي سرس ڪيا سرويچ.

ايوب' آهي، ڏَسيو ڏاهي، ويندس ڪاهي، مون کي چاهي،'
ڪرڻ ڪشالو پيئڙو ڪيچ.

ڪافي

ٿلهہ:

طِلسم بازي ترڪڙ دنيا،
پُرجهي پائج پُختو پير.

دَور دنيا جو فاني جاني،
مام پروڙج مرد مٿير.

ڇهل پهل وارو چرخو چليو
اُلٽو جنهن جو اير نہ پير.

ويري جوئي واهر سوئي،
غين نہ جنهن ۾ ڪوئي غير.

اُلٽي چالي 'ايوب' آهي،
هينئڙو تنهن سان مُور نہ هير.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

اُڏر پکي، وَڃ پَار اَصل ڏي،
آهيرو جِت آهي تو.

ڇُپي ڇُپائي ڇا کان ڇڏيا،
لاڳاپا سڀ لاهي تو.

وطن وِساريو ويهي اٿيئي،
ٺاهہ ٺڳيءَ جو ٺاهي تو.

نقلي ناٽڪ ڏسيو ڏينهان،
ٺَٺَڻ مناسب ناهي تو.

ايوب' اُلفت دنيا داري،'
رنڊڪ اها ٿي راهي تو.

ڪافي

ٿلهہ:

جان جِگر ۾ جانب جام،
محبت تنهنجي مَن ۾ مدام.

نِينهن نِسنگي نِروار لَڳايم، بَر سَر بِرهہ جو بار اُٺايم،
طلب جي تن ۾ تار وڄايم، تون هي تون جي تن ۾ تيز وڄي پئي تند تمام.

درد کان دُکايا دل ۾ دُونهان، سُور سَوين ٿيا سَنبري سُونهان،
آهہ اچي ٿي روئڻ جي رُوحان، عشق وڃايو اکين آرام.

بيوس دل هي باندي آهي، وار وِرونهہ کان واندي ناهي،
محبوب مِلڻ لاءِ ماندِي آهي، لوچي لڏئين گُوندر غمن جو گام.

ايوب' عاجز آسي آهيان، پازي پِرت جو پياسي آهيان،'
پيئڙو قند قرب منجهہ ڦاسي آهيان، ازلئون اُٺايم عشق الام.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

آءُ پيارا پَرچي پاڻ،
ريجهي ڳريون رُوح رِهاڻ.

سَرچ تہ سَرچون سچ پچ سُهڻا،
صاف سچائيءَ سَاڻ.

سَوَ سَوَ پيرا هِي سِر صَدقي،
حُڪم اوهان جو حاضر هاڻ.

سُور سِڪڻ جا سَرَس سَمايا،
سختيون ڪر نہ سڄاڻ.

سَائِل 'ايوب' آهي سوالي،
ساجن سائين سانگ سُڄاڻ.

ڪافي

ٿلهہ:

هڪڙي دلبر جي دَرَڳار،
ٻيو ڪونہ وٽي ڪم ڪار.

جيءَ مَنجهہ جذبا جوش جاڳايا،
جَامَ وَهي جَرَ يار.

دل ۾ دَمَ، دَمَ دَور ڪري ٿو
دردن جي درٻار.

دائم قائم دَم قَدَم تي،
حال رَهي هَر وارَ.

رَمَز رُوحاني راز رَچايو
تيز وَجي هَر تار.

ايوب' اهڙي آرَ عجب تان،'
گهوريان هي گهر ٻار.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

دِل جو مِليو دلبر يار،
ٻيا ڪُل وِسري ويا ڪم ڪار.

واهہ وجود ڪي آهي وَصل جو،
وَڏيو هيءَ واپار.

ويجهو واحد والي سڀ ڪان،
وَڻ ٽِڻ ۾ وڏجهار.

وَنَحنُ اَقرَبُ ويڙهي آيم،
ويڇي ناهي هِڪ وَارَ.

وقت 'ايوب' ويراڳي وَريو،
ويئڙا سڀ وِيچار.

ڪافي

ٿلهہ:

جوڳي بنجي تولاءِ،
دَر دَر ٻين وَڄايان، ڦيرڙيُون پايان.

هر ڪنهن ويلي هَر هَر تنهنجي،
ڳالهہ ڳُڻن جي ڳايان، ڦيرڙيُون پايان.

پيتو ڪارڻ پَنجتَنِيءَ جي،
ٻکيا بيکَ بنايان، ڦيرڙيُون پايان.

ٻنَا خريدي ٻالَم ٿُنهنجو
نوڪر نَامَ چوايان، ڦيرڙيُون پايان.

عبد 'ايوب' سَڏائي آيس،
سينو مُورَ نَہ سَاهِيان، ڦيرڙيُون پايان.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

دَم دَم توکي دلبر جاني،
ساهہ سِڱايل ساري ڪِينَ وساري.

هينئڙو منهنجو هَر هَر هِتَڙي،
گهَايَلَ گهَڙِيُون گهَاري.

عشق اوهان جي آگم لايا،
نازڪ نِينهن نِيَاري.

ڳولهي توکي گليءَ گليءَ ۾،
ڳَلَ سِرَ ڳوڙها ڳاري.

پيوند پيچ پيار جو پائي،
پَيَئَڙو تُنهنجي پينَاري.

اڱڻ 'ايوب' جي ايندين ڪڏهن،
واڳ وري هِتَ واري.

ڪافي

ٿلهہ:

ملڪ مسافر موتِي پنهنجو،
وطن وَسائڻ ويندين، وري نہ ايندين.

قيد قبر ۾ قابو ڪڏهين،
پَروَس ٿي وجي پوندين، وري نہ ايندين.

ٿَمَر سفر ۾ سو ڪم ايندئي،
نَال هتان جو نيئَندين وري نہ ايندين.

هڪڙي ڏينهن حساب حَقَاني،
ڏوهہ ثواب جو ڏيندين وري نہ ايندين.

ايوب' عَادِل پاڻ تي پاڻَهي،'
ٿوري گهڙي ڏينهن ٿيندين، وري نہ ايندين.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهه:

مُون نہ سُڄاتِي مَام پيارا،
هِڪڙَم هِينئَڙو هيري،
وَئين ڪِيئَن ڦيري.

جيئڻ وِسري جلدي ويئڙو
جَانِب منهنجي جيري،
وَئين ڪِيئَن ڦيري.

درد هزارين دلبر جاني،
گهايل ڪي وَيا گهيري،
وَئين ڪِيئَن ڦيري.

سانگا سَنِيم يار سُڪَن جا،
پُونءِ مٿي سپ پيري،
وَئين ڪِيئَن ڦيري.

عرض 'ايوب' جو يار اُونَائي،
دلبر وري اچ ديري،
وَئين ڪِيئَن ڦيري.

ڪافي

ٿلهه:

اڱڻ اسان جي يار پيارا،
پيرَ وري اچي پَائِين.
او منهنجا سهڻا سائين.

توريءَ بِي ڪا تَارِي ناهي،
اَڙِيَنَ آڌار تون آهين.
او منهنجا سهڻا سائين.

جيئري جانب هِن جَڏِيءَ تي،
لَڪَ لَڪَ ٿورا لائين.
او منهنجا سهڻا سائين.

مَهَر نظر جي منهنجا جاني،
هَرَگِزَ مَتان هَٽَائِين.
او منهنجا سهڻا سائين.

عرض 'ايوب' جو آهي اهو ئي،
شال آس اُميد پُڄَائين.
او منهنجا سهڻا سائين.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

دَام تنهنجي منجهہ دلبر دلڙي،
پَروَس آهي پيئي، وَس ڪان ويئِي.

هِينئَڙَا توکي هَٿَ سان هيري،
ڏاڍا وينس ڏيئِي.

قرب ڳڙي منجهہ قابو ڳڙجِي،
پيئَڙَا يار سَندَّ سَپيئِي.

عشق اوڙاهہ ۾ اُڇلي وِڌَس،
نينهن اوهان جي نيئِي.

سُور سُجهَن ٿا سخت گهٽو جي،
سَامهَان ٿيئڙم سيئي.

ايوب’ جَهڙَا اَنيڪَ ڪُنڙا،‘
قرب اوهان جي ڪيئِي.

ڪافي

ٿلهہ:

اَصل ڪِتان ٿُون اُڏِري آئين،
قسمت سانگي وطن آَڙانگي.

ڳَنڍيءَ ڪناري، ڪُنَ ڪنهن قَابُو
تَار جَهليو يا تانگهي، وطن اڙانگي.

دهشت دَور درياهہ ۾ دهلي،
لُڙهِيُون لالچ لانگهي، وطن اڙانگي.

ٻُڏِيو ٻَر ٻر، ٻُوليون ڪرئين،
ڳَانءُ، ڳَانءُ وانگر ڪانگي، وطن اڙانگي.

اُڏر ‘ايوب’ اوڏَاهِين وِج ٿُون،
وَڄندو واڄٽ وانگي، وطن اڙانگي.

Gul Hayat Institute

سسئي

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

جيڏيون ڪيچ وٽن ڏي ڪاهينديس،
آءٌ سانگو سِر جو لاهينديس.

وڃڻ سنپاليم، وِهڻ وِساري، هاڙهي هلڻو آهي هوڪاري،
پُنيءَ پياري، پُنهل پاڳاري، سُجهندي ساٿ سنباهينديس.

ٻول ٻَڌم جي جانب جَت سان، سي شل پاريان ثابت سَت سان،
رند رنڱينديس روئي رَت سان، واديون نيڻين وَهائِينديس.

وارِي ڪنهنجي ڪين ڪي ورنديس، ماڳ پُڄان يا مارڳ مَرنديس،
ڏُونگر ڏِسيو مُور نہ ڏَرنديس، چوٽيءَ چڙهڻ چاهينديس.

ايوبؔ اُنهن جي آهيان گولي، ٻانهپ جن جي آهيم ٻولي،
سڏي ڪندم شل سيئي سَولي، دَر تہ اُنهن جي دانهينديس.

Gul Hayat Institute

راڻو

ڪافي

ٿلهه:

جيڏيون تِن کي آهي جَس وو جَس،
جِن ڏُکن ڏِنو هِي ڏَس وو ڏَس.

ڦهرين ڦرڪڻ پاڻ کي ڏَسيُون، هوش عقل ٻئي هَٿَئون کَسيُون،
رمز روحي جون وِڏيون رَسيُون، ڇَال اُنهيءَ ڏِنو ڇَس وو ڇَس.

پاڻ وِڃائي، پاڻ سُڃاتَم، پيچ پِريت جو پُورو پاتَم،
نازڪ ناتو نيهي لاتم، محبت وارو مَس وو مَس.

ويڙهه وجودي ويهي ووڙيم، جاءِ فراق جي جيءَ ۾ جوڙيم،
پر منجهه پنهنجو پاڻ پَتوڙيم، لُڙڪ وَهائي لَس وو لَس.

اُلڪو اون ’ايوب‘ اُجاريو ساٿ سُورن جي ساڻ گهاريو،
ڏيهه ڏِسڻ جو ڏُکن ڏيکاريو، گُوندر لائي گَس وو گَس.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهه:

ڪاهي ڳرهو ڪاڳَ تي، آءُ سوڍل يار سياڻا،
سوڍل يار سياڻا، رُس مَ تُون راڻا.

وَٽن ڪِين وجود ڪي، هي وَر رِيءَ وهاڻا،
جايُون ڳُل جَبات جا، ٿِيا پَلنگ پُراڻا.

مارين ٿا معذور ڪي، هي منڌل مانڊاڻا،
ساجن بنا ساهَه ڪي، نه سيئي سيباڻا.

ڏِيٺا تيل ڦُليل جا، سي اَچي اُجهاڻا،
روئن رَت رَتول ۾، مُنهنجا نيڻ نِماڻا.

اندر منجهه ’ايوب‘ جي، ڪيا سُورن سَتاڻا،
مناسب ناهي مينڌرا، مسڪين سان هي ماڻا.

Gul Hayat Institute

سارنگ

ڪافي

ٿلهہ:

دل ۾ دلبر دائم دَم دَم، طلب تنهنجي جي تار آهي،
محبت تُنهنجي مست بنايو، مون کي مِنٿڙا يار آهي.

آءُ پيارا پرچي پاڻا، رِيت رُسڻ جي ڇڏ ٿُون راڻا،
محبوب! ايذا ڪر نہ ماڻا، بيوس هي بيمار آهي.

دَم دَم فالون هي دلبر پايان، قاصد توڏي ڪانگ اُڏايان،
سوز اندر جو ڪنهن کي سُڻايان، سرس سدا صَد بار آهي.

دردن آهي دِل کي سَتايو، جوش جانب جيءَ جلايو،
حُسن تُنهنجي هي حُڪم هلايو، حاڪم حشمتدار آهي.

گليءَ گليءَ ۾ ڳوڙها ڳاڙي، هينئڙو هر هر هَنجُون هاري،
وَسَئُون ويهان آءُ ڪيئن وِساري، پياس ڏنو پيار آهي.

ايوب’ تُنهنجو اصلئون آهي، قاتل پِڙ ۾ صاف ڪُڏائي‘
لوڪ سڄي منجهہ لِيئَڙا پائي، عشق ڪيو اختيار آهي.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

وَسي ٿِيا وَسڪار،
ساوڻ سڀ رَنگ لايا.

ڀِرين جي پَرديس پَري هُئا، موٽي مُند مَلهار،
سي محبوب مِلايا.

واحد وِڇڙيا وطن ۾ واري، جوڙ ڪري جِنسار،
صَابِر ڪيا هي سانگ سَجايا.

ڳرم ڪِروڙين قادر ڳُل تي، ڪيا رَب ڳلتار،
سڀ وَلهار وَسايا.

ڀيج ڀِنيءَ برسات بِره جِي، دوست مِٺا دِلدار،
اڱڻ 'ايوب' جي آيا.

Gul Hayat Institute

سورٺ

ڪافي

ٿلهہ:

اڄ پڻ مُنهنجي يار،
ڪيا وَيس وَسڻ جا.

سارنگ سپ رَنگ سُونهن سَرسا،
سَرها ٿِيم سَنگهار، پَسي پار پَسڻ جا.

رعدن رمزون راتو ڏينهان،
گوڙين جا گجڪار، رُڄن پاس رَسڻ جا.

وَر وَر وِڄڙيون ڏين وطن ۾،
چوُطرفين چَمڪار، ساري ڏيهہ ڏِسڻ جا.

ايوب' اَبرن اوتُون لائيُون،'
لَٽڙا ڏُرت ڏُڪار، پايَم هار هَسڻ جا.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٺلهہ:

ٿُونهِي ٿَند طَلب جي توڙ وَڄائِج ٿَن نَن مَن ۾.

ٿُون هِي ٿُون جي ٿَند ٿَنوارِج، ٻِيائي ڪي هِت ٻوڙ
ڏيئي ٻَن نَن ٻَن ۾.

سار سندا رَنگ سو ٿِي ڏارِج، گُهري ڪَري جو گوڙ
گگَن نَن فَن ۾.

ملڪ معنيٰ جو مالڪ بنجي، خيما خيالي کوڙ
پَس تہ پَسارو پَن نَن پَن ۾.

ايوب' اَزَل جو آواز اُونائِج، جامون جسمي جوڙ'
چيرُون چمڪاءِ چَن نَن چَن ۾.

Gul Hayat Institute

کلنگڙو

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

وِهامي رات جا ويئي،
وري واپس نہ سا ورندي.

هِمت ڪر، هوش رک هاڻي، حياتي هي نہ هٿ ايندي.
وِڃائجي جي وَهي وئي، هينئين ۾ پئي سدا هُرندي.

سِگهو ساٿي ڪري سايو، سنبر سانبر سفر ساري،
سُجاڳي ري سمجھہ ساري، سڄڻ ساعت نڪا سَرندي.

مدامي ملڪ جون موجون، متان ميٺي ڇڏين من تان،
مجازي موهہ تي ماريا، مفت مايا ۾ دل مرندي.

آهي 'ايوب' جيڪي اڄ، سُپاڻي تنهن کي سارينديِن،
طلب سان تار منجھ بيڙي، تاريندين تہ پئي ٽَرندي.

Gul Hayat Institute

پيلو

ڪافي

ٿلهه:

نياڳي ننڊ نيڻن جي،
نِسنگ نِروار ٿي مُنهنجي.

سُمهڻ مان سَوَ سُور سرتيون، ساري ساري سُٽايا ڪنهن،
بيواهه بيوس ٿِيس بُڇڙي، بُري بدڪار ٿي مُنهنجي.

جَتن سان جوڳ جاڳڻ جي، ڪيان ها جي ڪوشش وٽي،
نه ساٿي ويل سا نِبيري، سُجاڳي سار ٿي مُنهنجي.

ڪئي مون ڪانه ڪا اهڙي، وٽي جا هاج ها هُن ڪي،
اديون! افسوس آهي اِيِ، ڪوجهي سڀ ڪار ٿي مُنهنجي.

ڏينهان راتيان ڏيان ها جي، اوجاڳا هِن اکڙين ڪي،
ته جاڳي جلد جلديءَ ۾، همٿ هوشيار ٿئي مُنهنجي.

هُئي جَس جيڏيون جڏهين، مِلي مون کي محبت سين،
ويو اُهو وقت ويسر ۾، هٿان مون هار ٿي.

سُکن جي سيج سچ سرتيون! وٽي نه وَر بنا مون کي،
قسم آهي ڪشش قلبي، پرين جي پار ٿي مُنهنجي.

ستايو ياد سُهڻل جي، اچي 'ايوب' کي آهي،
اَول جي آشنائي اڄ، عجب اظهار ٿي مُنهنجي.

Gul Hayat Institute

ڪافي (پيلو)

ٿلهه:

خادم خاڪي آهي،
تُنهنجو خاص خُلاصو.

ٻانهپ ٻولي آيو اصل اَلستي اَلا، قالُو بَلا ساڻ ڳٺي هستي هزار اَلا،
من ٿِيو مُلان ڪونهِ آهي، ويو سپيئي وِسواسو.

ٻي رنگ مان رنگ بڻيو بشري بوتو اَلا، پِڄري پاپ ۾ پيئو تنهن دم طوطو اَلا،
ان ۾ اوطاق آهي پَروَس پياسي پياسو.

ويڙهو وجود ۾ واحد وَنحن وائي اَلا، صُورت سُهڻي ساجن صاف صفائي اَلا،
موج ميثاقي آهي، ناز نوازيو نِراسو.

عبد 'ايوب' اول ڪان آخر تائين اَلا، سڏجي سِڪايل سُهڻا ثابت سائين اَلا،
ڦٽيل فِراقي آهي، دلبر ڏي ڪو دِلاسو.

❐

Gul Hayat Institute

وهاڳڙو

ڪافي

ٿلهہ:

صُورت صحيح سيد جي سُبحان جي نموني،
آئي عدم کان آهي انسان جي نموني.

ظاهر ظهورو ذاتي ذيشان جي نموني،
نوري نقاب ڪُليو نيشان جي نموني.

صاحب سخي سراسر سُلطان جي نموني،
قادر قدير ڪُل تي قربان جي نموني.

فائق فياض فاضل فرقان جي نموني،
قائم قديم ڪامِل قرآن جي نموني.

عبرت 'ايوب' ڪيئڙو اِريان جي نموني،
احسن عجيب احمد اڳوان جي نموني.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٽلھہ:

پَري ٿي پار ۾ پنڌڙو پريتي پيچرو ڇَريُون،
لڪين لَتڪيو لَڪن مان ٿيون، وڃن واپس وِڇان وَريُون.

ڪشالو قُرب جو ڪاڍو، ڪٺڻ آهي ڏُکيو ڏاڍو،
همٿ مردان سوا مشڪل، پَسڻ ٿِيو پار آ پريُون.

نَہ جن ۾ آهي ڪا محبت، نَہ تن جو ڪو لڇڻ سهڻو،
رَهن هر هر هميشہ سي، چال ۾ چَلت ۾ ڊِريون.

لهر جوين لَڄائي جن، وڃايو وقت ويسر ۾،
وِٺيون ويچا پين وِڇ ۾، ڪٺڻ بازي ڳنا ڪريُون.

رُڳو خالي رِٺائن ۾ عمر ساري اديُون ويئي،
اڇو هاٺي اڳوٺو جو، وِيَل ويلو قضا ڪريُون.

نڪا سَرتي، نڪو سانگو، اڇيو اُڄ ٿِي وڪوڙي جِت،
ڇپر ڇالا ڪري ڇِنيُون، پَهڻ پيرن سنديون ٽَريُون.

ايوبا’ اڄ الائي ڇو، نہ آ رُغبت رفيقن ۾،‘
ڪري اَرمان ۾ آهُون، اڪيون هي آب سان پريُون.

Gul Hayat Institute

مارو

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهه:

ڪانگل سُٽايم ڪي،
آٽي ڪِينئَنجون خبرون.

مُلڪ ملير ۾ مارُو مِنڙا،
ٽيئڙم ڏينهن ڏِني،
آٽي ڪِينئَن جون خبرون.

اُڏري اَباٽَن ڪان اچي،
وينم ڏائي ڏار تي،
آٽي ڪِينئَن جون خبرون.

پڪي پِرين جون پاڻ پَلايون،
نيون نِشانيون ڪي ڏي،
آٽي ڪِينئَن جون خبرون.

ايوب' اندر ۾ سانيد نہ سَل،'
سچ پچ سِڪيون سي،
آٽي ڪِينئَن جون خبرون.

Gul Hayat Institute

ڪارايل

ڪافي

ٿلهہ:

ڪا جا سُٺايم ڳانوَ
ٻوليون سي نہ ٻُڌائڻ جهڙيون.

پکي پاريسي پَر منجهہ ويهي،
نَوان ڏسيم نانوَ
ٻوليون سي نہ ٻُڌائڻ جهڙيون.

خبرون ڪِنياتَل خير جون آڻي،
ڏنم اهڙي ڏانوَ
ٻوليون سي نہ ٻُڌائڻ جهڙيون.

آهي اُڏاريل اصلي اُن جو
لَڏيم جنهن سان لانوَ.
ٻوليون سي نہ ٻُڌائڻ جهڙيون.

اُلڪو اَون 'ايوب' پِرينءَ جو
هر هر اَندر هانوَ.
ٻوليون سي نہ ٻُڌائڻ جهڙيون.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

مَن تان لاهين ميرُ،
صادق صاف دِلين جا مالِڪ.

صفا سچو صوفي آهين،
غين نہ جنهن ۾ غيرُ.

مُون ۾ آهي مُنهنجو موهن،
وِيري سوئي ويرُ.

ويڙهہ وصالي وحدت واري تو ۾،
پُرجهي پائِج پِرين پيرُ.

آهي عَيان سڀ توکي عاشق،
صُورت وارو سيرُ.

صَدق ’ايوب‘ جو صادق تو دَر،
مُنهنجي آهي ڀانن واري ڀيرُ.

Gul Hayat Institute

ثۆڕي حسيني

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

آيو عشق عجائب آر ڪري،
عدمئون آدم کي اظهار ڪري.

جڏهن ظاهر ظهورو ذات ڪيو، تَجلو توحيدي تَجلات ڪيو،
اَچي آدم کي اَثبات ڪيو، نورن نُور اعليٰ نِروار ڪري.

بوتو بيرنگ مان بيباڪ بڻيو، چَهرو چٽنين مان سو چاڪ بڻيو،
پوشاڪ پائي رُوح پاڪ بڻيو، سهڻي صُورت جو سينگار ڪري.

جڙي جِن اِنس جتي جيس ٿِيو، اُتي عاشق مان اِبليس ٿِيو،
ڪوجو قُرب ۾ ڪيڏو ڪِيس ٿِيو، تڏهن تَڙجي ويو تڪرار ڪري.

انهي اِشاري احسان اصل، آهي عشق اُجاريو انسان اصل،
ايوب' پنهنجو پاڻ سُڄاڻ نسل، خالص خاص خُدائي خُمار ڪري.'

Gul Hayat Institute

آسا

ڪافي

ٿلهه:

لڳو عشق عجب اسرار اَٿم،
آيو بِره جو بارِي بار اَٿم.

عشق جي آتش آگ لڳي، ڏُوم ڏَام ڏڳي ڏِڙ ڏَاڳ لَڳي،
لُڇي لُونءَ لُونءَ پئي لنئون لاڳ لڳي، ٿُنهنجي نِينهن ڪيو نِروار اَٿم.

لوڪ سارو مَر ٿوڪ ڪري، مهڻا مُحڪم مُون سِر موڪ ڏَري،
رِند رَاهن تي ٿو جا روڪ ڪري، تنهن لاءِ طَلب جي هٿ ۾ تلوار اَٿم.

دِل ٿي چوي دلدار ڏِسان، پنهنجو هوت هينئين جو هار ڏِسان،
تنهن جانب جو جِنسار ڏِسان، جنهن جي درشن جي دَرڪار اٿم.

سُڻ 'ايوب' سندو اَحوال مِٺا، هِيڏو هِجر ۾ ٿِيو حال مِٺا،
اَچي ڀَلائي ڪر ڀال مِٺا، يَڪي ياراني توسان يار اَٿم.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

صورت جي سردار موهيو منڇو،
سَرسَ ڪري سينگار موهيو منڇو.

نِت نِت نازڪ نوان هزارين،
ناز ڪري نِروار، موهيو منڇو.

جانب جاني دل ڪئي ديواني،
جوڙ ڪري جِنسار، موهيو منڇو.

ايوب' اشاري سان اُجاري،'
حاڪم حشمتدار، موهيو منڇو.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

آءُ هلي هِڪوار، اڱڻ اسان جي،
دوست مِٺا دلدار، اڱڻ اسان جي.

ماري جانب تنهنجي جدائي،
واڳ وصل جي وار، اڱڻ اسان جي.

ڏُکيا ڏينهڙا گهايل گهاريان،
تو بن جانب يار، اڱڻ اسان جي.

من مُرادون پرين پُڄائج،
گهوٽ گهڙيون اڇي گهار، اڱڻ اسان جي.

عرض ‘ايوب’ جو يار اونائي،
موٽ مِٺا منٺار، اڱڻ اسان جي.

ڪافي

ٿلهہ:

صَدق ڪَريان سَوَ بار،
هيءَ سِرڙو گهوري يار.

سِڪڻ سَچائِي ڏاران سَچ پَچ،
ٻيو نہ وَٽي ڪم ڪار.

مِلڪيت مَايا مَڏيُون مِڙيوئي،
گهوريان سَڀ گهر ٻار.

ماڻڪ موتي لک مَرجانا،
هيرا لعل هزار.

ايوب’ اُداسي پَروَس پِيَاسِي‘
پيش اوهان پينار.

Gul Hayat Institute

ڪافي

تلھہ:

ثَمر سُجاڳي آهي،
سَيجَ جِي سَانگ سَفر لاءِ.

اَصل اَويڙي اُبتڙ عادت،
نِندڊ نِپاڳي آهي.

دِلڙي دِيوانِي وَطن وَيڄڻ جِي،
وَنجهل ۾ واڳي آهي.

رَمز انهي مَنجهہ راتو ڏِينهَان،
رُوحڙو رَاڳي آهي.

ايوب' اَندر ۾ آگ اَجَل جِي،'
جِيئري جَاڳِي آهي.

ڪافي

تلھہ:

ڏکيا ڏک ۾ ڏينهن هزار،
گُذرن ويتي يار گذاريان.

ساريو ساريان آءٌ سائين، سُهڻل تنهنجو سانگ سدائين،
سِڱيو سَاري سَپ ڄَمار، رويو هَرهَر راهہ نهاريان.

ايندا ويندا پانڌي پڇايان، پَر ۾ تو لئي فالون پايان،
پلپل پيارل تنهنجي پار، قاصد ڪِروڙين ڪَانگ اُڏاريان.

ڪوهہ نہ ڄاڻان کهڙي سَانگي، ويهي رهيو وطن اَڙانگي،
وِيرُون وَريو اَچن وِيچار، ڀُوڙها ڀُل، ڀُل ڀَاڙي ڀَاڙيان.

اُڪنڊ 'ايوب' کي آهي اهڙي، سِپ ساموندي اَبَر جهڙي،
مَهل مِلڻ جي مَندبل مَلار، ويهي هرگز ڪِين وِسَارِيان.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

فَجر نِماز ۾ فِڪر جِي فَال،
پَايم تولئي يار پيارا.

سَارِي رَات سِڪايل سَاريم، ڏِيا ٻتيُون ڏِيل ۾ ٻَارِيَم،
خاص خُماري خَالِص خيال، سُمهڻ ڦِٽايو ڏيئي سَهارا.

نِنڊ نيڻن جِي نِينهن نِياري، اَچي اُڏائي سَاڻ اِشاري،
ٻَال ٻِلايُون ڪِروڙين ٻَال، سَچ ٻَچ سَندوئي سَرس سوپارا.

جَاڳَر جوڙِي جِسم جَاڳَائي، لَنئُون جَا وِينس توسان لَڳَائي،
هَر گَنهن رَنگ ۾ حَسِين جَمال، ڏِسڻ ۾ آيو تنهنجو ڏِيارا.

اَسُر 'ايوب' اهڙو اُهَاءُ، لاءِ سُجاڳَن صَاف سُهَاءُ،
وَري وَاڏَايون وَاهہ وِصال، مِليون مِنڙا موڙ مُهارا.

ڪافي

ٿلهہ:

جو دَم جَالين جَاڳر جوڙ،
نيڻن وَارِي نِنڊ اُڪوڙ.

سَنجهو ٿَارِج سُٽندي سُڻ ٻُڻ، چَئني طَرفين چَالُو چُڻ ٻُڻ،
اَندر اِسم جي رَڪجان اُڻ ٽُڻ، ٻُوٽا ٻِيائي وارا ٻوڙ.

آڏِي گُذارِج اهڙِي سَاري، پهرين رات پَرٽي وارِي،
گهوٽ ڪُنوار گڏجي گهاري، تهڙِي طرحان ڪَجئين توڙ.

اَسُرَ ويلي آگ لَڳَائي، تَن ڪي تَنگيون ڏيئي تِڳَائي،
جِيئَڙو جَاڳِي جَلد جَاڳَائي، وارِي وَرق وجودي وَوڙ.

پِرهہ ڦُٽي پِريات پُڄاڻا، عَام ڪان اَولي رَهج اَياڻا،
ڏِينهن سَمورو سَمجهہ سِياڻا، آهي نَنگاوت وَارو نوڙَ.

وَقت آخر جو وَاجو وَجي ويو، لوڪ ۾ لِڪيو هَلج لَڄِي ٿِيو،
ايوب' آخر عُمر سَڄي پيو، لُوح قَلم جو لِڪيو لوڙ.'

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

جو دَم جِيئرو آهين ٿُون،
پَاپ پَلي پِيو پَائين ٿُون.

وَچن وِساري رَهيو وِيهِي، قُوت تو مَنجهہ آهي ڪيهِي،
ڏَهہ ڏَهہ پيرا ڏِينهن ۾ ڏيهي، ڏَسيو ڏوهہ وَڌائين ٿُون.

ٻول قبولي ٻَانهِپ واري، آئين هِت جو عُمر ساري،
ڇَڏني طَرفين اَٿئي چَارِي، کهڙي ڏِس تو ڳاهين ٿُون.

هَٽندين هَٿڙا رَکج هُوشياري، طَالِب ٿِي ڪَر توبهہ زَارِي،
مَتان نَہ اَڳيان ٿِيو مَيارِي، وينو ڳوڙها وَهَائين ٿُون.

اُلفَت وارو اَکر اُجاري، مَري مَجَائِج موت کي مَاري،
پِرت پرولي پَر ۾ پاري، چَڱو ٿِيڻ جي چَاهين ٿُون.

ايوب' اَصلي اَکيون کولي، عَام کان هَردَم رَهجان اولي،'
ڳَالهہ ڳُجهيري هِي ڏَس ڳولي، نَاهين هَرگز نَاهين ٿُون.

ڪافي

ٿلهہ:

آدم آهين اَکيُون کول،
ڳَالهہ اِهائي واري ڳول.

عَجب اَڏاوت سَندي اَڏائي، جِن مَلائڪ سَيئي سَڏائي،
صَاحِب تِن کي سَجدو ڪَرائي، ڪَيو مَٿانهون تنهنجو مول.

عَاشق عزازيل ٿَڙائي، آئين پَنهنجو ٻَخت ٻَڙهائي،
لَعنت وارو لفظ پڙهائي، رَازق اُن کي سَڏيو رول.

چار عَناصر چَارئي چَاڪ، هَر ڪَنهن رَنگ ۾ تِن جِي هَاڪ،
آيا تولاءِ ٿي املاڪ، واري وَرق وُجودي وَڙول.

آب، هَوا، آتِش، خَاڪ، پَرور سَڏيو جِن کي پاڪ،
بَنيو تِن مان ٿُون بيباڪ، اَلڳ رُوحاني آهي اَلول.

محمد 'ايوب' مَانَ اَٿئي، اَحمد ٿِيو اڳوان اَٿئي،
شَاهِي شَاهِي شان اٿئي، پولا لاهي ڇَڏ پِيا پول.

ڪافي

ٿلهه:

سي ڪِيئن پَليان پُورَ مَاهيو،
دِل مَنجهه ديرا جِن جَا.

صَبر شَرم شَانُ شَاهِي، رَاهه وَنِي ٿِيا رَاهِي،
رَهن نہ مُون وَٽ سي مُور مَاهِيو، گَاڏِي وِيا هُئا ڪِن جا.

عَيش عِزت ۽ آرام، جَاليم جِن سان ٿي جَام،
دَردن ڪَيا سَيئي دُور مَاهيو، وِيچا پِيا وَرهِن جَا.

ڏيٺ ڏُکن سان ٿِيئڙي، سَاعِت سُک جِي وِيئَڙِي،
سامان سَوَ لک سُور ماهيو، جيءَ ۾ هٿ آين جا.

بَرسَر آيا بَارا، بَار غَمن جَا سَارا،
ويڙهي ويا وَهلُور مَاهِيو، تَڪيا دَر تِن جَا.

ايوب' اُجَارا اَٿيئي، مُڪا پِرين جي مَٿئي،'
مُرڪي گَر ٿُون سي مَنظور مَاهيو، مَالڪ پَنهِنجي مَن جَا.

ڪافي

ٿلهه:

مَر ٿِيون مِڙَيون مِهڻا ڏين، لَندِي پَلِي مُون ليڪِين،
دِل جُون ڳَالهيون دِلبر ڏاران، ڪَبيون ڪَنهن سَان ڪِينَ.

ڪِلندن جو پڻ خير ٿئي، جي هوءَ خوش ٿي ڪَن خواري،
جڳ سَجي جِي جُٺ قَٺ جيئري، سَهبي سِر تي سَارِي،
حَيف چَون جي حَال مُنهنجي ڪي، سي شَل سَرهَا ٿِين.

طَعنا ٽُنڪا طَرحين طَرحين، لوڪ سَجو لَک ڏي،
ويهندو سَيڪو وَات وِچائي، مُنهنجو چَا ٿو ٿِئي،
صَبر سَتِيءَ جو ثابت رَهجي، چَري پَلين پِيا چَوَن.

جَهڙِي تَهڙِي جَڏهن جَا ٿي، سُهڻل يار سَڏي،
حَاضر ٿِينديَس هَٿڙا جوڙِي، گولِي مَانَ گَڏي،
ٻَانهِپ جِن جِي ٻولي آيس، سيئي مُون ڪي شال سَڏين.

اُلڪا اونار هن اندر ۾، 'ايوب' اهڙي ريت،
دِل جا دُشمن دَفع ڪَري سَڀ، پَرڪيان جِيئن پِرِيت،
هِي حَقِيقتُون حَال مُنهنجي جُون، پَڌَر نہ ڪَڏهن پَون.

ڪافي

ٿلھ:

دوست مِٺا دِلدار يار،
وَار وَرڻ جُون واري وَايُون.

سَانگ اَويري سَفر چِتايَئي، رَمز نہ جَاٽان رُخ چو مَٽايَئي،
لاشڪ سُھڻا لَيل وَنهار، آءُ تولاءِ ھيءَ اَڪٿِيُون اُجايُون.

ڏيھہ ڏِسيُون ڪُل ڏورِيَم تولاءِ، سَاھہ صَدق ۾ سِرٿو گھوريم تولاءِ،
نَاز ڪَري ٿِي نِروار، آءُ تہ موٽي نَئون نِينهن لايُون.

ھِجر فِراق ۾ ھِي دِل جَانِي، ظاھر ظھور ٿِي فِڪر ۾ فَانِي،
مَھر ڪَري اَچِي مِل يَار، جَانِب جِيئري لاَھہ جُدايُون.

آس اُميد 'ايوب' کي آھي، ويھڻ نہ واجب آسرو لاھي،
اَول آخر جَا آڌار، مَھر ڪَري اَچِي ميٺ مَدايُون.

ڪافي

ٿلھ:

يَاد پِيَم قَول ٿُنهِنجِي يَارِيءَ جَا،
ڪِيم اَنجام عُمر سَارِيءَ جَا.

فَخر فِراق وِڇايَم سِيِيئِي،
دولت دُنيا داريءَ جَا.

وَقت قَضا ٿِي وَيسر ۾ ڪِيئن،
ويئڙا مُون ويچارِيءَ جَا.

مَاف مَديون ڪَر مُنهِنجيُون،
مِڙَيوئي ڏوھہ مَ ڳڻج ڏوھارِيءَ جَا.

عَاجِز عَرض 'ايوب' ڪَري ٿو،
ٿَو دَر توبھہ زَارِيءَ جَا.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

نازڪ لائي نينهن،
سُمهڻ مُناسِب سَرتيون نَاهي.

پِرت ۾ پهرين پَالڻ گُهرجي،
قُرب جو ڪيهر شِينهن.

وَسڻ وَسائِڻ وَرَ وَرَ ڏيئي،
مُحبت وارو مِينهن.

ڳَتڻ گنبڻ ۽ چوري چرخو،
روئڻ رَاتو ڏِينهن.

جَاڳڻ 'ايوب' جِيئري جُڳائي،
لَڳي اُيري سِين.

ڪافي

ٿلهہ:

مِلڪيت مَايَا مَڏيُون مَال،
صَدقي توتان يَار سَمورا.

حُسن حَبِيب حَقانِي تنهنجو،
جوڙ نَہ جَڳ ۾ جَانِي تنهنجو
جوهر جَلوي ڏَار جَمال،
سُونهن سي سِينگار سَمورا.

پيارل پَنهنجو پَاڻ پِلائي،
پير اَڱڻ تي شَال پِريم پَائي،
هِڪڙي پيري تِي هِڪ حَال،
دَرَدَ سُڻو دِلدَار سَمورا.

سُهڻل تُنهنجون سُٺِيو سَخَائون،
لَڳيُون اَچن پُنِيَان لَڪائون،
ڪَشَش اَوهان جي آهي ڪمال،
قُربَئون سي ڪَم ڪَار سَمورا.

ايوب' عَجمي آهي پيارِي'
يَاوَر لَڳيُم تو سان ياري،
نَام اَوهَان جي ڪيُسَ نِهالَ،
گهُوريان هِيءَ گهَر ٻَارَ سمورا.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهه:

سِٽ سِٽ مَنجهه سَرِيرَ وي مِيان،
سُور سَانِگين جي سَچ پَچ لائي.

ڏَڙَ ڏَڙَ ڏِڙَ ۾ ڏَاڙان ڏَنارن،
ڏَمچَر دَم دَم ڏُو ڏُوپارن،
اَڻ ڪُٺ آهي اُڪِير وي مِيان،
ٻَاري اُنهيءَ ٻَچ ٻَچ لائي.

وِيرُون وَرِيُون ڏيئي وَر وَر،
هَلچَل هِينئڙي ۾ هَر هَر،
هِڪڙي حَال هَمِير وي مِيان،
پَلَٽ پِرين جِي پَچ پَچ لائي.

مُونجهه مَاڙين جِي مَاريو مَنَ کي،
ٻِيڙَا ٻَانهيُون ڏيئي ٻَن کي،
سي اُچلائي چَڏيم اَمير وي مِيان،
رَڳ رَڳ ۾ تِن رَچ رَچ لائي.

ايوب' اَباڻا اَصُل نه وِسرن،
نَار نيڻن مَان نَديُون نِسرن،
سي نوان تـه وَهَايم نِيرَ وي مِيان،
اُڪَنڊَ اَباڻي اَچ اَچ لائي.

ڪافي

ٿلهه:

بي وس بي اختيار دِل تِي قابو،
حُسن پَسي هِڪوار دِل تِي قابو.

ٻَنڌڻن ٻَڌي آ ٻال جَتِي جي،
اَول ڳري اِقرار، دِل تِي قابو.

هِجر فراق حَبِيبَن جي ڪئي،
ڏِڙ سِر ڪان اچ ڏار، دِل تِي قابو.

مَام محبت موهي مَاري،
بِرهه اَندر بِيمار، دِل تِي قابو.

عشق اَويري 'ايوب' آٽي،
نِينهن ڪئي نِروار، دِل تِي قابو.

Gul Hayat Institute

کانرو/ کانرو پیر

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

جانب منهنجو جِسم جَلايو،
جَلَوي تنهنجي جوت جَمال.

حُسن اوهان جي حملا ڳيڙَا،
پِيچِي پيچَ پِرِيتَ جا پَيڙَا،
سيني اندر سَرسَ سمَايو،
خَاصَ خُمَارِي خَالِصَ خِيَالَ.

طَرَحِين، طَرَحِين ٿَابَ تَجلاَ،
ڦَهِري ڳَاڪُلِ نيڻ ڳجلا،
رَهَبَر ٿي جِنَ رَنگ رِلاَيو،
بي رنگ بَرَسِيو بِرَهَہ بَحَالَ.

سُهڻا سڀ سينگار سَراسَر،
بيوس ڳَنَ بِيمَار بَرَابَر،
ٿَنَ مَنَ ٿُنهنجي طَلَبَ ٿَپايو،
حاصل هر دم ٿِيئَڙو حال.

عَجَبَ عَجَائِبَ آرَ اَڙَانگو،
ٽوڙي سڀ سَنسَارِ جو سَانگو،
عشق 'ايوب' تي اصَلِي آيو،
ڪَيُسَ قادر قُرب ڪمالُ.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهه:

ٿي شَتاب، ڪَٿ ثواب، ڪر نقاب کي پري،
وڃ نہ مَٿي آ، سَٽي سائين پردو حِجاب کي پري.

سُهڻا صَدائون جي سُٺي، گُهرج تنهنجي آهي گهٽي،
ٿي سُجاڳ ڇڏ ڪٽي، انهي نِيم خواب کي پري.

ماندو مسافر مان مريو، ٻڙڪيو وڃان هِت پيو ٻريو،
عاشق مريض تان ڪريو، دوکي دولاب کي پري.

سُکن مٿيو سُورن سَڏيم، گس جا سُونهان گُوندر گڏيم،
نوڪر لڳي پُٺي ڇڏيم، خط ڪتابت جي ڪتاب کي پري.

اَپري 'ايوب' کي سڏيو، نيئي غلامن ۾ گڏيو،
اولي متان اوهين ڇڏيو هن بد افعال، بي حساب کي پري.

ڪافي

ٿلهه:

اُلٽا اُلَٽ اکيون ڳن آر،
حُسن پسڻ لئي هر هر يار.

جيئن ڏِسن ٿيون، تيئن وَسن ٿيون،
رويو رويو رَمز رسن ٿيون.
پَرکي پنهنجو پاڻ پَسن ٿيون،
پُوريل دريون پَٽيو پارَ.

اَصل اُٿاري، ساڻ اِشاري،
ڪوٺيون ڳاڪُل قُرب قَرارِي،
ناتي نيهي نينهن نياري،
نِت نِت ناز ڪيو نِروار.

جنهن دَم جلوو جوش جاڳايُون،
عشق جي گهاٽي اندر آيُون،
پِريمي پَلٽُون لائيُون، پِيڙهہ
نَوان وَهائين نار هزار.

آهن عشق 'ايوب' اُجاريون،
مام محبت موهي مَاريُون،
ڳارڻ ڳاري ڳُجهڙي ڳارِيُون،
ڪڏهن ڪنديُون ڪِين قَرار.

Gul Hayat Institute

پرياتي

ڪافي

ٿلهہ:

طلب تپايو تار جُڳائي،
تو بِن جانِ تَن نَن مَن.

عدم ڳنان ٿيس اصل انجامي، ماسوَالمحبُوب مُدامي،
اها تمنا آهي آهي، ڏُوڙ مِڙيوئي ڏَن نَن ڏَن.

سُرت نِرت ۾ سَاري ٽُنهنجي، ياد رَهي ٿي ياري ٽُنهنجي،
لاڳاپا سڀ لاهي لاهي، ٻِيائي ڪي ڏيئي ٻَن نَن ٻَن.

عشق عجائب آگم لايو محبت محڪم مَچ مَچايو
پيِر پَتنگ ٿِي پائي پائي، ٻِره چوي تو ٻَن نَن ٻَن.

جنهن دَم جَامُون جسمي پائي، 'ايوب' آيس اِسم سَڏائي،
قدم ڪُڏائي ڪاهي ڪاهي، ڇير وڄايان ڇَن نَن ڇَن.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

مَهل مِلڻ جي موتي آئِي، مِهر ڪري منٺار مِلو.
محبت تنهنجي موهيو مَن کي، محب مِٺا موچار مِلو.

ويل وَصل جي وَهہ واهہ وڻندڙ، وارث هڪڙي وار مِلو.
واري وَسيلا واڳ ورائي، ويٺي هت وِينجهار مِلو.

جَشن ڪرايو جلدي جاني، جوڙ ڪري جِنسار مِلو.
جوشن جندڙي آهي جلائي، جيئري جانب يار مِلو.

مَرڻ جيئڻ جي مام سُڃاڻي، مشڪل منجهہ مهندار مِلو.
ميٽي مديون ماف ڪري سڀ، مالڪ ٿي مختيار مِلو.

اُڪنڊ 'ايوب' کي آهي اهڙي، اڄ جو اڄ اظهار مِلو.
آمِل، آمِلَ، اچي عجيبا، آڙِين جا آڌار مِلو.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

سوالي آهيان سُهڻل سائين، دَر تنهنجي دلدارا وو.
حُسن ڏيکاري هينئڙو ٺاريو، پرچي يار پيارا وو.

نِرمل تنهنجا ناز نوان هَزارين، نِت، نِت ناز نيارا وو.
نقش نقاشي نم نم نازڪ، وَهہ واهہ نينهن نظارا وو.

محبت واري مَوج موچاري، مام مِٺي منٺارا وو.
مُورَ نہ وِسري مَن تان منهنجي، مرضي جا مختيارا وو.

پريم پارس پلٽون لايون، پُرجهي پِرت پَسارا وو.
پيوند پيچ پيا جي پلپل، پَروس ڪيم پڪارا وو.

آيس اڪيلو ‘ايوب’ تو وٽ، عاجز ٿي اظهارا وو.
اُڪنڊ جڳايا آهن اندر ۾، اُلٽا لائي اِشارا وو.

ڪافي

ٿلهہ:

ڪِينَ ڪي آهيان، ڪِينَ ٿو ڄاڻان،
ڪِينَ اُجارڻ آيُمَ ڪِينَ.

ڪِينَ جي قيل مقال ٿو ڪريان،
ڪِينَ قَلَبَ ڪي لاَيُم ڪِينَ.

ڪِينَ ڪُڇَان مان ڪِينَ پُڇَان مان،
ڪِينَ سان پيوَندَ پَايُمَ ڪِينَ.

ڪِينَ قبولي ڪِينَ ۾ آيُسَ،
ڪِينَ ڏي ڪڏهين ڳاهِيُمَ ڪِينَ.

ڪِينَ قَلَبَ ڪي قيد ڪري ڪجهہ،
ڪِينَ جو قرب لِڳايُم ڪِينَ.

ڪِينَ جي ڪُنَ ۾ ڪم ٿي ڪاهي،
ڪِينَ ‘ايوب’ ڪمايم ڪِينَ.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

هي هَڌَ وِهاڻي، ورِي وَارَ ٻِيءَ جِي،
وٺ وِچ ٿَرِي وَاٽ، ٿيندي ۽ ٿِيءَ جي.

گُذريو ڪيئن گذري، پيو وقت پَلَ پَلَ،
اُتي اوٺَ جَهلَ ڪا، سَنجهي مان تون سِيءَ جي.

آڌيءَ رات اَلَٽ ٿي آءُ، ميرَ مَ آڻ،
جلدي جڳهہ جوڙ جاڳڻ سان جِيءَ جي.

اَسُر جو اُهائو، اُجاري اَنڌن ڪي،
هِڪَ حال ٿي هَلَ، ڪر ياد ڪِيءَ جي.

عجب چال 'ايوب'، پَر ڪان پِرهہ جو،
پُوري ٿي پڇاڙيءَ ۾، وحدت جي وِيءَ جي.

ڪافي

ٿلهہ:

اُٿي جَاڳَ جيئَرا جِيئَري مَرڻ لَئِي،
ڳنڀِي قُربَ واري ڪِرَتَ ڪرڻ لَئِي.

سُتين رات ساري، پِرهَہ ٽَڳ پيارا،
اِها ويلَ آهي، سُجَاڳِيءَ سِرَڻَ لئي.

واهہ جو وري وقت، آيو آهي وَصل جو،
مُنِي مَامَ محبت جي، ڊِينگهرَ ڍَرَڻ لئي.

هِتي جي هُئَڻَ ڪان، مِنو موت اَٿَئِي،
ڳُجهِي ڳالهہ ڳُجهَڙِي، سا ڳولِهجَ ڳَرَڻَ لئي.

هِمَٿَ ڪر هلڻ جي، هُنَ پَارَ هَرَ دَمَ،
پُرَجهِي پِرتَ ۾، هِيءَ پيرا پَرَڻ لئي.

ڇڏي ننڊ نفسي، نِپَٽِي نياڳي،
سَنبَتَ ڪر سويري، وطن تي وَرَڻَ لئي.

اَمُرَ ساڻ 'ايوب'، اُڌَرِي اوڏانهن ويندين،
ٻَڌَجَ توڙ تَوڪَل، تون طالب تَرَڻ لئي.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

ساٿي سَنِيهو سڄڻ کي سُڻائيج،
موٽي مِلڻ جي ٻولي ڪا ٻُڌائيج.

معذور مُئيءَ کي محبت اوهان جي،
نِماڻيءَ سان ناتو اڃي نازڪ نِڀائيج.

لُوٽي لَڱَنَ ۾ لَنگهڻِي گذاري،
هيءَ پيغام پانڌي وڃي پُورَا پُڄائيج.

الله ڪارڻ لَڄَ پَالَ ڪي تون،
آزِيُون عرض هيءَ ادب سان اَلاَئيج.

سُڻي عرض 'ايوب' جو آءُ اوري،
نالي مِٺا کو نئون نِينهن لاَئيج.

ڪافي

ٿلهہ:

سُتا جَاڳ سَنگتي، سَنگت کي سَنڀاري،
مَتان توکي موڳا، وڃي موت مَاري.

ڇَڏ نِنڊ نياڳي، نيبَهَ نہ ٿيندئي،
اِذا جَاءَ اَجلُهُم، ويٺو ڪيئن وساري.

ڪُلُ نَفسٍ ذَائِقَۃُ المَوُتِ ظاهر،
آيو ڄاڻ آيو، ويندو نيٺ واري.

ڪُلُ مَنُ عَليهَا فَانٍ قوڙائو
جُدائي جو جاني، پڪي پيو پُڪاري.

اَڄَ ڳَلهہ جي 'ايوب'، عِبَرتَ اکين سان،
ڏينهن رات جي ڏس، نظر ڪَرَ نهاري.

Gul Hayat Institute

تَلنگ

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلھ:

ڪاٿي تون ڪِٿ ديس،
اصل ڪٿان تون آئين اُڏامي.

عدم ڪان بنجي آدم آئين، ڪيئن وساريئي وطن جون وايون،
لاهي لالچ جا لبيس، طالب ٿي ڏي ٿَرڪ تمامي.

سفر چتايئي سير جي سانگي، لنگهڻ جو لانگهي آئين اَڙانگي،
مَن جي مار مِليس، منزل تي ٿي مرد مُدامي.

ويڙهہ وجود ۾ وِرچي وينئين، پاپي پڃري پوش ۾ پيٺين،
پائي وڏائيءَ جو ويس، عنصر ۾ ٿي رهين آرامي.

ايوب' ارادو ڪري اُڏرڻ جو، تار ڪري لنگهہ لانگهو لڏڻ جو'
نِوڙت ڏاري نفس نفيس، مُنڪر ڪي ڏي مار ملامي.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

خيال خوديءَ جا سڀ خام،
هئڻ حرام، عشق وارن جو آهي، آهي.

خيال جا خيما خاڪ ۾ ڪوڙي، پاڻ ڏِٺائون پنهنجو پتوڙي،
تَہ ڪِينَ منجهان هي ڪِمَامَ، ٺاهڻ واري ڇڏيو ٺاهي، ٺاهي.

پاڻ ۾ پيهي جن پاڻ سُڃاتو، پيچ پِرت جو پرين سين پاتو،
رهيا محبت منجهہ مُدام، ميارون مڙوئي لوڪ جون لاهي، لاهي.

مرد مَٿي ٿيا ميٺي مَن ڪي، ڏيئي تنگيون ڏاڍا تَسيا تَن ڪي،
طمع ڇڏي ٿيا طالب تمام، تون چا، تون چامِ تِن جو چاهي، چاهي.

ايوب' عُشاقن عشق اُجاريو، دشمن دل جو مُنڪر ماريو،
اصل اُمارو نفس جنهن جو نام، تڙيئون تنهن کي قلب ۾ ڪاهي، ڪاهي.

ڪافي

ٿلهہ:

ذات خود صفات ۾ رکي، پنهنجو حُسن پَسايو.
رمز روح جي رکي، رنگ عشق هي رچايو.

ڏسو شوق شاهہ شهانو، ٿيو نور حق نهانو،
بَشر ڪري بهانو، آدم سڏائي آيو.

لامڪان ڪان لَهي پيو، قلب بيت ۾ رهي پيو،
سِر سُجود ۾ صحي، مَلڪن ئي سِر نمايو.

جڏهن جل جلاله کي جَڳِي، اها آگ عشق جي لڳي،
اُتي اَوٺ 'الف' جي پڳي، اَچي 'ميم' مچ مچايو.

ايوب' جاڻ جاڻج، پنهنجو نہ پاڻ آڻج،
صاحب سچو سُڃاڻج، صورت انهيءَ ۾ سمايو.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

پوش خاڪي پائي انسان بنجي آيو.
رحمت العلمين رحمان بنجي آيو.

مالڪ مديني تخت جو, بالا بيان بخت جو,
صاحب سخا ۾ سلطنت جو, سلطان بنجي آيو.

ذات مان ظهور ٿي, مُحَمد مِنو مشهور ٿي,
نورن اعليٰ نور ٿي, نِشان بنجي آيو.

حق حقيقي هُل هُلائي, رنگ عشق جو رِلائي,
مَامَ ميم جي مِلائي, مهربان بنجي آيو.

آدم ڪي اوٿَ ٺاهي, ‘ايوب’ عبد چَائي,
احمد امين سڏائي, احسان بنجي آيو.

ڪافي

ٿلهہ:

ڪريان بلوچن جي بَاتَ وي ميان,
ڏاڍي زورَاوَر ذات جَتَنَ جي.

پاڻ ٻَلاَئي پنهنجو آيا, راز ڏَسَيَائُون رهڻ رايَا,
رَمز رِٿِي منجهہ رات وي ميان, ڏنائون ڏَمَرَ جي ڏات ڏُکن جي.

ٻُليس پينر ٻَانيُمَ ياتي, مَامَ تنين جي مون نہ سُڃَاتِي,
سورن جي ڏيئي وِيا سڪرات وي ميان, ڦَٽيل دل کي فِڪَرَات انهن جي.

ڪيئن ويهان مان تِنَ کي وساري, پُيُسَ تِنَ جي پِرَتَ پيناري,
ڪوجهي ڪميٽي ذات وي ميان, هُيَسَ نہ آئون هَمَذات اُنهن جي.

ايوب’ اندر ۾ آس ملڻ جي, هر دم هوتن ڏي حُبَ هَلڻ جي,‘
تَنَ ۾ تِنِين جي تات وي ميان, وائي وساري نہ وَاتَ پرين جي.

Gul Hayat Institute

پهاڙي

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

رکي يار ياري آهي چو وِساري،
ساري عُمر ساري، وينِي هيءَ ويچاري.

ڪرو وَڙَ ويچاري، ننگي ننگ نهاري،
وَرج واڳ واري، وري وصل واري.

هُيَس آءُ جَا هيٺي، ڪوجهي ۽ ڪميٺي،
ڏيئي ٻانهن ٻيٺي، اچي تو اُجَاري.

نہَ ڄاڻان تہَ ڪيهي، هَٿان منهنجي پيئي،
اگلي اڳي ئي، نِسَب ۾ نياري.

ايوب' اٿجهل، پون پُور پَل، پَل،'
جيءَ منجهہ جَل جَل، رهي جام جاري.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

ڪير ڪري اڄ ڪير،
پريم توريءَ منهنجي پوئواري.

هاءِ اڪيلي جندڙي جاني، هجر فراق ۾ ٿيئڙي فاني،
دردن دلڙي ڪئي ديواني، دم نہ ڪپي هڪ دير،
دوست مٺا ڏي دلداري.

ڏور رهڻ جا گهوريا ڏينهڙا، محبت جا هي وَنَڙا مينهڙا،
نوان لڳايون موٽي نينهَڙا، وچان وڃي سڀ وير،
سوال سُڻي ڪر سرداري.

مَهل مِلڻ جي موٽي آئي، وات ۾ هَر، هَر تنهنجي وائي،
جڳپال جياپا جلدي جائي، پرين پري اڄ پيرَ،
صَدق وڃان صَدباري.

اڱڻ 'ايوب' جي آءُ پيارا، عيبن جا ڍَڪ يار اُجارا،
دل جا دفتر دردن وارا، خبرون مِڙوئي خير،
اڳيان تو اظهاري.

ڪافي

ٿلهہ:

عجب آهي آيو، هي انسان بنجي،
ڪرڻ خاص خدمت لاءِ خواهان بنجي.

اِشارو آلستي آواز اونائي،
اُتي ٿيو انهي وقت ايمان بنجي.

ڪري قول قَالُو بَلٰي جو قديمي،
قبولي قرب ساڻ قربان بنجي.

اشرف المخلوق الله سڏيو
آدم اُتم ٿيو ايڏو شان بنجي.

ايوب' عبرت جي اک کول اصلي،'
اصل کي نہ وسارج ارمان بنجي.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

تنهنجي ماڻن جا مَذَڪُور سوين، جي دل کي وڻيا دَستُورَ سوين،
مون پي ڪيا منظور سوين.

جَلوي ۾ جِنسار سان، ٿُون هي ٿُون واري تَنوَار سان،
پريمي پيار سان، محبوبي مَيَار سان،
موهي ڪيا تو مجبور سوين.

لائق لکين لآلَ ٿيا، پلايون ۾ پال ٿيا،
سِڪندي سوين سال ٿيا، ڪوڙين هي ڪمال ڪيا،
تنهنجي شان شڪور سوين.

سُونهَان ٿيو سُجَاڻِيو، موجُون مون مَنجَهہ ماڻيو
جاڻ سَپيئي جاڻيو، توڏي اچن تَاڻِيو
هيءَ وجودي وَهَلُورَ سوين.

الف‘ ۾ اظهار تون، ’ي‘ جو ياقي يار تون،‘
و‘ ڏي واڳُون وَارَ تون، ’ب‘ جو بانيڪار تون،‘
آهن غَرَضُون تو ۾ غفور سوين.

ڪافي

ٿلهہ:

پَلين عشق احمد جو آيو پلارو،
اهڙو ٻيو نہ آهي آدم لَئي اُجَارو.

نڪو نُونَ ڪُنَ کي، هو نُقَطو نِشَامبَرَ،
نہ سج، چنڊ ثابت، نہ ڪو هو تاب تارو.

ٻُڌايو تہ ٻيو ڪير، اُنَ کان اڳي هو،
مَتو مُلڪ معنيٰ، جو مَخَفِي اِشارو.

نہ آدم، نہ حوا، نَڪِي هُئا ملائڪ،
نہ ظاهر ظَهُورو، ڪو ذاتي نِظارو.

خدا خود اڪيلو اصل هو عَدم ۾،
اُتي عشق اَٽجهَل، ٿيو پَلٿِي پَسَارو.

ڪُليو ڪُلَف وحدت جو جنهن وقت جازب،
جُڙِيو جَلد جُمَلي، جَڳَتَ جوڙ سَارو.

عجب عشق ‘ايوب،’ انور جو اَطَهَر،
لڳو پاڪ پَرَوَر کي، پهرين هو پيارو.

Gul Hayat Institute

مانجهم

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

ڪُل خزانو خيال جو خالق،
ٻوليندڙ ٿي ٻوليان مان.

مَن تان مُونجھ مَهر سان لائين،
فڪر ذڪر ڪي ڦوليان مان.

واٽ وَنگي جي وَرن وَڪڙ مان،
ڳولهيندڙ ٿي ڳولهيان مان.

بحر عميق جو بادل بنجي،
رَنج رُڪاوٽ روليان مان.

ٻُوند ٻِرهہ جي بَرسَر بَرسي،
چاٽ چِنَن ۾ چوليان مان.

اِسم 'ايوب' سڏائي آيس،
عام ۾ تنهن کي اوليان مان.

Gul Hayat Institute

كافي

ٿلهہ:

مالڪ موليٰ هر جاءِ حاضر،
واحد ڪُل تي قادر آ.

سوئي اُپائي، سوئي نِپائي، سوئي صاحب شاتر آ.
سوئي سمجهي، سوئي پُرجهي، سوئي باطن ظاهر آ.

صُمٌ بُڪمٌ عُميٌ سيني، وڏو وسيلو واهر آ.
لنگڙن، ٻوڙن، انڌن، منڊن جو اَول آخر آڌر آ.

ڄاڻ سيئي سو ٿو ڄاڻي، معنيٰ ملڪ جو ماهر آ.
وَنَحنُ اَقرَب ويجهو سڀ کان، جو نہ مڃي سو ڪافر آ.

ايوب' عبد سڏائي آيو ثابت ساجد صابر آ،'
تون هي تون جي تند تنواري، شوق انهي منجهہ شاڪر آ.

كافي

ٿلهہ:

جو دم جالڻ جانب رِيءَ،
سو دم سهڻا ناهي سود.

نينهن نغارو نوبت وارو،
وَهَ واهہ وڄائج منجهہ وجود.

صحي سُريلو ساڻ ڪٽج تون،
سِڪ جو سُرندو ساز سُرود.

گهوري سِر هَل گهورو تي،
هُئڻ چڙي سڀ جسمي جود.

وَنَحنُ اَقَرب ويجهو سڀ کان،
آهي مالڪ سو معبود.

ايوب' اصل کان عبد سڏائي،'
سچي دل سان ڪر سُجود.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهه:

اڄ پڻ ياد آيم، سي شل روز رهن،
دل تان دلبر جاني، لاهيان تان نہ لَهن.

ڳُجهيون ڳالهيون سندن چِتَ تي روز چَڙهن،
ڪيئن وِساريان قلبئون پاڻ ڪيون جي پِريَن،
ڀال ڀلايون ڀانيم ڳئوڙين ٿا سي وَڙَ ڪن.

واعدا وَصل جا واري سَڄڻ ڳيا سَوَ ساري،
ٻَر ۾ ٻيئي ڀلپل پَروَس دلڙي پاري،
پيچ پريت جا پايم مَن موهيو محبوبن.

جڙ جيئري جا جاني لائي ويا لاثاني،
حُسن ڀَسي ٿيو هر هر هينئڙو هتي حيراني،
لونءَ، لونءَ ۾ لئون لايم سڪ سَرسي تِن سچن.

بِرهہ جاڳايو باري جوش جِگر ۾ جاري،
مگر مچي ٻيو مَن ۾ گهڙي نہ پوي هڪ گهارِي،
چُمي چشمن تي چايم دارون سمجهي دردن.

اُڪنڍ 'ايوب' کي آهي آس اميد نہ لاهي،
ڏُک سُکن کان سهٽا، سِر تي کَنيم سانباهي،
ڳالهہ ڳڻن جي ڳايم ٻيون سڀئي ڏيئي ٻَن.

ڪافي

ٿلهه:

ياد پوي ٿي ياري يار،
مور نہ وسري مان ڪِيئن مَٺِيان.

پيرين پيادي پنڌ اَڙانگو، ساڻ تنهنجو آهيم سانگو،
هوت قبولي هاري هار، ڪيچان اوري آءُ نہ ڳَٺِيان.

ڀَرچ پيارا پنهل پاڳارا، ڏوريم تولاءِ ڏونگر سارا،
توبهہ، توبهہ زاري زار، پئي ڪشالا پنڌ نہ پِٺِيَان.

حال محرم هت ناهي ٻيو، ارمان وڏي اِيءَ آهي ٻيو،
بَرسَر آيو باري بار، سانگ سُکن جا سڀئي سَٺِيَان.

اڳڻ 'ايوب' جي آءُ تون عجيبا، حال سُڻايان سارو حبيبا،
واڳ وصالي واري وار، نينهن لڳو اٿم سو ڪيئن نَٺِيَان.

ڪافي

ٿلهہ:

آيس آڙائي دِلڙي آڙانگي،
وِيم وَسَئُون واريو سا نہ وري ٿي.

گڏجي گذاريم ڏينهن گهٽا، هاڻي تہ ساريو ٿي هنئڙا هٽان،
قسمت واري کهڙي سانگ، پرديس پرينءَ ويئڙا پري ٿي.

جيءَ منجهہ جايون جِن لاءِ جوڙايم، پَل، پَل فالون تِن لاءِ پايم،
ڪونہ وري ڪو آيم ڪانگ، مُونجهن ماري دل مفت مري ٿي.

ايوب' عجيبن عام سجي ۾، گوليِ سڏيس گام سجي ۾،'
تَن ۾ تنين جي ڏاڍي تانگهہ، ساعت هڪڙي ڪانہ سَري ٿي.

ڪافي

ٿلهہ:

آگ اَندر جي ڪيئن اُجهايان،
سَرجِي ساهہ پَساهہ ۾ آهي.

لال لِڱن مان لاٽون نِڪرن،
اُڱنڊ وڏي ارواح ۾ آهي.

خيال جو ڪَامِي ڪُورو ڪليو،
رنگ ربوبي راهہ ۾ آهي.

جِسم اِسم جو اولو بنيو،
بي وس بِرهہ جي باهہ ۾ آهي.

عشق اَزل جي اُلَنيَا لايا،
چوڏس چمڪيو چاهہ ۾ آهي.

ايوب' اول آخر تائين،'
آس اُميد الله ۾ آهي.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٽلھ:

درد بنا پيو دَم نہ ڪوئي،
مُورک ڄاڻي موڳو مُورَ.

اُبتڙ اطاعت عبدي ڪان جي،
طرفئون تڙبا پھرين پُور.

حِرصئون هَنيلا هَر هَر هِرکَن،
غَافل رَهيا مَنجھ غُرور.

پَرڏَر ٻٽيو پاڻ پَڏائين،
مَوج مَزي مَنجھ مغرور.

مرد مُدامي مُرکن سيئي،
سانيڻ سِڪيا جي هي سُور.

ايوبؔ عاشق آهن جيڪي،
حاصل ٿيئڙو تِن حضُور.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٽلھ:

ياد پوي ٿي يار هردم سڄڻ جي ياري،
ڪيئن وساريان ويھي نازڪ نِنڍپڻ واري.

جنھن ڏينھن لاڪون، جاني رنگت لڳي روحاني،
وَارئُون وَارَ وجان، قرب مٿان قرباني،
آيو اَلَستَ بِرَبِڪُم، بَرسَرَ باري.

جنھن ڏينھن لاڪون تَنَ کي، محبت ماريو مَنَ کي،
قيد ڪيو اُن قابو حال هميشہ هُنَ کي،
قَالُو بَلٰي قول ڪيم، سَري صداقت ساري.

ناتو نِيھي لاتم، پيوند پورو پاتُم،
وِسرڻ ڪان آهي وڏو، ڄاڻ نہ هيءُ ڄاتُم،
جنم ڪان جَفَل قلم جيئن، نہ اچي ٿيو جاري.

قيد الماءُ قيد ڪري، آندو منجھ آري،
سڪڻ سچائي سوا، ساعت ڪين سَري،
فَاذڪُرونِي فَهُمَ، نينھن ڪيو نِروَاري.

ايوبؔ اول، روز اَزَلَ، عشق اَجَل، آهي اَجھَل،
جَلَ، جَلَ جيءَ ۾، پل پل حال مچائي هَلَ چَلَ،
جِسَم بِسَم گم دَم دَم دل ۾ رهي دلداري.

ڪوهياري

ڪافي

ٿلهه:

ڳالهه ڳُڻَنَ جي ڳولهيان ٿورا اَنيڪَ ٿِيئَڙا،
پيچ پِريت جا پِيوَند پَرَوس آهن پيئَڙا.

ڇَاڳ چنيسر توسان هُيَم هزارين هَر هَر،
هَار ڪَيُسَ هِت هَلڪِي جوش جَلايم جِيئَڙا.

ڳونئَرُو ڳامَڻ مُنهنجي، سُونهي ڪِينَ سِر تي،
ڀَانءِ هُيَسَ ڀُونءِ مَٿي ناز سَيئي جنهن نِيئَڙا.

ايوب' اَصُل ڪَان آيو تَڪَبُرَ ٽَڙَجِي توڙَان،
حُجَتُون هُنَر سَبِ اڳيان وَسَئُون ويچاريءَ ويئَڙا.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

پينگهي منجهہ پيم وو،
ٻنڌڻ ٻاروچل جا.

سُتي تہ مِليم سُور جي الوميان،
وِسري سَا نَہ ويم وو.

لولي ماءُ لبن سان الوميان،
ڏکن جي تہ ڏنم وو.

ڪُوڪُون لک ڪافن ۾ الوميان،
ڪيچين لاءِ ڪيم وو.

حقيقت هِن حال جي الوميان،
هوتن ڪي تہ هُيم وو.

ننڍپڻ واري ناتي الوميان،
نازڪ نينهن نِبَم وو.

ايوبؔ عجيبن جا الوميان،
ساٿي سُورَ ٿيم وو.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٽلهہ:

وَيئڙا وري سي ڪِيئَن وَرن،
وطن سَنيالي جي وارو ٽيئڙا.

ٻول ٽِنين جي ٻُڌڻ سان ٻَري،
ٻارڻ ٻيٽا ٻريو ٻَرن.

آسڻ اُن جا پَسيو پري ڪان،
عِبرت واريون اکڙيُون ٽَرن.

جيئڻ وِساري جن مرڻ کي ماريو،
موت جا ماريا سي نہ مَرن.

ايوب’ انهن جو آسرو آهي‘
پاڙي ٽِن جي لاک پرن.

ڪافي

ٽلهہ:

پاٽئون ڏاڍِن ساڻ پيو،
پاند اڙانگو آڙَ جي منهنجو.

وَس نہ هلي ٿو واڪا ڪريان،
ڏاهيون هاٽي ڏَس ڏيو.

هُين حقيقت حال منهنجي جي،
ڳهَل نہ ٽِن ڪو ٿيو.

جَالَ جبل ۾ جَالڻ جيئري،
جيئڙو جتن ريءَ مُئو نہ جِيو.

اُجڙي ‘ايوب’ آهي حياتي،
وَس ڪان بي وَس حال ٿيو.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

واري گندم وَرَاڻ،
پريم پَاڻ، ٻاروچو پنيور ۾.

ڏُک تہ ڏُکيءَ مون ڪيئي ڏنڙا،
سرتيون سهٽي ساجن ڳاڻ.

سِر تي سَتم لَڳن جا لوڏا،
هڪڙي ڪوهيارل ڳاڻ.

سور سُڄَن جا سفر ۾ سرتيون،
ساٿي ٿيئڙم آهن ساڻ.

ايوب' اول آخر جو'
حامي گھُرجي ٿو هاڻ.

ڪافي

ٿلهہ:

آرياڻي اڳواڻ حامي هاڻ،
هَڪل سُٽِي، ٿِي هيٺن جو.

ڪامل ڪيچي ڪر تون وَارِي،
واپس وِير وراڻ.

ٿَرن بَرن ۾ ٿي ٿَڪِيءَ جو،
پريم واهرو پاڻ.

وِيرن وڪوڙي آهيان،
اوکيءَ ۾ او اڻ جاڻ.

ايوب' عاجز سان ڪر تون،'
رِڻ ۾ رُوح رهاڻ.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

رَمز پِرين جي رِيجَهڻ وارِي،
آءٌ ڇَا ڄَاڻان ڄَتياڻِي.

حيف هُجن مُون هاري ويٺيس،
ڪتيل بازي ڪتياڻي.

نسب نسل ۾ ناهيان لائق،
جيس جُتيءَ جو جتياڻي.

نفس اُماري ڪيس نمائي،
ڪافر ڪاري ڪتياڻي.

وَڙَئُون 'ايوب' وِيس هاڻي،
پِنڻ ڪريان ٿي پَتياڻي.

ڪافي

ٿلهہ:

لائي ويو ٿم لائي اديون،
لَنئُون تہ ٻاروچل يار ٻولائي.

ڪيچ وڃڻ لئي ڪي وس ڳنديَس،
روهہ رُلي منجهہ رائي اديون.

سُک تہ ڦِٽايو سرتيون منهنجو
طلب پنهل جي تائي اديون.

حال حقيقت هيءَ سڀ چونديس،
پاند ڳچيءَ ڳل پائي اديون.

آرام 'ايوب' اکڙيون ڪنديون،
اڳڻ عجيبن آئي اديون.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

ڳاھہ تہ پُڇين ڪيچ ڪي،
پيڙي مُنيُون پَج وو پَج.

پَجڻ پنيوران پڙڪو ڏيئي،
لوڳان کھڙي لَج وو لَج.

وِڃَ وَرَڻ جي وَارَ مَ وائي،
وَڃ وَڃ وَڃندو وَڃ وو وَڃ.

رِڙھہ تہ رُڃَن ۾ ٿيندئي ناتو سولو،
روھہ رَچندو رَڃ وو رَڃ.

اُپَڙ اَوير نہ ڪر تون اَلو اَلو،
ايوب’ اَڄ جو اَڄ وو اَڄ.‘

ڪافي

ٿلهہ:

پَرَک نہ پيم سَا، آيل ماءُ،
سُمهڻ مَنجهَان ڪي سُور وَڏَن ٿا.

سُک ٿي سُتيُس سيج پلنگ تي،
ويئڙو هوت هٿا، آيل ماءُ.

جَڳ سجي ۾ ٿِيُس جُنَيَاري،
پيئي لوڪ لَڳَا، آيل ماءُ.

نِڌَر چڙي ويا نِنڊ مَنجھ پيئي،
ڳل نہ لَڌائون ڳا، آيل ماءُ.

نِنڊ نياڳي نيڻن واري،
پُورِيَا دَر دل جَا، آيل ماءُ.

اڳ پوءِ ‘ايوب’ عجيبن ڪي،
ڳهَل پوي مَنَ ڳا، آيل ماءُ.

Gul Hayat Institute

شام ڪلياڻ/ ڪلياڻ

ڪافي

ٿلهہ:

جَاڳ سُجَاڳ تي جَاڳ،
سيج سُمهڻ لاءِ اڳتي اَٿئي.

هِيءَ تہ هُتَّ آهي هَلَ چَلَ وارو،
مانجهاندي جو مَاڳ.

سيج پلنگ تي سُک تي سمهي،
پورا پَانءِ مَ پَاڳ.

ننڊ نهوڙي نِپِٽِي نِيندَئِي،
نَفَسي آهي نِسورو نِپَاڳ.

اُجَار 'ايوب' اوجاڳو ڏيئي،
ثابت رَهُہ سنگ سُهَاڳ.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

بِرَهہ ٻيچون ٻالاَ جو
بَرابَر ٻار آهي ٻاري.

هُجَن هُوءَ حال حاضر جي،
ڪٽن بَرسِر بهادر سي،
ڳُل ڳُم ڳار قادر تي رکن،
يَڪتار تِي يَاري.

لاڳاپا لوڪ جا لاَهي،
اَڏِيءَ تي جي آيا ڳاهي.
چڙهيا سي چوٽ تي چاهي،
هُيَن سُورِيءَ تي هَنسوَارِي.

نظاري ناز نيهِي جو
ڪري واپار ويهِي جو
ڏيسَاوَر ڏور ڏيهي جو.
ڏِسي ديدار درٻاري.

عجب ’ايوب‘ سِر آيو
رکي رُوبي رنگي رايو.
سبق صورت جو سمجهايو.
اصل اِسرار انواري.

Gul Hayat Institute

ڪافي

تلهہ:

دَلَق درويش جو پَائي،
دِلي دلدار آهي اج آيو.

يَڳو يولو دوئِيءَ وارو، يَڪَايَڪَ رنگ يَڪي يارو،
ڏِسي پلين ڏيهہ پيو سَارو، فقيري پوش جنهن پَايو.

ڏولائي جا ويا ڏِينهڙا، وصل جا اڄ وُٺَا مِينهڙا،
نوان نَاتَا لَڳم نِينهڙا، تَجَلي تَابَ تَنَ تَايو.

صفت ۾ سَا صورت ساڳي، ڏِٺُمَ جَلَوو جاڳي،
برابر بيک بيراڳي، گهٽن کي گهوٽ تنهن گهَايو.

اڳڻ 'ايوب' جي اڪمل، اچي اظهار ٿيو اَڄَ جَهلَ،
لڳو جهولو ويئي جَهل پَلَ، عجائب عشق رنگ لايو.

ڪافي

تلهہ:

اَلِف اَول اُتَمَ اَعَلَيٰ،
اِسَم الله جو آيو.

آهي ازخود احد اڪبر، اڪيلو او عَجَبَ اَطَهَر،
اول آخر اَجهو آڌر، اِنَسِ وَالجِنِ دل لايو.

مُدَامِي ملڪ جو مالڪ، خدا خلقت سندو خالق،
نہ سَمجهو پيو صحي سالڪ، پَسِي ڪو پَارَ ۾ پَايو.

سچي صادق صدق واري، صفَتَ سچڻ سَارِي،
سراسر سَا سُچي بَاري، ثَنَا سهٽي سپيئي ڳايو.

عقل 'ايوب' جو اوري پُڄِي، نَاهَڪ سندس ٿوري،
ڏينهان راتيان وينو ڏوري، ڪري تعريف ڪنڌ نَايو.

Gul Hayat Institute

ﮐﺎﻓﯿﻮﻥ

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهه:

ٿي راضي ميان عمر ڏي موڪل،
ڏِسان ڏيهه پنهنجو آءُ وڃي شل.

عمر اباڻي پار جي ڪالهه خبر ڏِني ڪانگل،
ٿي راضي ميان عمر ڏي موڪل.

مارو منهنجا ملير ۾، سرها رهن سانول،
ٿي راضي ميان عمر ڏي موڪل.

مون جيڏيون جيءَ ۾، پون ٿيون ياد پل پل،
ٿي راضي ميان عمر ڏي موڪل.

سُڻ فرياد 'ايوب' چوي، سياڻو ٿي تون سوڙل،
ٿي راضي ميان عمر ڏي موڪل.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٽلهه:

عمر اباڻا ايندم شال،
جن سانگين کي ويٺي ساريان آلا.

آءُ تہ بندياڻي بند خانن ۾،
قسمت قيد الماءِ سندي قيدن ۾،
ڏينهن گهنگهر ويٺي گهاريان آلا.

بيوس بندياڻي بندگير ٿيس،
قيد ڪوٽن ۾ تقدير ڪيس،
رويو روز هنجون ويٺي هاريان آلا.

عمر! انهن جو آهيم اوسيئڙو،
جِن ڪاج_ ڪُنييون، مَرڪ مَرِيڙو،
ورق تنين تان ڪين واريان آلا.

ايوب' چوي اُميدون اٿم'
قيد قضا جا نيٺ ماف ٿيندم،
شل ڳڏجي تِنين سان گذاريان آلا.

ڪافي

ٽلهه:

رک رَبَّن ۾ راڳ اهو ئي
دنيا دم گُذر جو ماڳ اهو ئي

آڏيو اڏاوت ڪرين اوطارا،
جوڙ نہ رهندئي جڳ اهو ئي.

پَرڏَر بنيو ڪرين پَسار،
لوپ نہ رهندئي لاڳ اهو ئي.

سمنڊ چڙهيو سواري ڪرين،
پلو نہ رهندئي پاڳ اهو ئي.

ايوب' ايندئي موت مٿي تي'
واري هلندئي واڳ اهو ئي.

Gul Hayat Institute

كافي

ٿلهہ:

دل دام تنهنجي ۾ دلبر پيئي ڙي،
وَس مُنهنجي کان تڏهين آهي ويئي ڙي

اکڙيون اڙايون اڇي يار توسان،
نينهن لائي ٿيون نِروار توسان،
هاڻ سُک سُمهن کين سيئي ڙي

درد اندر ۾ کيا آهن ديرا،
روز پُڇان پرين تُنهنجا پيرا،
رمز تنهنجي ۾ دل ريهي ڙي

هينئڙي هردم آهي تُنهنجي اَون،
قاصد ڪميڻي وٽان خبر آئي ڪونہ،
نينهن نياپو ڏي نيئي ڙي

ايوب' اندر ۾ آگ ٻري ٿي،
سهڻل توريءَ منهنجي نہ سَري ٿي،
ڏاج ڏُکن وئين ڏيئي ڙي

كافي

ٿلهہ:

مُحب مَڇڙو مَن ۾ بِرهہ باهہ ٻري،
توريءَ منهنجي تان نہ سهڻا سَري،

شل سُهڻل کي سُوکڙي،
مون ڏي سوغات ڪري،

مُنهنجِي محبوب توسان،
شل پُوري پِريت پري،

درشن پَسي دلدار جو
ٿو منهنجو منڙو ٺَري،

اڱڻ 'ايوب' جي عجيبا،
پيارل اچو پيرَ پري،

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

وَڄ نہ مِٺِيءَ ڪي ماري راڻل،
واڳ وِلهي ڏي وري اَڄ واري راڻل.

ڳرهو ڪاهي اَڄ ڳاڪ وَسائج،
پِرتَئُون پير پري اچي پاڻ پَسائج،
ساهہ مُنهنجو توکي ساري راڻل.

ڪاڪ ڪُوماڻي آهي تنهنجي خاطر،
آءٌ جا نِماڻي چايان ٽُنهنجي ناتر،
هُنر ويٺيس سڀ هاري راڻل.

اُپيو ڏيان اکين کي اوجاڳا،
راتيون وِهايو ڪريان سوجهاڪا،
هاڻ ٿڪيس نِڪٽ نِهاري راڻل.

ايوب' عاجز آهي اوهان جو سدائين،'
مهر ڪري اچي آڳ اُجهائين،
باهہ بِرهہ جي وَئين ٻاري راڻل.

ڪافي

ٿلهہ:

آءُ تون ڄام پُنهل اوري ميان،
هيءُ سِر گهور ڪريان گهوري ميان.

پرديسي پرين توکي تان نہ ڄاتم،
تَڏهين پيچ پُنهل توسان پَاتم،
لائي لَنئون تہ ڳيئي لوري ميان.

جَت تہ زوراور ذات هُئا،
مُنهنجو پُنهل وٺي پِرڀات ويا،
چا ڪَئون ڇَهڪ اندر ويا چوري مِيان.

سارو وندر سڄڻ تولئہ ووڙيم يار،
ٿَرن بَرن ۾ توکي ڳوليهيم يار،
ٿَڪيس هي ڏُونگر ڏوري ميان.

فضل 'ايوب' تي ڪندين فاضل پاڻ،
مِلي محب منا ڪندين رُوح رهاڻ،
هاڻي دم نہ تڳڻ آهي توري ميان.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهه:

پُرجهي پَائِج پرين پيرِ،
وحدت ڪثرت وِچ ۾.

اڇڻ اُمالڪ اُلڪا لاهي،
دم نه ڪپي هڪ ديرِ.

عاشق ٿي سِڪ اُلٽي بازي،
صورت جو ڪر سيرِ.

ويڙهه وجود ۾ وَنَحنُ وائي،
ويري نه گُهرجي ويرِ.

آهي عين 'ايوب' مِڙوئي،
غين نه جنهن ۾ غيرِ.

ڪافي

ٿلهه:

آهي اڙانگو آرُ،
اُلٽو عشق ڪمائڻ وارو.

بي رنگ باب بِرهه جو بالم،
باري برابر بارُ،
اُلٽو عشق ڪمائڻ وارو.

ناٿ نِمائي نِسنگ نشانا،
نينهن ڪري نِروارُ،
اُلٽو عشق ڪمائڻ وارو.

سُورهيه سِر تي سَهن سدائين،
محبت جي مارو مارُ،
اُلٽو عشق ڪمائڻ وارو.

آءُ اُناءِ پيرِ مَ پوئتي پاءِ،
ايوب' تي اظهار'،
اُلٽو عشق ڪمائڻ وارو.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

صورت جي سردار،
قيد ڪيئي دل قُرب وڌي پيو.

ڪوتي ڳُڻين ڪامل ڪيئي،
سَرس ڪري سينگار.

نِت، نِت نازڪ نوان هزارين،
ناز ڪري نِروار.

گهايل ڪي اڄ گهيري وِيڙا،
دم دم درد هزار.

جادو جيءَ کي جيئڻ لڳو ڏس،
حُسن پَسي هڪ وار.

ايوب’ آهي اَوج انهي ۾،‘
ٿيئڙو قلب قرار.

ڪافي

ٿلهہ:

بِرهہ ڪيون بي حال،
ڏِليون درد وندن جون.

جلوي جادوگر ٿي جوڙي،
جَڙيون حُسن جمال.

وير ويراڳ جي اندر وڙيون،
موٽڻ ٿين محال.

ريهہ بنا رمز انهي ۾،
ڳڙيون قُرب ڪمال.

آهي ‘ايوب’ عجيب اُنهن جو
خاص خماري خيال.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

اڳڻ پرين سي تہ ايندم شال،
ڏُور وڃي جن ڏينهن لايا.

ساريو سڄڻن کي ساريان ٿي، رويو روز هنجُون هاريان ٿي،
ڪٽيو نيڻ نماڻا نِهاريان ٿي، ڪڏهن نال وٺي سي نيندم شال.

سَوَ سوال سڄڻ جيڪي مون ڪيم، درد منجهان ٿي دانهون ڪيم،
دل ۾ ايئن ٿي يار چيم، صَاپ سپيئي پَئندم شال.

عاصي 'ايوب' سڄڻ آهي سدا، يار بنا سو فراقي فِدا،
ڄاڻي هڪڙو خاوند رب خُدا، مانَ ميلو مُحبن سان ٿيندم شال.

ڪافي

ٿلهہ:

تُنهنجي نِينهن نِهوڙِيَس نيڻن تار،
ٽَانگهہ تنهنجي آهي تَن ۾ تارو تار.

ماٺ مُون کي ناهي مُوران،
روز روئان زارو زار.

سِڪ تُنهنجي سُور مچايو
آهي دِل ۾ وو دلدار.

عشق سوين انگُور ڪڍيا،
بِرهہ ٽِيو آهي باغ بَهار.

عاصي 'ايوب' ارمان اهو رهيو،
مُحب رهيو نہ ساڳيو مننار.

Gul Hayat Institute

مُتضاد کافیون

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

ماريـن توڙي جِيارين، تہ بہ آهين ٿُون،
مرحم مرض مُنهنجي جو سڀ آهين ٿُون.

رِلمل هر ڪنهن رنگ ۾، رحمي قهري راز ٿُنهنجو
خوش غمين ۾، ناراض خوشيءَ ۾، ناز ٿُنهنجو
برباد ڪرين، آباد ڪرين، دِل شاد ڪرين، جي ياد ڪرين.
تارين توڙي ٿَوارين، تہ بہ آهين ٿُون.

ٿُنهنجي حِڪمت ٿُون ٿو ڄاڻين، توکي ئي جُڳائي ٿي،
مُور مجالت ٻي جي ناهي، اوپڙ ڪوبہ اَڳائي جي،
بادل وَسائين، وَسِئو اُڪائين، ساوا جَلائين، سُڪا بچائين.
ڏارين توڙي ڏِڪارين، تہ بہ آهين ٿُون.

سَرندي ٿُنهنجي سيڪا سُهڻا، مُنهنجي ڪيئن سَرندي،
حاضر آهيان، راضي رهجان، دِلڙي ايئن ٺَرندي،
پکڙي پيهي وٺ مون ويهي، سُتيون سپيئي هٿ ۾ ڏيئي،
هارين توڙي پيارين، تہ بہ آهين ٿُون.

هر ڪنهن ويلي حُڪم اوهان جو حاضر حاضر مان،
جِسم اِسم ۾ جَڪڙيل آهيان، حاضر ناظر مان،
جذبہ علي ’ٿي، زَبر علي ٿي، صيف علي ٿي، صبر علي ٿي،‘
سارين توڙي وِسارين، تہ بہ آهين ٿُون.

ڪافي

ٽلهہ:

مِليم مُبارڪ، ڏيان مُبارڪ، هُجي مُبارڪ،
هُوندي مُبارڪ، سيد مِليو سردار.

ذات صِفت ۾ ظاهر سُهڻو
مالڪ آهي خود مختيار.

سيد سوڀارو آيو آهي،
سيني لاءِ ٿي سُڪار.

جِن اِنس جُون جوڙون جوڙي،
ڏِسڻ آيو آهي ڏاتار.

جذبہ عليؑ جو مُنهنجي جيءَ مان،
اڇي ٿِيو آهي اِظهار.

ڪافي

ٽلهہ:

ويو وِڇوڙو وَرهَن جو پِيم موج مَچي،
پڌرو ٿِئو پِرين جو، آهي عشق اَچي.

دِلڙي هُئي درد ڀَري، جيئري ٿي مَري وَري،
خبر سُڻايان ڪَري، پڌرا پار پچي.

جيئري جِن لئي مُيس، اَزلئون اُن جي هُيس،
ساري جڳ ۾ سَليس، صالح دِلڙي سچي.

رنج رُڪاوٽ رولا، ڀَڄي ويا سڀ ڀولا،
چِٽا مَٽايم چولا، رازن وارا رَچي.

اَول علي ٿي اڳ ۾، وحدت واري وڳ ۾،
جذبہ ٿي هِن جَڳ ۾، آيس نينهن نَچي.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

آءُ مِلاءِ اڄ ها ۾ ها ٿُون،
مام اِمام جي نام سُڃاڻ.

ٻَن ٻِيائي ڏيئي ٻاري، ڏِسڻ پَسڻ جا ڏيهہ وِساري،
ڏِيان حقيقي حَ جو ڏاري، اُن ۾ پنهنجو پاڻ نہ آڻ.

شيعا سُني، شامين شومين، عربي عجمي، چيني رومين،
صوفي ڪوفي سحر نجومين، تَرڪ ڪري اڄ تاڻو تاڻ.

عالم فاضل، ڪاتب قاضي، عامل، ڪامل، گوهر غازي،
پير مُريد، فيض فياضي، سمجهہ صحي ڪر، سِر سُڃاڻ.

هوش ڇڏي، مدهوش ۾ آءُ ٿُون، گُم ٿي گُم ٿي، گوش ۾ آءُ ٿُون،
جذبہ علي ’ ٿي جوش ۾ آءُ ٿُون، محبت واريُون موجون ماڻ. ‘

ڪافي

ٿلهہ:

مين عَليل هُون المستا،
دَم مستو مست الستا.

آدم هُون مين ڏُن ڏِياني، آدمي آدم ڳُن ڳِياني،
ديس ديوانا دَان دِياني، هردي اندر هَستا.

سَت جُڳ سَنبت، ڪُل جُڳ ڪلڙا، هِردي ٻوليا هُو حق هُلڙا،
گُم گُمان، گُم گُل ڦُل گُلڙا، گگن محل گُلدستا.

علي ولي حق جب سي مِليا، طالب مطلُوب تب سي مِليا،
ڪيا ڪهون ڪُڇ ڪَب سي مِليا، سب ڪُڇ مِليا سستا.

جذبہ علي ’ دا جوڳي چالا، ٻولي خلقت ويک اُٻالا، ‘
وَڙلا ڪوئي وحدت والا، سير پڙهي سَربستا.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

عشق چڙيو اُت نيئي نيئي،
ٻئي تہ ٻِيائي ويئي ويئي.

حُسن حبيب حقانيءَ جو، لامِثل لاثانيءَ جو،
دوست مِٺي دل جانيءَ جو، ڏِسيو ڏِسي دل پيئي پيئي.

جشن ڪرائي جيئري سُهڻي، قُرب ڳڙي منجهہ نِئري سهڻي،
ڳئي ڪمائي ڪِئري سهڻي، قُرب ڪيا اڄ ڪيئي ڪيئي.

سُرت سمجهہ ٻئي مَتجي پيون، گهٽ گهونگهٽ ۾ گهتجي پيون،
جَهڙپ اُنهيءَ منجهہ جَهتجي پيون، ڏاج ۾ سِرڙو ڏيئي ڏيئي.

جذبہ عليؔ ٿي جَڳ ۾ آيس، روشن ڪارڻ رَڳ ۾ آيس،
اَزل اَبد جي اَڳ ۾ آيس، سبق سُڻايم سيئي سيئي.

ڪافي

ٿلهہ:

حُڪم اوهان جو حاضر آهيان،
اڳيان قال اُڏامي وِئا.

خيال ۾ ڳولي خيال سُڃاتم، خيال خزانو خيال ۾ ڄاتم،
خيال خدائي خيال ۾ پاتم، وَهمين دُور وِسامي وِئا.

خيال خُدائي خالق سمجهي، مام اُها سڀ مالڪ سمجهي،
سُڻي ٻُڌي ڪو سالڪ سمجهي، عبدي دور اُجهامي وِئا.

حال حقيقت حق حقاني، سڀ ڪُجهہ سمجهي رَمز رنداني،
راز سُڻايان خاص رَباني، جسمين جوش اُڪامي وِئا.

جذبہ عليؔ جو جيءَ ۾ آيم، جسم اسم ۾ بسم بنايم،
پيهي پاڻ ۾ جهاتي پايم، خيال خوديءَ جا ڪامي وِئا.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٿلهہ:

ويم وِڇوڙو وِچ جو پرين ٻوليون ٻوليون،
راضي ٿي رحم ڪري، واحد واڳون واريون.

سڄڻ سار لَڌي، وحدت ۾ ويس وَڌي،
پيش پِيس ٻول ٻُڌي، ياد پيم سپ ياريون.

وصل وِصال ۾ ويهي، ڏَسيم پنهنجي ڏيهي،
جهڙي تهڙي جيهي، پيم قبول زاريون.

پاند ڳِچيءَ ڳَل پائي، سجدي ۾ سِر نائي،
دَم قدم سان لائي، آهن اکڙيون ٺاريون.

مايا ڪان مُنهن موڙي، سَڱ سڱاوت ٽوڙي،
حاضر ٿي هٿ جوڙي، ٻيون ڪيم ٻَن ساريون.

طعام تمام تَرڪ ڪري، غير سڄو غرق ڪري،
مري جِئَس مَرَڪ ڪري، گڏجي گهڙيون گهاريون.

صحبت ۾ صُورت جي، مام مِليم مُورت جي،
دُئي پِڳي دورت جي، ڏٺيءَ سوا سپ ڏاريون.

پِرين پاسي رَهي، سِر ڪي ڪيم صهي،
لحظي مَنجهہ لَهي، دلبر دلڙيون ٺاريون.

وحدت واحد جوڙي، ‘جذبہ علي’ جڳ جوڙي،
وِڇڙيل ووڙي ووڙي، ٻُڌل ٻيڙيون تاريون تاريون.

ڪافي

ٿلهہ:

ڏيان مبارڪ ڏيهَن ڪي،
عشق ٿِيو اظهار.

اچي ڏِنو مون اديون آهي،
وحدت ۾ وسڪار.

نور محمد نِرمل نوري،
نُور ٿِيو آهي نِروار.

مهر منڊي سان مرسل منهنجو
هلي ڏِسو حُبدار.

ڏسيو ڏيڪار ڏيهَن ڪي پيو،
جذبہ علي’ جِنسار.‘

ڪافي

ٿلهہ:

مِليم مُبارڪ، اوهان کي مُبارڪ،
مِليم محرم يار، اوهان کي مُبارڪ.

اچو اچو سڀ عيدون ڪريون،
حُسن پَسي هر وَار، اوهان کي مُبارڪ.

وحدت وارو ويڙ بنائي
واحد ڪيو وسڪار، اوهان کي مُبارڪ.

مير محمد مُرسل آيو
محشر جو مهندار، اوهان کي مُبارڪ.

جذبہ عليؑ جي جيءَ ۾ جايون،
جوڙيون جانب يار، اوهان کي مُبارڪ.

ايوب فقير جو رسالو

ڪافي

ٿلهہ:

جئس جئس آءُ جيڏيون، اوهان کي مُبارڪ،
جيئري مِليم جانب يار، اوهان کي مُبارڪ.

جشن ٿِئو ٿي جيڏيون مُنهنجو
دوست مِليو دِلدار، اوهان کي مُبارڪ.

جَڳ سِڪيو ٿي جَنهن لاءِ آَديُون!
آيو اَکڙين ٺار، اوهان کي مُبارڪ.

هادي مهدي امام حق جو
عشق ٿِئو اظهار، اوهان کي مُبارڪ.

جذبہ عليؑ جي جيءَ ۾ جايون،
حيدر هينئڙي ٺار، اوهان کي مُبارڪ.

Gul Hayat Institute

ڪافي

ٽلھہ:

جاڳو جاڳو يارو،
آيو عشق اَسارو.

هوڪو حق حُر وارو، نام امام جو نارو،
ڏِسيو ڏِسي پيو سارو، سَمجُهو سمجهڻ وارو.

مهدي مالڪ آيو، خلق جو خالق آيو،
صاحب سالڪ آيو، جوڙ ڪري جِنسارو.

حسن حُسين اصل، نوراني پاڪ نسل،
واحد وارو وصل، وحدت ۾ وسڪارو.

جذبہ عليؒ جو جاني، لعل مِليو لاثاني،
قدمن تان قُرباني، ساھہ صَدَقُ سِر سارو.

ڪافي

ٽلھہ:

ويم وِڇوڙو وڏو، پُنيون مُرادُون مَن جُون،
هُجي مُبارڪ تن کي، جانيون سِڪيُون جِن جُون.

مُند موٽي سا آئي، وات ۾ جَنهنجي وائي،
ڳائي هر ڳنهن ڳائي، تاڪِيُون کولي تَن جُون.

هادي مهدي همدم، حال هم ۾ هَمغم،
لامڪاني لاغم، قلمون جوڙيون فَن جُون.

جهڙي طرحان جَڳ ۾، آهي ظاهر اَڳ ۾،
رَمزون ٽِيون رَڳ رَڳ ۾، هلن چَلن هِن مَن جُون.

واحد وحدت جوڙي، ’جذبہ عليؒ‘ جڳ موڙي،
خالق خيما ڪوڙي، ڏٽي لُٽون ڏي ڏَن جُون.

ڪافي

ٿلهہ:

ويم وِڇوڙو وِچ جو، شاهہ ڳرايم شاديون،
ڏِل جُون ڏُور ٿِيون، توبهہ سان تاديون.

توبهہ توبهہ زاري، جنهن تنهن ويلي جاري،
ياد ڪئي دل ياري، نار وَهائي ناديون.

جانب سان ڏِل جَڙي، قُرب ڳڙي ۾ ڳڙي،
روئي روئي رَڙي، وَسي وَسايم واديون.

ڏيهہ ۾ ڏاري سُليس، مهڻن ماري مِليس،
سچ ۾ ساري هليس، ٻِره برادر زاديون.

اڱڻ سجڻ اَڱ آيم، صالح ٿي دڳ لايم،
جذبہ علي' جڳ آيم، ڏيڻ مُبارڪ باديون.'

ڪافي

ٿلهہ:

جاڳو جاڳو يارو،
آيو عشق اُجارو.

شيرِ خدا هيءَ شاهي، جيئن سندس جيءَ چاهي،
هلي هلائي ٿاهي، آهي الله وَس وارو.

عاشق آهي آيو، شير اچي شرمايو،
ڳايو ڳائي ڳايو، درد اچي دل وارو.

اَچو اَچي ڪَنڌ نائي، پانڌ ڳِچيءَ ڳَل پائي،
سجدي ۾ سِر نائي، سِر سُيڄاڻو سارو.

جذبہ علي' خود جاڳي، سمجھ ڏَسي ٿو ساڳي،'
راز رندانو راڳي، نادَ وَڄايو نارو.

Gul Hayat Institute

سرائيڪي ڪافيون

Gul Hayat Institute

ڪافي (جوڳ)

ٿلهہ:

ڪر ذات بلوچ ڳئي زوري وي،
ڳِهن گهوٽ ميڏي ڪُون چوري وي.

ڪيچ دي والي قِسمت ڇَائِي، ٻِن مهمان ميڏي گهر آئِي،
ڇُم، ڇُم ڇَامين ٻَل لائي، ڀُل ڳئي مين هُڻ ڀوري وي.

جَڏهان شهر ڀنڀور وچ شاهہ آئي، ڳَر ڳيچان ڳاهہ هو ڳاهہ آئِي،
ايجها ٿاهہ ٿڳي دا ٿاهہ آئِي، ڳئي راز ڇُپا ڳَنُون چوري وي.

نِندِ اويلڙي ميڪون نيتا، ڳَرمين ڪُنَڙي مين ڪيا ڪِيتا،
ويڪو پاپي نفس پليتا، هي اگهيا وچ اگهوري وي.

حيف ’ايوب‘ حياتي ساري، گذر ڳئي هي غفلت واري،
هُڻ تان همٿ ڪر هر واري، گهر، گهر ٽيسان گهوري وي.

Gul Hayat Institute

ڪافي (ڪارايل)

ٿلهہ:

نَين محبت نِروار تُساڏي،
تِير تفنگ تلوار مِيان.

شوق وَالي پَنڌ شملي چَڙهندي،
شَاهِي ڪَرن شِڪار مِيان.

ڳَالي ڳَجلي ڦَهر ڳَرِيندي،
ڪَرن قَتل دِي ڪَار مِيان.

مَژگان وَالي مَست پِيالي،
موهہ گھتن مَن مَار مِيان.

نوڪان نِينهن نِظارا لاون،
نَاتا نيڪ نِظار مِيان.

ايوب' اُلٽي ڏِيون اِشاري،'
عام اندر اِظهار مِيان.

ڪافي (ڪارايل)

ٿلهہ:

صُورت دِلبر سُهڻي تيڏي،
سَرسُ بِيا سِينگار ڪِيتَئي.

ڳگن مَحل دَا گُلڙا ڪولڪي،
گُونگهٽ وِچ گُلزار ڪِيتَئي.

وَيس وَڳي سَپ وهہ وَاهہ وَٽندي،
وَل چَل وارو وار ڪِيتَئي.

جيڏي ڪيڏي جَلوا تَيڏا،
جوڙ جَنگي جِنسَار ڪِيتَئي.

حَسن حُسين دا هوڪا هَليا،
هر هنڌ هڪ هُبڪار ڪِيتَئي.

عَجب 'ايوب' هِي آعليٰ ڏِنڙا،
اظهر رنگ اظهار ڪيتئي.

Gul Hayat Institute

كافي (كارايل)

ٿلهه:

آکيان ڪِيتا آر عَجائِب.
نَال آڙانگي آڙيان يار.

صُورت وَيک تي سوز پراون،
سَچ پَچ سيئي سڙيان يار.

پَيوند پَيچ پِيار دَا پَاڪي،
پَني پِرت دي پَڙهيان يار.

قُرب دي ڪارڻ قَتل قَبولڻ،
قَول انهين وِچ ڪَڙيان يار.

لوڪ ڳنون لِڪ لِيڱڙي پاون،
لَعلڻ وَيک کي لَڙيان يار.

جِسم 'ايوب' جَلاون جَل جَل،
جوش جَڳا وَچ جَڙيان يار.

كافي (پرياتي)

ٿلهه:

ڪرسَت سَت سَت هي، جَهت پَت جَهت،
اي جَڳ مَڳ جَهڳڙا، بِرهه مَچايا بَلي بَلي.

ڪنجهيان قرب ڏِيان وَل وَل وڳيان،
هوش عَقل گُم هويا اڳيان،
ڪرفَت فَت فَت هي، لَت پَت لَت ئي،
لڳ لڳ لڳڙا، وَل نه ولا يا وَلي وَلي.

غَميان آيان خُوشيان ڀڳيان،
تَاب تَپش وچ تِل نه تڳيان،
ڪر هَت هَت هَت هي، پَت سَت پَت اي،
جَڳ جَڳ جَڳڙا جِسم جَلايا جَلي، جَلي.

عِشق اَويڙا 'ايوب' آيا،
شَاهِي جنهن هِن شور مَچايا،
ڪر نَت نَت نَت هي، مَت سَت مَت ئي،
رَڳ رَڳ رَڳڙا حُسن هلايا هلي چَلي.

Gul Hayat Institute

ڪافي (جوڳ)

ٿلهہ:

جوڳِي بَنڪي جَانِب آيا، ڳَل وِچ پاڪي مَالها هي،
ملڪ ساري دَا مَالڪ مَاهي، تَخت هَزاره والا هي.

پَوش فَقِيري پَهلون پَايس، محبت والي مُرلي چَايَس،
نِينهن نَوان گر ناتا لايَس، عِبرت عِشق اَتالا هي.

صُورَت صَاف سَراسَر سَالم، مَوهہ مَنايَس آ ڪر عَالم،
بِيک بيراڳِي پَاڪر بَالم، بَنيا بيحَد بَالا هي.

چَاڪ وَيکي بي چَاڪ ٿِياسو، چَاڪ وِچئون چَالاڪ ٿِياسو
چَاڪ چواڪي چَاڪ ٿِياسو، چَاڪ جهيندا چَالا هي.

رَمز انهين وِچ رَانجَهن رَاڳِي، سَانون مِليا صَاحِب سَاڳِي،
سَارا لوڪ سَڏيجي سهاڳِي، عَجب 'ايوب' اُجالا هي.

ڪافي (جوڳ)

ٿلهہ:

مُلڪ هَزاره دَا مَالِڪ مَاهِي، چوڙ اَمِيري آيا هي،
سَاڏِي سَانگي صَاحبزادي، پَوش فَقِيري پَايا هي.

مَنڊ محبت وَالي مَنڊڪي، نَاتا نَفسي رِل مِل رنڊڪي،
وَارَئُون وَار ورهہ ڪُون وَنڊڪي، جَانِب جَادُو لاَيا هي.

ڳَالِهہ ڳُجهي ڪُون ڳِڙ ڳِڙ ڳِليا، چَاڪ چَواڪي چَالين چَليا،
بَخت اَسان دَا وَل وَل وَليا، سَڀ ٿِيا سَانگ سَجايا هي.

سَاري لَوڪ ڪُون صَاحِب سَاڳِي، بِيک ايهين وِچ مِليا بيراڳِي،
رنگ پور دي وِچ رَانجَهن رَاڳِي، رَهبر رَاز رُلايا هي.

ايوب' فِي اَحسَن تَقوَيٖ مي، قول ڪَرِيمي قَائم قَدِيمي،'
اِنَا اَحمد بِلاَ ميمي، حَق دَا هُل هُلاَيا هي.

Gul Hayat Institute

ڪافي (پرڀاتي)

ٿلهہ:

هَر رَنگ دي وِچ حَسن هَادِي دي،
رِلمِل رَنگ رَچايا وي.

ظَاهِر ڪَرڪي ذڪريا ڪُون، ڪَرت دي نَال ڪَپايا وي،
يونس پيٽ مَاهِي دي مَالِڪ، چَلرن وِچ چُپَايا وي.

مَاهہ ڪَنعاني نَال پراوان، شَوق شِڪار دي آيا وي،
قيدي بِن ڪنعان وِچُون، هُڻ مِصر چَا مُلهہ چُڪايا وي.

تَاب تَجلي طُور تي مُوسيٰ، پَارس پِرت پَچايا وي،
اِبراهيم آڙاهہ چُون اِينوين، بيشڪ بِرهہ بَچايا وي.

ايوب' عِبرت اهين وِچ عَاشق، نَاتي نِينهن نَچايا وي،'
چَئنِي قبلي چَمڪي چَوڏس، مَچڙا عِشق مَچايا وي.

ڪافي (مانجهہ)

ٿلهہ:

وَهہ وَاهہ، وَهہ وَاهہ وَصل دَا وَيلا،
آوَڻ دَا اِمدَاد ڪَرين.

آوين مُڙنا جَاوين جَانِب،
ايڏا قُرب ڪُشاد ڪَرين.

مَهل مِلڻ دي مَنڪون پاوي،
آڪي اَڱڻ آباد ڪَرين.

ڪَملي تيڏي قُرب دي ڪُنڙي،
دَرد وَندي دِلشَاد ڪَرين.

جَلد مِلين تَان جِيوان جَاني،
ايجهاڪو اِرشاد ڪَرين.

عَرض 'ايوب' اُداسِي ڪَرندا،
يَار سِڱها هُڻ يَادِ ڪَرين.

Gul Hayat Institute

ڪافي (پرڀاتي)

ٿلهه:

آکيان ڪول ذَرا اِي عِبرت وَيکين،
بي رَنگ، رَنگ بَنايا وي.

خَالِق اَڪبر خَلقٺهاري، عَرش زَمين اُپايا وي،
شَمش قمر ڏُونهِين شَاهِد جَنهندا، رَاتِيان ڏِينهن رَکايا وي.

جُڙيا جوڙ جَڳت دا جِيوين، قُدرت قَلم وَهايا وي،
حَاضِر نَاظِر هَر هَنڌ هوڪي، حَاڪم حُڪم هَلايا وي.

ذَات ظَهُورا ظَاهِر ڪَرڪي، چَرخا عَجب چَلايا وي،
طَرحين، طَرحين ٿَاب ٿَجلي، ٿَنهن وِچ طُور جَلايا وي.

مَوج محبت وَالا چَالا، اُلٽا 'ايوب' آيا وي،
زير زَمين آسمان انهين وِچ، رَنگڙا عِشق رَچايا وي.

ڪافي (آسا)

ٿلهه:

دِل دَا دِل وِچ دَرد هَزار،
آپي اَپنا آپ پَلئيسُون.

آوَن جاوَن اُلٽ اِشَاري، ڏُک ڏسي جن سُک ڳَئي ساري،
ڪَاوڙ پِيوڙ سَپ ٿِئي ڪَاري، جَوش جَڳا هُڻ جان جَلئيسُون.

دَاغ اَندروني دُکئي دَم دَم، بيوس ڪِيوين جَالان بي غَم،
مَچ مَچاڪي مَن وِچ مُحڪم، اَندر اَپني آگ پَلئيسُون.

ڳنهن ڳُون آکان ڪو نه پڇاني، لَهر غَمان ڳُنون لوگ بيگاني،
دلق ڍَڪيسَان دَرس دِيواني، سُور نه ڳنهن دي نَال سَلئيسُون.

رَنج رُڪاوٽ رَولي سَاري، پَن گهتيسَان پولي سَاري،
ڳُڻ ڳُڻ ڳَالهين ڳولهي سَاري، رَمز انهين وِچ رَاز رُلئيسُون.

ايوب' اَول آخر اِينوين، سَختيان سَهه ڪي صَابِر ٿِينوين'
جَڏهان مِلسي جَانب جِيوين، انهين ڳُون سَپ ڪُڇ آک اَلئيسُون.

Gul Hayat Institute

ڪافي (پيروي)

ٿلهه:

ويکو دِيدار دِلبر دا، سَچي سَردار سَرور دا،
اَول آخر هَئي اَڪسِير، مُحمد مِير مُنور دا.

سَهيلِيان سَانگ ڳَر سَايا، رَکو رُوح وِچ سَچا رَايا،
چَلون ويکون عَجب وَهه وَاهه، وَصل وَسڪار چَا لايا،
مَدِيني تَخت دَا مَالِڪ، عَرب وِچ يَار هي آيا،
هَر هَنڌ هَاڪ ٿِئي خُوشناڪ، پياري پَاڪ پَرور دا.

ڳَٽيس ڪُفران ڪُون ڪِينوين، اَصل نَا ڪِيتا ڳنهن اِيوين،
تَجلا تَاب تَلوارين، ڪِيتا هَا تيز تر تِيوين،
جَهلڪ دَاري جهنڊا جُهولي، جزب جشمات دَا ڄِيوين،
اَصل اَڻ موٽ چَڙهيا چوٽ، گهوران گهوٽ چَئي گهر دا.

نُور ظَهُور ٿِئي نِروار، چَؤ طَرفين چَمڪ چوڏار،
حُسن جَمال هَر رَنگ وِچ، ڪُليا خُوب خُوشبودار،
عَرب عَجم وِچ اَيسا، بَستي دار بَاغ بَهار،
مِل مَحبوب ڪِيتا مَطلوب، دَرشن خُوب داور دا.

عَڪس 'ايوب' اَثباتِي، ظَهُورا صَاف هي ذَاتِي،
جَوهر جَلوو جَلالَهُ، جَشَن جِنسَار جَذباتِي،
عَهد ڪُون عَبد بِن آئي، اُجَالا عِشق عَدماتي،
حُسن هَمراهه ري شَڪ، آهي رَسُول الله رَهبر دا.

ڪافي (ڏناسري)

ٿلهه:

ڏِينهن دُنيا ڏُون چَار وي،
رَهج رَضا جي رَنگ مَنجهه رَازِي

شَان شَرِيعَت شَاهِن شَاهِي،
اَول سُجَاڻي اُجَار وي مِيان،
مَن تَان لاَهي مَوهه مِجَازِي.

ٽُرت طَرِيقَت جو ٿِي طَالِب،
تن ۾ تَار تَسوار وي مِيان،
تَند وَجَائِج طَلب جِي تَازِي.

حَال حَقِيقَت هِڪڙو هَميشَه،
ڏُريان ئِي ٿُون ڏَار وي مِيان،
غَير ڇَڏي ٿِي گوهر غَازِي.

مُلڪ مُدامي مَعنيٰ وَارو،
آهي سَچو اسرار وي مِيان،
عَجب عَجائِب عَارف بَازِي.

اَمُر 'ايوب' روز اَزل جو،
ويهِي ڪِين وِسار وي مِيان،
فِڪر فَنا جو فَيض فَياضِي.

Gul Hayat Institute

ڪافي (جوڳ)

تلهہ:

ڪِيتَا حَال ميڏَا اَبَر حَال مِيان،
تيڏي چَلَت عَجَائِب چَال مِيان.

ڳڌَهان رَحمِي هين، ڳڌهان قَهرِي هين،
ڳڌهان شڪراهين، ڳڌهان بَحرِي هين،
ڳڌهان چور دِليان دَا، ڳڌهان وَاهرِي هين،
ڳڌهان ڏَار وَسين، ڳڌهان نَالِ مِيان.

ڳڌهان فَقر فَقِيري، ڳڌهان قَاضِي هين،
ڳڌهان آپ آڏِ، ڳڌهان غَازِي هين،
ڳڌهان رَنج رَهين، ڳڌهان رَاضِي هين،
ڳڌهان خُوش دِل هين، خُوش خِيال مِيان.

ڳڌهان رَانجَهن هين، ڳڌهان ليڙهي هين،
ڳڌهان صُلَح صَحِي، ڳڌهان جهيڙي هين،
ڳڌهان دُور وَسين، ڳڌهان ويڙهي هين،
هُڻ ميڏِي ڪِيَا هي، سُهڻَل سَائِين مَجَال مِيان.

ڳڌهان نَال 'ايوب'، دي نِروَار رَهين،
ڳڌهان دُور پيا، سَاڳون دِلدار رَهين،
ڳڌهان يَڪدِل ٿِي، هُڻ يَار رَهين،
سُڻ سِڪڙي سَتايل دا سُوال مِيان.

ڪافي (جوڳ)

تلهہ:

دَرد نہ جَاني ڪوئِي وي سُهڻا سَائِين،
لَوڪ سَارا هي بيگانا بيگانا.

جَڪ جَڪ چِندڙِي ويندي هي جُهرندِي،
سَوز لَڳا هُڻ سو ئي وي مِيان،
نِت نِت نِينهن نِشَانَا.

ڪِيَا وي سُڻاوَان قِيل مَقَالان،
ڪُون ڪَري دِلجوئِي وي مِيان،
سَوين رَنگ سُور سَمَانا.

اُلَت اِشاري آوَن جَاوَن،
ڏُکڙا ڏِيج ڏِتو ئِي وي ميان،
هِن نَال غَمَان گُذرَانا.

ايوب' آندر دَا تو بِن ڪَنهن ڪُون،'
رَاز سُڻاوَان روئِي وي مِيان،
هَر دَر هي حَال حيوانا.

Gul Hayat Institute

كافي

ٿلهہ:

دل درد فراق دي ماري هي،
لڳي منڙي يار دي ياري هي.

لُون لُون دي وِچ لاتان لڳيان، دُور ٿيان هُڻ سينڌان سڳيان،
ڪنجهيان قرب ديان ول ول وڳيان، جوش جگر وِچ جاري هي.

هجر دي آون اؤکي ويلي، اوڙي پاڙي چوڙ اڪيلي،
ڳولان ڦولان جهنگل بيلي، سنجها صبح تياري هي.

ڏينهن ڏوهيلي اؤکي آيم، سانگي يار دي سؤکي پانيم،
چوٽ ڪ لڳڙي چُم چُم چايم، سِر ساري خلق خواري هي.

ايوب’ اَوجان موجان مٺيان، غميان آئيان خوشيان هٽيان،‘
گُم هِن ڪيتيان گُوندر گهٽيان، آيا بار غمان سر باري هي.

كافي

ٿلهہ:

دل عشق عجيب اُجاري هي،
سڌ ٻُڌ پئي هُڻ ساري هي.

شهنشاهي شان شريعت، تن وِچ تهدل طلب طريقت،
حق حق هردم حال حقيقت، محبت مَوج ملاري هي.

فهم وجودي فيض فنائي، فضل فنا في الشيخ فدائي،
راز رسولي رهنمائي، بَر سَر بِرهہ بهاري هي.

اول الستي اُلٽ اشاري، قالُو بَلا دي قول قراري،
ناتي نيهي دي نينهن نياري، سچ پچ سمجهہ سُڌاري هي.

قطري قطري ڪيا قلزم هي، ’ايوب‘ عبرت اندر گُم هي،
فَذڪُروني اَذڪُرڪُم هي ڪيتي، صاحب صاف سِتاري هي.

Gul Hayat Institute

وایون

Gul Hayat Institute

وائي

ٿلهه:

جيءَ، جيءَ توکي جاني آءٌ ڀانهي،
هار هينئين جو وو توکي پانئيان.

سَوَ سَوَ پيرا صدقو
ساهه ڪريان قرباني.
هار هينئين جو وو توکي پانئيان.

جيئڻ هِن جَڏي جو
تِڳڻ آهي تو داني.
هار هينئين جو وو توکي پانئيان.

جانب تنهنجو جڳ ۾،
مَٽ ناهي ڪو ثاني.
هار هينئين جو وو توکي پانئيان.

ڏسڻ ري ڏکيءَ جو
هينئڙو آهي حيراني.
هار هينئين جو وو توکي پانئيان.

سِڪايل ڪي سوز ۾،
ڦَٽن ڪيو هِت فاني.
هار هينئين جو وو توکي پانئيان.

اَؤکي منجهه 'ايوب' تي،
اچي ڪر ڪا احساني.
هار هينئين جو وو توکي پانئيان.

Gul Hayat Institute

وائي

ٿلهہ:

اللہ، لَک لک ڏي، مون کي لوڪ،
مهٽا موڪ، آءٌ پورهيت تو پِرينءَ جي.

کَر سدائين خوش ٿئي،
طعنا ڏينم ٿو توڪ.
مهٽا موڪ آءٌ پورهيت تو پرينءَ جي.

کلڻ وارا خلق ۾،
ٺهڪ ڏيو کن ٺوڪ.
مهٽا موڪ آءٌ پورهيت تو پرينءَ جي.

لالڻ لاهِج لُطف سان،
راهن تان سپ هي روڪ.
مهٽا موڪ آءٌ پورهيت تو پِرينءَ جي.

اڇي اگهڻ 'ايوب' جي،
سختي لاهين تون سوڪ.
مهٽا موڪ آءٌ پورهيت تو پِرينءَ جي.

وائي

ٿلهہ:

اللہ دلبر لايَئِي چو دير،
ڳَل منهنجي ڪير، لَهندو لَڳن ۾.

ڇِڪن ڦَٽ فراق جا،
فرق نہ پانيان کو ڦير،
ڳَل منهنجي ڪير لَهندو لَڳن ۾.

جتن جيڏو ئي ڪيو،
ويچاريءَ سان هي وير،
ڳَل منهنجي ڪير لَهندو لَڳن ۾.

ڏيرن جو هن ڏيهہ ۾،
پينر ناهي وري پير،
ڳَل منهنجي ڪير لَهندو لَڳن ۾.

اگهڻ هِن 'ايوب' جي،
پرين پري اڇ تون پير،
ڳَل منهنجي ڪير لَهندو لَڳن ۾.

Gul Hayat Institute

وائي

تلھہ:

الله گُوندر ماري ٿو غم،
دل جو دم، سُورن آهي سَجَھايو.

جھورِي من جھيٽو ڪيو،
قرب وِساريا سپ ڪم.
دِل جو دَم سُورن آهي سَجَھايو.

اُلڪو اَون پرينءَ جو،
وَيُم وِڪوڙي وهم.
دل جو دَم سُورن آهي سَجَھايو.

ڏورڻ ڏونگر ڏاڪڙو،
ڪاٽيارين جو ڳرم.
دل جو دَم سُورن آهي سَجَھايو.

ايندا اڳڻ ’ايوب‘ جي،
قربُئون پائي قدم.
دل جو دَم سُورن آهي سَجَھايو.

وائي

تلھہ:

ڏيرن تي مُئيءَ جو ڏُک وو ڏُک،
دل جو ڏُک، آيل ڪنھن سان اوريان.

ڪيچي قطاري هليا ڪالھ،
روڏا پنھنجي وو رُک،
دل جو ڏُک، آيل ڪنھن سان اوريان.

سُمھڻ منجھان سرتيون،
جيڏو پرايو مُون جَک.
دل جو ڏُک، آيل ڪنھن سان اوريان.

جيجان تِن جتن جي،
لوڏ لھي ٿي لَک.
دل جو ڏُک، آيل ڪنھن سان اوريان.

اوٺيئڙن جا ’ايوب‘ چوي،
ساريو ويٺي روئان سُک.
دل جو ڏُک، آيل ڪنھن سان اوريان.

Gul Hayat Institute

وائي

ٿلهہ:

ووڙڻ منهنجو آهي وس،
ڏونگر ڏَس ڏيندا مون ڏکيءَ کي.

هلنديس پُنيءَ هوت جي،
گورن جو وٺي آءُ گس.
ڏونگر ڏَس ڏيندا مون ڏکيءَ کي.

پنهل جي پريت جو
سوز متو آهي سَرسَ.
ڏونگر ڏَس ڏيندا مون ڏکيءَ کي.

آڏا ڏونگر ڏاکڙا،
لَڳ مڙيوئي لَسَ.
ڏونگر ڏَس ڏيندا مون ڏکيءَ کي.

آري ڄام جي پرت جو
هينئڙي منجهہ هَنبس.
ڏونگر ڏَس ڏيندا مون ڏکيءَ کي.

اوڻين جا 'ايوب' چوي،
ڳولي نهاري گسِ.
ڏونگر ڏَس ڏيندا مون ڏکيءَ کي.

وائي

ٿلهہ:

سنگهارن کي ساريان کيئن گهاريان،
مَن وِنجهلڻ آهي مُنجهَايو.

پنهنجي پَٽ پنوهارن سان،
پهچي شال پاريان.
مَن وِنجهلڻ آهي مُنجهَايو.

پيڙي تن پِٽن ۾،
چانگون چيلڙا چاريان.
مَن وِنجهلڻ آهي مُنجهَايو.

وساري ويهي رهيا،
ڏُرَئون ٽيئڙم ڏاريان.
مَن وِنجهلڻ آهي مُنجهَايو.

وڃي ڏڻ ڏنارن سان،
ولر ڪري واريان.
مَن وِنجهلڻ آهي مُنجهَايو.

ڪنگرا هِن ڪوٽ جا،
ولر ڪري واريان.
مَن وِنجهلڻ آهي مُنجهَايو.

ايوب' اوساريو انهن لاءِ،'
هَنجون ويٺي هاريان.
مَن وِنجهلڻ آهي مُنجهَايو.

Gul Hayat Institute

وائي

ٿلهہ:

الله ٿِن ماروئڙن ساڻ ميان،
ٿر ووٺيان، وجي پيڙي پَرَم سان.

وٺي وَلهارن ۾ وو
پلر پاڪ پيئان.
ٿر ووٺيان، وجي پيڙي پَرَم سان.

لِڪيو ويٺي لوڙهيان وو
ڪنهن ڪي ڏوهہ ڏيان.
ٿر ووٺيان، وجي پيڙي پَرَم سان.

ويڙهيچا مُون نہ وِسرن وو
هيڪر مُئِيءَ ڪي هينئان.
ٿر ووٺيان، وجي پيڙي پَرَم سان.

سچو سِيل صبر ۾ وو،
شال نباهي نِيان.
ٿر ووٺيان، وجي پيڙي پَرَم سان.

’ايوب‘ اَباڻن ري وو،
جڏڙي ڪيئن جيئان.
ٿر ووٺيان، وجي پيڙي پَرَم سان.

وائي

ٿلهہ:

ساهڙ لَهہ مُئِيءَ جي سار،
آ مِل يار، وير وڪوڙي آهيان.

لهرين لوڙي آهيان،
تَري نہ ڄاڻان آءٌ تار.
آ مِل يار، وير وڪوڙي آهيان.

سختي هِن سمنڊ جي،
پاڻ اُڪارين اَچي پار.
آ مِل يار، وير وڪوڙي آهيان.

توريءَ پيو ناهي تَرهو
ناهي وسيلو وينجهار.
آ مِل يار، وير وڪوڙي آهيان.

اچي ڏيج ’ايوب‘ ڪي،
اَوکي منجهہ آڌار.
آ مِل يار، وير وڪوڙي آهيان.

Gul Hayat Institute

بیت

Gul Hayat Institute

بيت

وارث وَرِيتيم جو پريم آهين پوش،
مَتان موڙين مُنهَڙو جانب ڪري جوش،
هِڪ موڳي ٻيا مير گهٽا، هَڏ نَہ آهيم هوش،
فضل الله فروش، پردو رَکج پِير ٿُون.

2

ڍَڪج ڍولڻ پِير، ڏيئي ڀَانڌ ڀَناهہ جو
وجودي ويساهہ جي، سَچي رَهيم سِير،
هو هوائي حِرص جي، هَڏ نَہ لڳيم هير،
مالڪ محمد مِير، آهين ياد يتيم ڪي.

3

آهن ياد يتيم ڪي، رُوحي قلبي رَاز،
سَتاري صَاحِب ڳرين جي، نِرمل ٿُنهنجا نَاز،
سَت تَارون سُر ۾، اَچن اَندر جَا آواز،
سَدا رَنگي سَاز، ٻَسان سُڻان پاڻ ۾.

4

ٻَسي ٻُڌي پاڻ ۾، سِر ڪي ڳَيَم سُجود،
سُر سُڃاتَم سِر ۾، وَڄائي وُجود،
رَبوبي رَباب جو، سِر ۾ وَڳم سُرود،
دَم دَم دِل مَنجهہ دُرُود، يڪو ياد يتيم ڪي.

بيت

نَام سَانگ جي لاَجِ، رَهجِي اَچي رَمز ۾،
رَاضِي رَهج رَاز ڏَٺِي، تَہ رُتَل پَرچَن رَاجِ،
هَادِي ٽُنهِنجي هَٿ ۾، هَرڪا آهي هَاجِ،
سَپ سُڌَارِج ڪَاجِ، عَاجِز هِن 'ايوب' جَا.

2

عَاجز هِن 'ايوب' جَا، وَارث پِير وسيل،
اُجاريج اَصِيل، آهيان ٽُنهنجي آسري.

3

عَيب نَہ اُگهاڙيج، اَنگ اُگهاڙو آهيان،
ڍَڪِيندَڙ ٽُون ڍَڪيج، ڏيئي پَاند پَناهہ جو.

4

پَلئہ پَايو پَاند، پِنَان پوشَ پَناهہ جو،
جوڪو ٽِئي نَہ جَهان ڪي، ڏُيرو ٽِئي مَ ڏَاند،
سِرُ نَہ ڦري سَڪرين، چِٽو رَهيم چَاند،
آءُ ڪَمِيٽي، ٽُون ڪانڌ، وارث وَر يَتِيم جو.

بيت

يَڪو يَاد يَتِيم ڪي، صُبح شَام سَتار،
جَهلو آهيم جهوڪ ڏَٺِي، عَلڻ پِير عَطار،
سَتارِي صَاحب ڪَريمن جِي، قربي آهي قَطار،
مَوهي محبت سَاڻ سَتار، ٿو طَالب تَاري تَلر مَان.

2

رَاضِي ٿِيو رَحمان، وَاحِد وَاڳُون وَارِيُون،
پَرچي پَاڳاري، اَچي اَگلِيُون اُجَارِيُون،
جذبہ عليؒ جُون جَڳ ۾، موجُون مَلارِيُون،
سَيَد اَچِي سَارِيُون، اَسَان جهڙيون اَپِرِيُون.

3

اَسَان جَهڙيون اَپريون، سَيَد سِينگَاري،
پَسي پَسائي پاڻ پيو ڏِسي ڏيڪاري،
جذبہ علي جو جيءَ ۾ سپ ڪجهہ سيڪاري،
واحد وينجهاري، وحدت ويڙ بنائيو.

4

وَحدَت ويڙ بَنائِيو سَباجهي سَتار،
سَڏي سَينِي ڪي، قَادِر مَنجهہ قَطار،
ميريون مِڙيئي مَعاف ڪَري، بَخشي بَخشَڻهار،
جذبہ عليؒ جَنسَار، پَسي پَسائي پَاڻ ٿو.

بيت

پَسي پَسائي پَاڻ ٿو رَضَا جو رَاڙو
ظَاهِر بَاطِن وَارِيُون، ڄَاڻي سَڀ ڄَاڻو
جذبہ عليؒ جَان ۾ آءُ اَٽِڄاڻو
سَمجهي سِياڻو سَالڪ اُنهي سِير کي.

2

سَالڪ اُنهي سِيرَ کي، سَمجهي ڪَر صَحِي،
عَرشُون آيو فَرش تي، لاَلَڻ پاَڻ لَهِي،
وَحدَت وَاري ديس ۾ رِيجهي پَئو رَهِي،
آهي اَمَر نيهِي، 'جذبہ عليؒ' جي جِيءَ ۾.

3

جذبہ عليؒ جي جيءَ ۾ حُڪم حَقَانِي،
اَمَر آهي اَللهُ جو مُحڪَم مَڪَانِي،
ٻولي، ٻولي پَاڻ ٿو شَڪ نہ شَقَانِي،
بَقَا بَقَانِي، بِاالله خُود بَدَن ۾.

4

بِاالله خُود بَدن ۾ هِيڪَت سَاڻ هَلي،
سَندس وَڏَائِي سَڀ ۾ چَرخي جِيئَن چَلي،
سُبحان الله ثابت آهي، سڀ ڳَنهن مَنجھ سَلي،
جَذبي مَنجھ جَلي، 'جذبہ عليؒ' جَوش ۾.

بيت

سَالڪ تو سُڌ پوي، سَيڪا سَموري،
عُمر ڪَئِي اَجَائِي، تو پُڇڻ ۾ پُورِي،
نَڪين پُهتين پَار کي، نَڪِين ٿُون نُورِي،
تو ۾ فَرَقُ فِرقَن جو فَاسِقُ وُجُورِي،
پَڙهي تو پُڄَايا، ڳَنز قَدُورِي،
پَڳڙِي بَڌي پَاڻ ڪري، ٿِي عَالم عُبُورِي،
فاضل ٿيو فيض هلائين هُش ۾ حضوري،
نَفل نِمازُون پڙهين، اُٿيو اَسُوري،
اِيءَ مِڙيئي مُونجهارو، ڇَڏ مُلان مَشڪري،
اَچِي ڏِس 'ايوب' جِيئَن ڳَري صَبر صُبورِي،
اَکرو سَاري اَڳيان ڏِس حَالت حُضُورِي،
محبت مَنظُورِي، پَاڻهين پَسين پَاڻ ۾.

2

جذبہ عليؒ جوش ۾، ٿو پَڌرو ڳَري پَاڻ،
اَچي ڏِسي اَللهُ جِي، عِبرت اَکين سَاڻ،
هيڪڙائي حَق جِي صُورت مَنجھ سُڄاڻ،
پَنهِنجو پَاڻ نہ آڻ، تہ سَالڪ تو سُڌ پوي.

Gul Hayat Institute

بيت

پاڻ پَسين پاڻ ۾ پنهنجو پَسارو،
تہ ويساهہ ڪَر وُجود ۾ صَادِق سَچارو،
سَٿي سَانگا سَاهَہ جَا پَيِجي پُلڪارو،
هَليو اَچ حُضُور ۾ نَر هٽي نَارو،
اَچِي ڏِس عَجِيب ٿُون مَهدِي مَوچَارو،
وينو آهي وَحدت ۾ اَڏيو اوتارو،
نَام اِمام مُحَمد مَهدِي پَارَس پَاڳارو،
ظَاهِر بَاطِن ظُهُورو نُورِي نِظارو،
جذبہ عليؑ جَام ڏي پَرچِي پَاڳارو،
عَالم اُجارو، آيو آهي اَللهُ ٿِي.

2

آيو آهي اَللهُ ٿِي حَاضِر نَاظِر حَق،
پَائي پوش فَقِير جو يَڪي پَنهِنجو يَڪ،
جوڳِي پَنهِنجو جوڳ جو سَپ لَتاڙي لَڪ،
عِشق اَچِي اِظهار ٿِيو شُبهہ نَہ جَنهن ۾ شَڪ،
مَطلُوبي مَقصُود جو طَالِب ڏِسڻ ٿَڪ،
رَانجَهن انهي رَمز ۾ جِسمين ڏِنو جَڪ،
چِٽو چَاڙهي چوٽ تي چَقمَق وارو چَڪ،
حَقُور ڪي هَٿ ۾ اُن ۾ پَئي اَڪ،
جذبہ عليؑ جَڳ ڪي ڏَٽِي هَٽڻ ڏَڪ،
آيو پَڪو يَڪ، مَهدِي سَاري مُلڪ جو.

ايوب فقير جو رسالو

بيت

مَتان پُلجو مُون پِرين، مُون ڪي ڏِسي مَٺَ،
سَجڻ سَڀاجهو گهَٽُو، مُون ۾ گهٽو گهَٽَ،
آءُ پينو پِنٽون، پِنان ڪَٽيو پَٽَ،
آءُ ڏوهاري آهِيان، جَاٽي وَاٽي جَٽَ،
آءُ اُهو ئِي آهِيان، ڪُوڙن وَارو ڪَٽَ،
آءُ گهُران هوڏي، اِيءَ پڙ آهي وَٽَ،
آءُ سَاريان سَانگ ٿو لوڙهہ موچارو لَٽَ،
آءُ گهُري آگهيو، چڙهيو آهِيان چِٽَ،
جذبہ عليؑ جو جَڳ ۾ پَان سَڏايان پَٽَ،
هوڪا هَٽِي هَٽَ، ڪَٽيم هِن خيال جو.

2

ڪَٽيم هِن خيال جو جوڙي سَپ جَمال،
ظَاهِر سَاري ذَات ٿو ڪَريان ذُوالجَلال،
اَول آيَس آدم ٿِي، عَرشَن ۾ اَحوال،
لَٽڪِي پوءِ لَڳن ۾، توبهن ڳَيم بَحال،
تِهان پوءِ توبهن جو ڳَيم نِينهن نِهال،
رَڪي رَاز رَسُول ٿِي ٿِئس لاَزوال،
هَاٽي حَال فَقِير ٿِي، جوڳِي جُنگ جَلال،
جذبہ عليؑ جوڳ ۾ بيشڪ ٿِي بَرحال،
حَق حَقِيقي حَال، پَاٽهين ٿِئس پَڏرو.

Gul Hayat Institute

بيت

پَاڻهين پَنهِنجي پَاڻ جَا، پَڌرا ڳَريان پَار،
سُٽي مَانـَ سَرهَا ٿِيَن، سَانگِي چَام سَنگھَار،
آءُ اُنهن جو آهِيان، سَائِل سَڀ ڄَمار،
هَاٽي ڳَريان هِت ٿو، وَحدت جو وَاپار،
اَچو اَچِي پَاڻ ۾ پَسُون هِڪڙو پَار،
مُنهِنجون مِڙيئي مَن جُون، پُورِيُون ڳيُون پَنهوار،
مِليو مُرشِد مِير، مُحَمد مَهدِي مَٽيادار،
اَچِي هِن ’ايوب‘ جو سَاٿِي ٿِيو سَردار،
جذبہ علي‘ جيءَ ۾ جوڙيا ڳَئِين جِنسَار،
وَحدت جو وَاپار، ڪَٿِي آيَس خَان ٿِي.

2

ڪَٿِي آيَس خَان ٿِي، وَحدت جو وَاپار،
اَچِي مِليَس اوچتو سِڪيَل سَڀ ڄَمار،
مَالِڪ مِير مُحافظ، مَحشَر جَا مَهندار،
ويهي رَهيَس ويس مَٿائي، پُل سَندي پُلڪار،
مَن مُرَادُون پُنيُون، لوڪان نَاهي مَيار،
جَهڙِي تَهڙِي جَڏِڙِي، رَدِي سَڀ رِفتار،
پوءِ بہ پَاڻ پَلائي، پِير مُنهِنجو پَڳدار،
عَيب نَہ اُپٽي ڏِنا، ڍَڪِيا ڍَڪڻ هَار،
جذبہ علي‘ جيءَ ۾ نَاز ڳَيا نِروار،
عِشق ٿِيو اِظهار، آهي هِن اِنسَانَ ۾.

بيت

آهي هِن اِنسَان ۾، عِشق ٿِيو اِظهار،
وَحدت وَاري ديس ۾، دِل ڳَيو دِيدار،
رَاحِت رَسي رُوح کي، آيو اَڪٿِين تَار،
مُرشِدِ مَالِڪ مُون ڏَٺِي، تُون ڏيهَن جو ڏَاتار،
حَيدر پِير دَستَگِير، مِڙني جو مَهندار،
وَحدت اَندر وينو آهي، جوڙيو ڳَئِين جِنسَار،
ڪيل ڪيلڻ لَئِي ڳَري، غُربت مَنجهہ گُذار،
نَام فَقِير سَڏائي، سُهڻو جوڳِي جَذبيدَار،
جذبہ علي‘ جيءَ ۾ جَذبو جَلويدَار،
عِشق ٿِيو اِظهار، مَهدِي اِمَام مَالِڪ جو.

2

مَهدِي اِمَام مَالِڪ جو عِشق ٿِيو اِظهار،
سَمجهو سَمجهڻ وَارا، سُٺي سَماچَار،
اَچِي پَنهِنجي اَللهُ سَان، گَڏجِي ڏِينهن گُذار،
مَتان وَڃِين مَوت جو شُغل ٿِي شِڪَار،
جَلدِي اَچِي جَانِب سَان، جوڙ ڳَريو جِنسَار،
وَاحِد وَاري وَاسِيو وَحدت جو وَٽڪار،
آهي هِن ’ايوب‘ جو اُتي ٿيو اظهار،
هَٽِي نَارو نَام اِمَام جو نَر ٿِيو نِروار،
جذبہ علي‘ ٿِي جوڙ ۾ لِکي لکٿهار،
مِليُون مَگٿهار، پَاڻهين پَرتَا پاڻ ۾.

بيت

پَاڻهين پَرتا پَاڻ ۾، مُلون مَڱڻهار،
رِيجهي رُوح رِهاڻ ۾، روشن ٿِئا رُخدار،
جيڪو چَون جَڳ کي، سو پڻ سَچ شُمار،
آهي انهي ڳالهه ۾، مُلن جو مُونجهار،
ڪِري پيا سي ڪَڏَ ۾، خَلقن مَنجهه خُوار،
اهڙي اَياڳي عِلم کي، ٻَن ڏيئي ٻَار،
صَفا صَفائِي سِرَ جِي، سُرت نَہ ٻِي سَنپار،
آهي مَهل 'ايوب' چَوي، وَڏيڪ ڪَر وَاپار،
جذبہ عليؒ سَان جيءَ جُون گهڙيُون اَچي گهَار،
ڏيهَن کي ڏيکار، مُون جيئن ڪَري مَوج ڪَا.

2

مُون جِيئن ڪَري مَوج ڪَا، ڏيهَن کي ڏيکار،
ڪَاڏا پِيتَا سَپ وِسَاري، صَاحِب سَان گُذار،
اهڙي رَمز 'ايوب' چَوي، دَم قَدم سَان ڏَار،
طَالِب ٿِيءُ طَرِيقَت جو حَال فَقِيرِي ڏَار،
رَاضِي رَهج رَضا تي، هِمٿ سَان هُشيار،
ڱڏهن پَنهِنجي قَدم کي، موڙين مَتان يَار،
آهي پوءِ اِنعَام، تو حُسن سَندِي هُٻڪار،
ڏِسِي ڏيکارج ڏيهَ کي، توحِيدِي ٿَوار،
جذبہ عليؒ جَان ۾ پِرين سَاڻ پَچار،
تِهان پوءِ تَنوار، پَاڻهين ٿيندي پَڌري.

بيت

پَاڻهين ٿِيندِي پَڌِري، پِرين سَان پِريت،
ڏِسندو سَڄو ڏيهَ پِيو آهي اَهڙِي رِيت،
هَلي هُلائي حَق ٿو حَقِيقَت هِن رِيت،
پِهرين پَنهِنجي پَاڻ مَان، پَڌِري ڪَري پِرِيت،
ڏيڪاري ڏيهَن کي، اَهڙِي عَجَب رِيت،
سَيڪو پَنهِنجي سَمجهه ۾، ڪونهي ڪو ٻہ مِيت،
هَرڪو پَنهِنجي حَال ۾، پيهي ڏِسي پَلِيت،
تِهان پوءِ پَسي ٿو سَڄڻ جو سَنگِيت،
جذبہ عليؒ جَڳ ۾، ڪونهين ڪوبہ ڪُرِيت،
آهي عِشق اَليت، ڏِسڻ پَسڻ ڏيهَ ۾.

2

ڏِسَڻ پَسَڻ ڏَيهَ جو مِڙَئي مُونجَهارو،
سَوا سَمجَهڻ يَار جي، ٻِئو ٻوڏَارو،
هَلي ڪونہ حَبِيب سَان حُجَت هُونگارو،
رَهبر رَاضِي تِن تي، جَلن جي يَارو،
ٻَارهين مَاهہ ٻُڏن سي، پَسن سَپ پَارو،
ڪَامَن جَلن جَوش ۾ پَاڻِيءَ ۾ يَارو،
اُونِهين بَحر عَمِيق جو پَسن پَسارو،
رَحمت رَبُ رَسُول جِي، وَسي وَسڪارو،
جذبہ عليؒ جي جِيءَ ۾، جَشن جِنسَارو،
پَسي پَسارو، ڏيکاري ڏيهَن کي.

Gul Hayat Institute

ꕤ

هندي پَڃن

ꕤ

Gul Hayat Institute

هندي پَڇن (ڪارايل)

ٿلهہ:

اَبَ گهر ميري آئو سَخيا، سَانس ڪَرُون قُرباني جَاني،
جُڳ جُڳ جيوان جُڳ جُڳ مَاڻَان، جوين جوت جواني.

بادل بِينَا بَرَسَن لاڳي، آنسو بَهتا لَکي نہ ڪوئي ري،
اُلَٽ پُلَٽ ڪا آسَڻ جَميَا، مُورَک ڪِيَا ٻُڏوَانِي.

ليک لِکَت ڳا لَکِيَا نہ جاوي، جاوي اُس ڪا اوتاري ري،
گِيَان گُنِي گُن ڪِيَا گَاوي، ڏِيَان ڌُنِي ڌُن ڏِيَاني.

لاَڳَت لاڳِي پَرمَت پَاڳي، جَاڳِي جوتَ اَجهاڳِي ري،
اُلَٽَا آسَڻ هُوئَا اُجواڙا، اَن پِئِي جوت جَڳانِي.

ايوب' آشا هَئي مَن پُوڄَا، سَتگُر سَاک بَتَائِي ري،'
تُون هين تِيرَٿ تُون هين تَڪِيَا، تُون هين تُون تَند تَانِي.

Gul Hayat Institute

هندي ڀڄن (ڪارايل)

ٿلهہ:

سَانجهہ پَڙي، اَب تُم گهر آئو،
سَجن هماري پاس، سَجن هماري پاس.

پتنگت پتنگت هين هم پولي،
دِن تو بَرا بَرماس،

ايسي دِن دَس بِيس پياري،
پُورن ماري بَرس پَچاس.

ڳنتن ڳنتن ڳالِي ري ڳالِي،
رين بَنِي هي رَاس،

آنکُون سي آنسو آوَن جاوَن،
ايوب' ايسي آس پِياس.'

هندي ڀڄن (ڪارايل)

ٿلهہ:

گِيَان گُرُو سي گَام گَگَن ڳَا،
گِيت گِيَانِي گَائُون ري.

پُول نَہ جَانَا پيد سي پَمرا،
پَاتِين پيد سَمَائُون ري.

پريم نَگَر ڪا پُرجهر پَسَارَا،
پَوَن ڪِي پُوجَا پَائُون ري.

مُک بِن مَوهَن مَوج مَندر مِين،
مَن ڪِي جِيت مَنَائُون ري.

اوم اُجَالاَ آپ مِين آپي،
اسم 'ايوب' اُنَائُون ري.

Gul Hayat Institute

هندي ڀَڄن (ڪارايل)

ٿلهه:

پورا مَتي پولو اُڌَتي،
هَئي آگني هو مايا ري.

بَاپ نہ مائِي، بيٽا نہ بيٽِي،
پيڙا نہ چَلٽا ڪو پايا ري.

پَرم ڪَرم ڪا ڀيد نِيارا،
سَتگُر ڪِي هَئي ڇايا ري.

سَاچي سَنگ ڪا ساٿ نہ ڇوڙو،
ساچ سون ساچ سَمايا ري.

روشن رُوپ ’ايوب‘ اُجالا،
آج موري گهر سَجن آيا ري.

هندي ڀَڄن (ڪارايل)

ٿلهه:

اَب ٿُم سوچو اِسِي جُڳَت ڪو،
جِس مين جِيوَن ٿوڙَا ري.

اَب جو اَب هي سو جَب سوچو،
ڦَر نَہ پَائو ڦوڙَا ري.

اَب ڪا اَب مين اَب اَب آوي،
اُلَٽ پُلَٽ ڪا اوڙَا ري.

اَب ڪي آوَت جَاوَت جَنمِي،
پُول نہ جَانَا پوڙا ري.

اَب ٽَڪ ’ايوب‘ اَب ٿُم اَپنِي،
مُورَک ڪِيُون نَهِين موڙا ري.

Gul Hayat Institute

هندي پچن (ڪارايل)

ٿلهه:

جَاڳَت سُون جَب لاڳَت لاڳِي،
سووَت ڪِي ڳَت ڪووَت رِي.

جَاڳَت نگري ڪونه ٽُوٽَت،
ڏَرپَد ڪِي پَت پووَت رِي.

نِرڌَن نَر ڦَڙ ڪِيُون نه ڦوڙا،
هوني ڪِي نَا هووَت رِي.

نينا نگري نِيت سي پيارا،
جَشَن نگر ڪِي جووَت رِي.

ڳَهَني 'ايوب' ڪِيَا ڪُڇ ڳهي،
رَهَني ڪي ڳَت رووَت رِي.

هندي پچن (ڪارايل)

ٿلهه:

سَاڌ سَڌاوڻ سوکا سَاڌُو،
ڳُنَن اُس ڪا ڳامَا رِي.

گيڙُو پَانا ڀِيک بَنانا،
چوکا ڳرنا چَامَا رِي.

تَنبُور چَانا گَانا بَجانا،
ناچ بڙهانا نَامَا رِي.

سَاچ سُنانا سَاچ بَتانا،
سَاچ ڳمانا سَامَا رِي.

'ايوب' اَپنا اَندر رَکنا،
جيسا جِسمي جَامَا رِي.

Gul Hayat Institute

هندي ڀڄن (راڳُو)

ٿلهہ:

سَت سَنگ مِليو ري سَاڌُو ڀائي، گِيت گِياني گائو ري،
نِرگُن ڪا گُن سَمجهو صاحب، آپ ۾ آپ سَمَائو ري.

پٿر ڪي پُوجا سي ڪِيا مِلتا، سَنتا سَاچ سُنائو ري،
ڌَرم ڪَرم سڀ ڌُوڙ مٽي ۾، مُورک ڪِيون مِلائو ري.

لوهي ڪُون جَب پارس لاڳي، بَنتا ڪِيا هي بَتائو ري،
سونا ري جِسڪا نام سَڏيجي، ايسا رَنگ رَچائو ري.

اَگنِي مَايَا اُسڪا اَوَگُن، مَمتا موهہ مِٽائو ري،
سُرتِي سون جب سَت ڪنڊ کولو، نام سي نيند اُڙائو ري.

اسم 'ايوب' اوم اُجالا، آتش عِشق اُٿائو ري،
آندر مَندر ۾ آگ لڳا ڪي، جَنمي جوگ ڳمائو ري.

هندي ڀڄن (جوڳ)

ٿلهہ:

لاگت لاڳي پريم ڪِي ري، مورا مَنڙَا بَن گيا بيراڳِي،
مَنڙَا بَن گيا بيراڳِي، نينان نيند نَہ آوي ري.

پَنک بِنا پگلا آوي جَاوي، جاوي تو ڦِر نهين آوي ري،
نينان نِيند نَہ آوي ري، لاگت لاڳِي پريم ڪِي ري.

مُک بِنا مُرغا پاني نَہ پِيوي، خُون جِگر دا کاوي ري،
نينان نيند نہ آوي ري، لاگت لاڳِي پِريم ڪِي ري.

پِريم اَگنِي اگيان اوٿي، جيوڙَا جَل جَل جاوي ري،
نينان نيند نَہ آوي ري، لاگت لاڳِي پريم ڪِي ري.

'ايوب' آپي اَپني ڌُن ۾، گِيت گِياني گاوي ري،
نينان نيند نہ آوي ري، لاگت لاڳِي پريم ڪِي ري.

Gul Hayat Institute

هندي ڀڄن (پرياتي)

ٿلهہ:

نَام جَپن سي نِرگن ڪولو،
گُن گا گِيت پيارا جي.

مُورک مِينا ڳهنا مَانو، آوَت جَاوَت جَنمِي جانو،
پهلي پاپي پُوت پِڇانو، سوچو سَرِير سَارا جي.

اَوِڏيَا اَوگن منڪي ممتا، پِيک بَدن سي ڪُڇ نَهِين بَنتا،
سُرت نِرت سي سَاڌُو سَنتا، جاوي اُتر انڌارا جي.

تَابُ تَپش ڳر تَابُ تَپائو، اَندر مَندر ۾ آپ سَمائو،
نايي ڳمل سي نام ڳمائو، پُرجهي پون پسارا جي.

آد اَنت ۾ ‘ايوب’ آيا، جِيوڻ جِسمي جِيوَن پايا،
برهم گِياني پيد ٻَتايا، سَاچا سُٻنڌ سَهارا جي.

ايوب فقير جو رسالو

هندي ڀڄن (پرياتي)

ٿلهہ:

جَپو ٿُم نيت سي پيارا،
دُور اَلک دِن رين نَهِين.

چَال چَلت چوبيس هزار ڪِي، سَانس پِياس پِريت پيار ڪي،
توم نوم تن نن تات تَنوار ڪي، چِتَ ۾ چَهل پَهل چين نَهِين.

دَم قَدم ڳرو دَرشن والا، هِردا ڪولو حَرفن والا،
نِڪَتَ پَڇَانو نِرگُن والا، گِيان سون ويڪو غين نَهِين.

ڳَنتَ قول سي نَام نِرالا، اِسم اُٺائو اَوم اُجالا،
چِنتا چَمڪي چَقمق چَالا، ايسا ڪوئِي عين نَهِين.

اَب تم ‘ايوب’ اَلک جُڳائو، نَاپ نَقاش سي نِيند اُڙائو،
ڏنڪا ڏِياني ڏِيان ڳمائو، سووَت جِسڪي سين نَهِين.

هندي ڀڄن (ڪارايل)

ٿلهہ:

آئو آئو اَب گهر ميري، مين هُون تيري ٻلهاري ري،
تَنڙو ميرو تَڪِيو تيرو، تُون هِي تُون سُڌ ساري ري.

جَلنت پريمي جيءَ سُون لاڳي، جاڳي جوت اُجاري ري،
جِسم اِسم ڳا اوڙا هي، اِسم جِسم مين جاري ري.

تَن سُون مَن ڪي تات نِياري، مُک ٻِن مُرلي جاري ري،
مَن وِچ مرلي نام ڪِي باجي، نام نَرنجَن طارِي ري.

سُرت نِرت ڳا سکمڻ لاڳا، پاڳا پَئو اوتاري ري،
مين هُون مُرلي تيري، تُون هين نِرمل نام خُماري ري.

ڳهني 'ايوب' ڪيا ڪُڇ ڳهي، رَهني رَاس تُمهاري ري،
مين هُون لوها تُو هي پَارس، تيري سَنگ ساري ري.

هندي ڀڄن (ڪارايل)

ٿلهہ:

مُک ٻِن مُرلي مَن سِين تَن ڪي،
بَر مين ٻِين ٻَجَائُونگا.

ڀيد ڀيتر سين ڀولا ڀَمرا،
جَلنت پريم جَگائُونگا.

مَن سِين تَن ڪِي تَات نِياري،
دونون ڪِي لاگت لائُونگا.

نَاڀِي ڪول سِين نِکٽ ٽڪاني،
گگن مَنڊل ڏُن ڳائُونگا.

ايوب' اندر سِين اَوِڏيا اَوَگُن،'
نِرگُن نِيند اُڙائُونگا.

ڏکين لفظن جي معنيٰ

- **ويچ**: وِڇيون
- **ساڀ**: قبول پوڻ، اگهامجڻ
- **پُکي**: پاناري پوڻ، حصي ۾، ڪاتي ۾
- **آري**: وڪڙ ۾، وجهه ۾
- **هوڪاري**: هڪلون ڪري هلڻ، سندرو ٻڌي هلڻ
- **ڪاري**: ڃتي
- **ٻاڙو**: ڪارو
- **مافيون**: معافيون
- **وِٽاهه**: دشمني، وير
- **ڀِر**: اندر، ڪڏ، ڪاهي
- **مواس**: بي لغام، آجهل، سرڪش، بيپرواهه
- **سُوسٽ**: خوفناڪ آواز
- **سرٽا**: سرڻ پکي
- **سيسارَ**: درياهه جي خوفناڪ جانور جو قِسم
- **لغار**: جُهوٽو
- **ڏِسيون**: طرف، رُخ
- **ريڏيون**: ارڏائي، ڏنگائي
- **وار**: ڏينهن
- **تڙقان**: تڙپان
- **ڏَري**: ڊيڄو ڊپ، خوف
- **ويسلا**:وساريندڙ جنهن ڪي ويسر جي عادت هُجي.
- **مديون**: عيب
- **آخيري**: پيري، پوڙهپڻ
- **نسنگ**: بي ڊپو بهادر، سُورهيه
- **ڏُوڏَ**: باهه، ٻاڦ، دونهون
- **ٽانگهن**: تانگهه جو جمع، معنيٰ سِڪ، اُڪير
- **تايا**: تپايا، تپائڻ
- **پال جتيءَ**: پلائي، پال ڪرڻ
- **ڇلڻ**: هلڻ، گُهمڻ ڦرڻ
- **ڏيهي**: جسم، عضوا
- **شائڪ**: شائق، شوقين
- **سَنبت**: تياري، سنبرڻ، روانو ٿيڻ
- **ٻن**: ڇڏي ڏيڻ، ترڪ ڪرڻ
- **جَتي**: گذاري، رَهي
- **پُڄت**: پهچ، رسائي
- **پڙڪ**: سِڪ
- **اونائي**: ورنائي، ٻُڏي
- **رِلمل**: گڏيل، وِچڙيل
- **ٻوڏَ**: جِهيڙو جَهڪو
- **مِهَر**: پلائي، عنايت
- **ونجهل**: وجود جي اندروني تڪليف

Gul Hayat Institute

- پَٽ: لباس، ويس وڳا
- پنوهارن: پنهوارن
- پاس: ويجهو پر ۾
- آلفي: هزارين ڏڪ
- عُقبيٰ: انجام، واعدو
- جَڳت: دُنيا، جهان
- قبلل: اڳيان، پهرين
- قالُ: گفتگو ڳالهه ٻولهه.
- رندي: لاغرضي، لاپرواهي
- ڏري: ڊڄي، ڊپ ڪري، ڊيڄو
- پولا: وَهم، شڪ
- ڱُٺاريو: عيب ڪيڻ
- ڀلائي: ڀال ڪري
- اَجل: موت جو سڏ
- وارَ: وقت، موقعو مهل، ڏينهن
- پَڌر: ظاهر، ڏسڻ ۾ اچڻ.
- ڪاري: ٽانڪو سيبو ڇٽيءَ.
- چينئن: چٽ، هينئون
- ستوهه: ضرور، لاچار، مجبور، تاڪيد
- شتاب: تڪڙ، اُبهرائي
- وينتيون: منٿون، التجا
- ڏڙان: ڏڙ سِسي
- مُقابِل: روبرو، آمهون سامهون
- وِٿي: وِڇوٽي، فرق
- پُرَجهي: سوچي سمجهي.
- آهيرو: پکيءَ جو آکيرو، گهر
- درڪار: ڪارڻ
- آرَ: انگل، ماٺا، نخرا.
- ٻِڪيا: خيرات جا ڪجهه ڪٽا.
- ٻالَم: محبوب، سهڻو منو
- مُور: هرگز ڪڏهن نَہ.
- سَاهيان: سامهون ٿيان.
- پيئناري: پاناري پوڻ، حصي ۾ اچڻ، جهوليءَ ۾ پوڻ.
- پروس: پرائي وس، ٻئي هٿ.
- مَامَ: ڳُجهه، راز
- اُونَائي: ٻڌي سُٺي، وَرنَائي.
- ديري: اوطاق، آسڻ، بيٺڪ
- توريءَ: توڪان سواءِ
- آڙيَن: آڙيل، قاتل.
- جَڏِيءَ: معذور
- ڌَامَ: جَارَ، پکي يا مڇي ڦاسائڻ واري جار يا وانجهار.
- سَنڌ: عضوا.
- اوڙاهه: باهه جو مچ.
- اُڏَرَ: اُڏَام، اُڏامڻ.
- مارڳ: رستو گس
- حشمتدار: هِمت وارو
- اَبر: ڪڪر، بادل
- ڏُرت: ڏولائو پريشاني
- هَسڻ: کِلڻ
- پوڙ: ختم ڪر، ڦتو ڪر

- اُوناڇ: ورنائڻ، سُٺڻ
- جامون: لباس، ڏکهو چولو
- هاج: پورهيو ڏنڊو ڪِرت
- ڊِريون: ڪمزور، هيٺيون، ڏبريون
- ڳنا: ڪان
- ڪِينئَن: پنهنجن، مارُوئڙن، سانگين
- ڪنياٺل: قاصد، پيغام آڻيندڙ
- جيس: هڪجيڏو، هم عمر
- پِرَ: پنهنجي مُنهن
- اُڪنڊ: سِڪ، محبت
- ڏِيل: جسم، اندر ۾
- جاڳر: راڳ واري مجلس
- تنگيُون: مشڪلاتون، پريشانيون
- مول: شان، مان
- پولا: وَهم، گُمان، شڪ
- سَتي: بي داغ، اُجري، پاڪ پويتر
- پَڌر: کُليل ميدان، پوٽو ظاهر
- ميٽ: مِٽاءِ، ختم ڪر
- لَڪائون: ماٺهن جا هُجوم
- ماسَوالمحبُوب: نصيحت قبول نہ ڪندڙ
- ميرَ: گُمان، شڪ، وَهم
- پِرَ: گذريل سال
- مُئي مامَ: ڳجهو نہ کُلڻ وارو راز
- ڊينگهر: وٹن جون تاريون، جن سان گهرن کي لوڙهو ڏبو آهي.
- پُرجهي: پُر ٿي
- لنگهٺي: ٻُڪئي پيٽ
- تَنگيون: سُور، سختيون، غريبي، مفلسي
- تَسيا: اُڄ، طلب، بُک، فاقا
- اُمارو: اوپارو، اُپرڻ
- مَلڪن: ملائڪ
- اوٽَ: وسيلو
- چائي: چورائي
- فڪرات: فڪر، پريشاني
- همذات: ساڳي ذات مان
- هيٺي: ڪمزور، ڏُبري
- نِسَب: نسل، وابستگي، لاڳاپيل
- پُرجهي: جاڻي، جاڻو
- چِٽ: هينئون
- ڪَئوڙين: ڪروڙين، ڪروڙن ۾
- گولي: ٻانهي، غلام
- گام: ڳوٺ، ويڙهو شهر، علائقو
- اُلنيا/ اُلنبا: اُڌما، جوش، پُور
- هِرڪَن: سڏون ڪرڻ، سِڪڻ
- پَرڏَر: پنهنجي پَر ۾، پنهنجي مُنهن
- جَڦَل: وسندڙ ڪڪر
- اَجهل: اڻ جهل، بي چيو
- چاڳ: ماٺا، رُساما
- وَرٽُون: وَرَ ڪرڻ
- تائي: تڙپائي

Gul Hayat Institute

- **اُپڙ:** روانوتي، تڪڙو پيچ
- **پورا:** اڻجاڻ، نا سمجهه
- **بيچُون:** بي مثال، لاجواب
- **هنسواري:** ڪِلڻ، ڪِلندڙ
- **دوئي:** ٻيائي، بدگماني
- **ڏولائي / ڏولائو:** ڏُکر، ڏک، سُور
- **اَطهر:** پاڪ
- **گهنگهر:** مونجهارو، ڳڻتي، ارمان، ڏُک
- **ريهي:** آرام، فرحت، قرار، سُڪون
- **ناتر:** مومل جي نوڪرياڻي، ٻانهي
- **نکت:** تارا يا تارن جو ميڙ (جيڪي چنڊ جي رستي ۾ اچن ٿا ۽ جن جي اُيرڻ ۽ لهڻ سان مُندون متجن ٿيون.
- **تگڻ:** جيئڻ، زنده رهڻ
- **اُلتي:** اُبتي، اُبتو
- **سَرس:** وڌيڪ، گهڻو سوايو
- **ريهه:** سَنڌو، ٽانڪو
- **صاپ:** قبول پوڻ، آگهامجڻ
- **مُوران:** ماڳهين، بلڪل بہ نہ
- **مجالت:** پُڄندي، وس، رسائي
- **اوپڙ:** ٻوٽن وغيره جو ڦوٽهڙو
- **اُڪائين:** اُڪامڻ، بيهي رهڻ
- **ڪَري:** سچي، تازي
- **ڪَل:** خبر چار، سار لهڻ
- **رُک:** رُخ، طرف

- **چاند:** چنڊ
- **سَخيا:** سکي، دوست، ساٿي
- **لکي:** ڏسڻ، سُڃاڻڻ
- **ٻڌواني:** عقل وارو، سمجهه وارو
- **گُن:** ٿورا، احسان
- **لاگت:** محبت، پيار، پريم
- **اُجواڙا:** سوجهرو، روشني
- **ستگُر:** مرشد، رهبر، سنئين دڳ لائيندڙ
- **ساک:** رستو، گس، پيچرو
- **تند تاني:** ساهه جو رستو
- **پتنگت:** رُلڻ، پتنڪڻ
- **پولي:** پورائپ: پورو ماڻهو
- **پُورن:** ويچار، وهم
- **کنتن:** ڏُکيو مشڪل
- **رين:** رات
- **راس:** نهڻ، جُڙڻ
- **آوَن جاوَن:** اچڻ، وڃڻ
- **گگن:** آسمان
- **ڀُول:** وسارڻ، دل تان لاهڻ
- **ڀيد:** راز، آنت
- **پُر جهر:** هڪٻئي ۾ سمائجي وڃڻ
- **اُڏتي:** اُڏامڻ، اُڏامي.
- **پيڙا:** گَڏ، ساٿ
- **ساچي:** سچي
- **موري:** منهنجي

- **سَجن:** محبوب، پيارو
- **پائو:** پائڻ، حاصل ڪرڻ
- **ڦوڙا:** ڏک، پريشانيون
- **اوڙا:** رستو گس، پيچرو
- **جنمي:** جنم زندگي
- **پيوڙا:** ڀُليل، راهه تان هَٽي ويل
- **مُورک:** بي سمجهه، اڻجاڻ
- **جاگت:** جاڳڻ، سجاڳي ڪري رهڻ
- **گت:** رستو پيچرو گس
- **ڪووت:** وڃائڻ
- **ٽوٽت:** ٽٽڻ، ٽٽي پوڻ
- **ڏرڀد:** ڏرتي تي رهڻ جو وقت
- **جووت:** ڏسڻ، ڏيکاءَ
- **رووت:** روئڻ، غم، ڏک
- **ساڌ:** سچو ڪرو
- **بيک:** جوڳي ٿيڻ، دنيا مان لالچ ختم ڪرڻ
- **چاما:** سنا ڪم ڪرڻ
- **چانا:** ڪٽڻ
- **ساچ:** سچ
- **ساما:** سُتو سُهڻو ٻئي ڪي وڻندڙ
- **نِرگُن:** بنا لالچ جي، بنا ٿوري ڪرڻ جي
- **آگني:** باهه، جوت
- **مِٽائو:** مِٽائڻ، ختم ڪرڻ
- **سُرتي:** عقل

- **اومر:** الله، ڀڳوان
- **جوڳ:** دنيا کان لاتعلق ٿيڻ
- **پگلا:** چرياڻ، پاڳل
- **نينان:** نيڻ، اکيون
- **مُک:** مُنهن، پاڻي پيئڻ لاءِ وات
- **اوٽي:** اوٽ، سهارو ٽيڪ
- **جَل جَل:** بار بار جلڻ، سڙي خاڪ ٿي وڃڻ
- **گِياني:** سمجهه وارا، فهم، عقل وارا گيت
- **نام جپن:** تسبيح جي ذريعي وِرد ڪرڻ
- **آوديا:** بغير علم جي، بي سمجهه
- **مَنکي:** من جي، اندر جي
- **سُرت نِرت:** سوچ سمجهه
- **ناپي:** ڏُن، سونٽي
- **آدآنت:** جنهن جي نہ اڳياڙي هُجي، نہ پڇاڙي هُجي
- **برهم گياني:** وڏي عِلم وارو، وڏي ڄاڻ وارو
- **هِردا:** دليون
- **نِکت:** اڻکٽ
- **ڌنکا:** دولت، مايا، ملڪيت
- **سووت:** سمهڻ، غافل ٿيڻ
- **سين:** عادت
- **تنڙو:** تن، من، اندر

- **جلنت پريمي**: خدا سان محبت ڪندڙ
- **اوڙا**: متبادل
- **نرنجن**: خدا، ڀڳوان، رهبر، سُونهون
- **سڪمڙ**: رشتو ڏوري، ڳانڍاپو
- **خُماري**: خمار، خوشي، مستي
- **بَر**: بيابان، رڻ
- **ڀيد**: راز
- **ڀمرا**: ساھ پساھ
- **اَوڌِيا**: بي علمي
- **اوگن**: اوگڻ، خراب عادت

Gul Hayat Institute